# سنڌي ٻولي
تحقيقي جرنل

ايڪيهين صديءَ جو
جلد پنجون_ شمارو پهريون
جنوري _ مارچ 2012

چيف ايڊيٽر
ڊاڪٽر فهميده حسين

ايڊيٽر
تاج جويو

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي،
حيدرآباد، سنڌ

# سنڌي ٻولي
تحقيقي جرنل

| | |
|---|---|
| چيف ايڊيٽر: | ڊاڪٽر فهميده حسين |
| ايڊيٽر: | تاج جويو |
| ڪمپوزنگ: | حسين احمد ميمڻ |
| گرافڪس: | اسدالله ڀٽو |
| جلد: | پنجون |
| شمارو: | جنوري- مارچ 2012ع |
| سال: | پهريون |
| ڇپائيندڙ: | سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ. |
| ڇپيندڙ: | پاڪيزه پرنٽرس، حيدرآباد، سنڌ |
| ملهه: | 70 روپيا |

ISSN: 968_8194_01_0

ايڊيٽوريل بورڊ:
محمد ابراهيم جويو
ڊاڪٽر غلام علي الانا
نورالهديٰ شاهه

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ❋ پنهنجي پاران | چيف ايڊيٽر | 05 |
| ❋ سنڌي صورتخطيءَ جا ڪي حل طلب مسئلا | ڊاڪٽر فهميده حسين | 07 |
| ❋ بمبئي ۽ مدراس، بنگال پريزيڊنسين ۾ ڪاليجي تعليم ۽ اُن جا اثر ۽ سنڌ ۾ هڪ آرٽس ڪاليج قائم ڪرڻ جي لاءِ گذارش | ڏيارام گدومل | 31 |
| ❋ پرنٽ ميڊيا جي اهميت ۽ اخبارن ۾ ڪم ايندڙ ٻوليءَ جو سرسري جائزو | مقصود گل | 78 |
| ❋ تنوير عباسي: فنونِ لطيفہ جو هڪ پارکو | ڊاڪٽر غلام علي الانا | 87 |
| ❋ تنوير ٻہ تہ اسان جو مستقبل آهي | اِمداد حسيني | 91 |
| ❋ تنوير عباسي، هڪ لافاني شاعر | ڊاڪٽر نورافروز خواجہ | 97 |
| ❋ تنوير عباسيءَ جي خاڪانگاري: هڪ جائزو | ڊاڪٽر ادل سومرو | 102 |
| ❋ تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ علامتون ۽ اهُڃاڻ | اياز گُل | 114 |
| ❋ شمشير: هڪ دور جو نالو آهي | اِمداد حسيني | 131 |
| ❋ شمشيرالحيدريءَ بابت ٻہ لفظ | عنايت بلوچ | 138 |
| ❋ مولا تي ننگ | هدايت بلوچ | 141 |
| ❋ شب و روز شمشير، ڳرندو وڃين! | نصير مرزا | 146 |


## پنهنجي پاران

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران وقت جي پابنديءَ واري روايت تي ڪاربند رهندي، ’سنڌي ٻولي‘ جرنل جو هي پرچو وقت سر ڇاپي پڌرو ڪيو ويو آهي. هي شمارو 2012ع جي، پنجين جلد جو پهريون شمارو آهي. هميشہ جيان هن ڀيري پڻ جرنل ۾ اهم موضوعن تي مضمون ۽ مقالا شامل آهن: جن ۾ 19 صديءَ جي هڪ تاريخي دستاويز جو ترجمو بہ شامل آهي، جيڪو محترم ڏيارام گدومل سنڌ ۾ پهريون باقاعده ڪاليج قائم ڪرائڻ لاءِ انگريز سرڪار کي لکيو هو جنهن ۾ هن ننڍي کنڊ جي ٻين پريزيڊنسين ۾ ڪاليجن قائم ٿيڻ سبب تعليم جي ميدان سان گڏ سماج ۾ آيل مثبت تبديلين جا مثال ڏئي، بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ شامل سنڌ ۾ اهڙيءَ صورت کي واضح ڪري اهڙي گهر ڪئي هئي. هن دستاويز ۾ ان دور ۾ سنڌ ۾ تعليم جي صورتحال تي پڻ چڱي روشني وڌل آهي، انهيءَ جو سنڌي ترجمو جناب گل محمد عمراڻيءَ تمام سهڻي نموني ڪيو آهي.

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي هوندئن تہ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب بابت گهڻا ئي سيمينار، مذاڪرا، ورڪشاپ وغيره ڪرائيندي رهي ٿي، پر گذريل سال کان سنڌ جي اهم شاعرن ۽ اديبن بابت سيمينار يا انهن سان گڏجاڻيون ۽ ڪچهريون ڪرڻ جي روايت پڻ وڌي وئي آهي. ان ڏس ۾ گذاري ويل شاعرن مان نيازهمايونيءَ ۽ تنوير عباسيءَ بابت سيمينار ڪيا ويا ۽ حال حيات شاعرن مان محترم شمشيرالحيدريءَ سان روح رهاڻ ڪئي وئي. هن پرچي ۾ انهن مان تنوير ۽ شمشير بابت پڙهيل مضمون ۽ تاثر شامل ڪيا ويا آهن ۽ اميد آهي تہ ايندڙ پرچي ۾ نياز همايونيءَ بابت مضمون ۽ تاثر ۽ ان وقت تائين ٿيل ٻين سيمينارن ۾ پڙهيل مضمون ۽ تاثر بہ شامل ڪنداسين.

تازو پارت جي سنڌي اديبن سنڌ جو دورو ڪيو ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي 268 ورسيءَ جي موقعي تي شاهہ سائينءَ جي فن ۽ فڪر بابت سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي پاران ڀٽ شاهہ ۾ ڪرايل بين الاقوامي ادبي

ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي، تنهن ڪانسواءِ ڪراچيءَ ۾ اڻارٽيءَ پاران هڪ سيمينار ڪرايو ويو. ان ڪان پوءِ اهي شاهه لطيف چيئر پاران ڪرايل ڪانفرنس ۾ پڻ شريڪ ٿيا. ايندڙ پرچي ۾ اڻارٽيءَ پاران ڪرايل سيمينار ۾ انهن جا پڙهيل مقالا پڻ شامل ڪيا ويندا، جنهن جو موضوع هو ”هند ۾ سنڌي ٻوليءَ جي صورتحال“.

اسان کي اُميد آهي تہ پڙهندڙن کي سنڌي ٻولي جرنل جو هي پرچو بہ اڳي جيان ضرور پسند ايندو ۽ هو اسان کي پنهنجن راين کان آگاهہ ڪندا.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**
چيف ايڊيٽر



# سنڌي صورتخطيءَ جا ڪي حل طلب مسئلا

گذريل ڪجهہ سالن کان ڪتابن جي تياريءَ، لکڻ، ڪمپوزنگ، ايڊيٽنگ ۽ پروف ريڊنگ جي دوران پيش ايندڙ مسئلن مان هڪ اهم مسئلو مرڪب سنڌي لفظن جي گڏي يا ڌار لکڻ بابت اڪثر سامهون ايندو رهيو آهي، جيڪو مسئلو سنڌي ٻوليءَ جي هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ مون کي ان ڳالهہ تي اتساهيندو رهيو تہ سنڌيءَ ۾ لکجندڙ ۽ ڇپجندڙ ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن لاءِ ڪو اهڙو رهنما قاعدو تيار ڪرائجي، جنهن جي مدد سان اهو مسئلو حل ٿي سگهي. ان ڏس ۾ تحقيق ڪري هڪ ننڍڙو مضمون تيار ڪري، آڪٽوبر مهيني ۾ محترم محمد ابراهيم جويي صاحب کي موڪليم تہ جيئن سندس ان ڏس ۾ مني صديءَ جي تجربي مان بہ ڪجهہ فائدو وٺجي، پاڻ مهرباني ڪري نہ صرف ان ۾ ضروري درستيون ۽ واڌارا ڪري ڏنائين، پر مون کي فون تي ۽ روبرو تمام سهڻي نموني ڪي ڳالهيون سمجهايائين. اهو مضمون ڪمپوز ٿيو ۽ جڏهن ’سنڌي ٻولي‘ جرنل لاءِ آيل سمورن مضمونن مقالن کي گڏي ايڊٽ ڪرڻ لاءِ مون کي ڏنو ويو تہ اُن ۾ ساڳئي موضوع تي محترم الطاف جوکيي جو مقالو ”سنڌي صورتخطيءَ ۾ لفظن جي مرڪب صورت وارو معاملو“ جي عنوان سان موجود هو. ۽ منهنجيءَ حيرت جي انتها نہ رهي، جو ٻنهي مضمونن ۾ تقريباً ساڳين ئي لفظن جو معاملو کنيل هو.

انهن مان ڪي لفظ هي آهن:

| | | |
|---|---|---|
| ڪان پوءِ | – | ڪانپوءِ |
| ڪان سواءِ | – | ڪانسواءِ |
| مون کي | – | مونکي |

| | | |
|---|---|---|
| هن ڪي | – | هنڪي |
| تنهن ڪي | – | تنهنڪي |
| جنهن ڪي | – | جنهنڪي |
| ڪنهن ڪي | – | ڪنهنڪي |
| منهن جو | – | منهنجو |
| تنهن جو | – | تنهنجو |
| پنهن جو | – | پنهنجو |
| هن جو | – | هنجو |
| جنهن جو | – | جنهنجو |
| ڪنهن جو | – | ڪنهنجو |
| تنهن ڪري | – | تنهنڪري |
| جنهن ڪري | – | جنهنڪري وغيره |

ان جا ٻه ڪارڻ ٿي سگهن ٿا: پهريون اهو ته اهي ئي لفظ آهن، جن جي لکڻ ۾ مونجهارو آهي ۽ ٻيو اهو ته هن کان اڳ انهيءَ موضوع تي جيڪا به تحقيق ٿي آهي، عالمن ليک لکيا آهن، ورڪشاپ ٿيا آهن يا ڪميٽيون قائم ڪري بحث ڪيا ويا آهن. انهن ۾ اهي ئي لفظ بار بار سامهون ايندا رهيا آهن ۽ حيرت جي ڳالهه آهي ته 19 صديءَ جي وچ ڌاري انگريزن پاران عربي- سنڌي لپيءَ جي منظوريءَ کان وٺي، انهيءَ مسئلي تي سوچيو ويو آهي، پر معاملو اتي جو اتي رهيو آهي.

موضوع ساڳيو هوندي به ٻنهي ليکن ۾ يقيناً فرق هو مون عام پڙهندڙن لاءِ بيانيه انداز ۾ مسئلي کي پيش ڪيو هو ۽ هِي مقالي ۾ اڪيڊمڪ ريسرچ جي طريقي سان لکيل هو. پر مون بهتر سمجهيو ته الطاف جوکئي جو اهو مقالو پهرين ڇپجي، ۽ ان کان پوءِ بحث جي ابتدا ڪجي. مقصد ته ساڳيو آهي "مسئلي جو حل" - پر هڪ صديءَ کان ان تي غور فڪر جي باوجود اڃا متفق نه ٿي سگهيا آهيون. شايد ان ڪري، جو هميشه ان مسئلي کي جذباتي انداز ۾ حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي ابتدا ۾ منظور ٿيڻ مهل ديوناگري لپيءَ جي حامين پنهنجا جواز پيش ڪيا هئا ۽ اهو ثابت ڪرڻ چاهيو هو ته سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لپي ئي مناسب هئي. ان جا آواز، ان جون بناوتون، ان جون ماترائون سنڌي ٻوليءَ جي سُرن ۽ آوازن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ بهتر هيون وغيره. ڊگها بحث ٿيا، ڪميٽي ويٺي، لپي طئي ٿي، اسسٽنٽ ڪمشنر سنڌ مسٽر ايلس آخرڪار فيصلو ڪيو ۽ سنڌ ۾ عربي سنڌي لپي رائج ٿي.

شروع شروع ۾ لفظن جي جوڙجڪ ۽ هِجي بابت ڪو به مقرر اصول ڪونه هو. مختلف ماڻهو ساڳيا لفظ مختلف نموني لکي رهيا هئا، مرڪب لفظ ته پري جي ڳالهه رهي، پر خود سادا لفظ به هڪجهڙائي رکندڙ نه هئا. مثال طور:

جهه   جَنهِن   جهيٍ
گهه   ڪنهين   ڪهيٍ
جَڏه   جڏهه   جڏهيٍ   جڏهِين   جڏين
ڪَڏهِ   ڪَڏهه   ڪڏهيٍ   ڪڏهين   ڪڏين   وغيره

(ص 129 – سنڌي صورتخطي – ڊاڪٽر غلام علي الانا)

مختلف عالمن پاران مرڪب لفظن مان ڪي هنن صورتن ۾ لکبا هئا:

پنهنجي   پنھنجے   پهنجي
سيڳه   سيڪنهه   (ص 131 ـ الانا)

جڏهن 1853 ۾ تعليم کاتي پاران ديوان ننديرام جو ٻاراڻو ڪتاب "باب نامو" ڇپرايو ويو هو (جنهن جا پوءِ ٻيا به ڇاپا آيا) ان ۾ اهڙا ڪيترا ئي لفظ گڏي لکيا ويا هئا، جن جو پاڙ ۾ ڪو لاڳاپو ڪو نه هو يعني اهي مرڪب لفظ جي وصف ۾ اچن ئي نٿا. مثلاً (جيتلي ص 178) "ڳجيترن"، "انمان"، "اننکي"، "نکجي" يا ڪي مرکب لفظ "هيڪجهڙي"،

"جيڪڏهي" (ص 167_168) ان ئي دور ۾ گولڊ سمڊ 1861 ۾ "قصو سسئي ۽ ڄام پنوءَ جو" نالي ليک ۾ هيٺيان لفظ شامل ڪيا هئا:

"جهنجي"، "پانهجا"، "ڳهينڪي" (جيٽلي ص 171)

ڪيپٽن جارج اسٽئڪ جي سنڌي_ انگريزي ڊڪشنري، جيڪا بمبئي سرڪار 1855ع ۾ ڇپرائي هئي، ان ۾ ديوناگري سنڌي لپي هئي (جيڪا هاڻ 2011ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ديوناگريءَ سان گڏ عربي لپيءَ ۾ بہ ڇپائي آهي)، ان کي 1879 ۾ جارج شرٽ، مرزا صادق علي بيگ ۽ اڌا رام ٿانور داس سامهون رکي، عربي لپيءَ ۾ پنهنجي ڊڪشنري ڇپرائي (ڪراچيءَ مان)، ان ۾ هِجيئن جي مسئلي ڏانهن مرتبن جو ڌيان هو جن لکيو هو تہ:

"اسين معافي گهرون ٿا تہ هن ڊڪشنريءَ ۾ ڪيترن سنڌي لفظن جون جدا جدا هِجيئون ڏنيون ويون آهن، چاهي اهي هِجيئن جا فرق گهٽا نظر ايندا هجن، پر هن وقت انهن کي ڊڪشنريءَ مان هٽائي ڇڏڻ ممڪن نٿو لڳي، ڇاڪاڻ تہ گهڻن ئي لفظن جا اهڙا علحده اچار نہ فقط ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ٻڌڻ ۾ پيا اچن، پر اهي سڀ لکيل ٻوليءَ ۾ پڻ داخل ٿي چڪا آهن. ممڪن آهي تہ لفظن جون اهي سڀ مختلف صورتون لکاوٽ ۾ پنهنجو وجود قائم رکي نہ سگهن. انهن مختلف هِجيئن مان ڪن جو استعمال لکاوٽ مان جيترو جلد ڪڍي ڇڏجي اوترو بهتر ٿيندو. پر هن وقت اسين فقط انومان ڪري سگهون ٿا تہ جدا جدا هِجيئن مان ڪهڙيون هِجيئون وڃي آخر ۾ قائم رهنديون. هيءُ هڪ اهڙو سوال آهي، جنهن کي 'ورنيڪيولر لٽريچر ڪاميٽيءَ' ۾ بحث جو موضوع بنائڻ گهرجي."

(جيٽلي 180 حوالہ در حوالہ: Rev. G Shirts Udharam Thanvrdas and S.F Mirza, A Sindhi – English Dict. Karachi 18_79 page)

هنن اهڙا ڪجهہ لفظ بہ ڏنا، جهڙوڪ:

اِتون، اِتان، اِتهن، اتهُون، اتهين، اِتئُون، اِٿان، اٿانئون، اٿانئين، اِٿُون

اهي هِجيئن جا فرق توڙي لفظن جو مختلف استعمال، ديوناگري صورتخطيءَ ۾ اڳئي موجود هو.

هاڻي جڏهن ڪيپٽن جارج اسٽئڪ جون ڊڪشنريون اٿارٽيءَ پاران ديوناگريءَ سوڌو عربي_ سنڌي لپيءَ ۾ ڇپجي آيون آهن (2011ع) تہ اها ڳالهہ صاف ڏسي سگهجي ٿي ۽ سنڌي_ انگريزي ۽ انگريزي – سنڌي ڊڪشنرين جي ديوناگري صورتخطيءَ ۾ مرڪب لفظن کي گڏي لکڻ يا ڌار لکڻ وارو عمل پڻ پڌرو آهي، جيڪو گهڻوڪري ديوناگريءَ مان عربي ۾ التائڻ ڪانپوءِ بہ قائم رکيو ويو آهي. هتي اسٽئڪ جي لغتن مان مثال ڏجن ٿا. پهرين سنڌي_ انگريزي ڊڪشنريءَ مان مثال ڪڍون ٿا:

"اڪمڪڙ، اڪنٽڙو، اڪچنپ، اڳجائو، اڳڪٽي، اڳڳٽتي، اڳيرو (ص 15) اٽچڱو (ص 23) ڪنلاٿار (ڪن لاٿار) ڪنسوپاري (ڪن سوپاري) (ص 83) ڪچڪچ (112) ڪتيپچ (ڪتي پچ) ڄاٽيٻجهي ڄاٽيواٽي (ڄاٽي ٻجهي ڄاٽي واٽي) (ص 227) زبانخوري (زبان خوري) (ص 230)، ايڏتانئين، ايڏتانئون، ايڏتانهئن، ايڏ تانها وغيره (ايستائين لاءِ).

ان کان سواءِ سندس انگريزي – سنڌي ڊڪشنريءَ ۾ بہ ڪيترائي مرڪب لفظ گڏ لکيل ملن ٿا. هڪ پيرو وري بہ چونديس تہ ديوناگريءَ ۾ هئڻ باوجود انهن جو ذڪر ان لاءِ ڪري رهيا آهيون، جو ان سان مرڪب لفظن کي گڏي لکڻ جي روايت بہ ثابت ٿئي ٿي تہ وري اهڙا ڪي لفظ ڌار لکيل ملن ٿا، جيڪي هن وقت گڏي لکيا وڃن ٿا. مثال طور:

"جيسين تائين" (جيستائين) "جيسين توڻي"، (ص158) "هڪمتيو" (هڪ متيو) "هڪصلاحو" (هڪ صلاحو) "هڪدليو" (هڪ دليو) (ص15) "هڪٻئي"، "هيڏانهنهوڏانهن" (هيڏانهن هوڏانهن) (ص15)

"انوٹجارو" (ان وٽجارو) "انپڙيو" (ان پڙيو معنيٰ ان جي پڙي لڳائيندڙ)

سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي مرڪب لفظ اڳياڙين پڇاڙين سان ٺهندا آهن، انهن جو ٻه ڪو هڪ اصول نظر نٿو اچي. اسٽئڪ جي هن ڊڪشنري ۾ هي لفظ گڏيل صورت ۾ لکيل ملن ٿا. ٻن اڳياڙين ۽ پڇاڙين، "بي" ۽ "اڻ" جا لفظ ڏسو:

| | |
|---|---|
| بيمروت | اڻپڇيو |
| بيرحم | اڻڏٺل |
| بيدليو | اڻپڙهيل |
| بيداغ | اڻتريو |

ڇا ڏيڍ پوڻيون ٻه صديون گذرڻ کان پوءِ به اسان انهن جي گڏ يا جدا لکڻ جي باري ۾ ڪجهه طي ڪري چڪا آهيون؟ ۽ ڇا اڄڪلهه به ڪا هڪ صورت مقرر آهي؟

بهرحال ان کان پوءِ انهيءَ مسئلي کي 1888ع ۾ سرڪاري طور حل ڪرايو ويو ۽ سنڌ جي ايجوڪيشن انسپيڪٽر مسٽر جيڪب، اهڙن لفظن جا چارٽ ٺهرائي صورتون مقرر ڪرايون ۽ اهي اسڪولن ۾ ورهايا. پر اجا به ڪي حل طلب ڳالهيون رهجي ويون. انهن لاءِ 1913ع ۾ سنڌي لٽريچر ڪميٽيءَ ٺهراءُ پاس ڪرائي ڪجهه ٻيا لفظ شامل ڪيا. پر مسئلو وري به حل نه ٿيو وقت گذرڻ سان درسي ڪتاب ڇپجڻ لڳا ته لفظن جي صحيح اچارن لاءِ انهن تي اعرابون ڏيڻ بابت به ساڳيو مونجهارو قائم رهيو ۽ زبر، زير، پيش، جزم، شد جي استعمال ۾ فرق نظر ايندو رهيو.

بمبئي پريزيڊنسيءَ جي تعليم کاتي 'ٽيڪسٽ بڪ رويو ڪميٽي' جوڙي، نوان درسي ڪتاب ناهڻ جو ڪم ديوان پريمچند، مرزا قليچ، ڪوڙي مل کلناڻي ۽ پيرو مل مهرچند جي مدد سان ڪرايو ويو. ان کان پوءِ 1905 ۾ جيڪي نوان ڪتاب پڌرا ٿيا هئا، انهن ۾ هِجيئن بابت ڪجهه ويچار ڪيو ويو هو. 1913ع ۾ تعليمي ماهرن ۽ سنڌي عالمن لفظن جون فهرستون ٺهرايون، اهي گهڻو ڪري مفرد لفظ هئا يا مرتب لفظ جيئن :

| **غلط** | **صحيح** | |
|---|---|---|
| اونڏائي | اونداهي | |
| ڏهاٽي | ڏهاڙي | |
| مرڪب | | |
| بدماش | بدمعاش | (جيٽلي 182) |

1936ع ۾ سنڌ صوبي جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ کان پوءِ جڏهن ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو "ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن" مقرر ٿيو ته 1940ع ۾ پهرئين کان چوٿين تائين وارن ڪتابن ۾ عربي اعرابن جا سڏارا ڪيائين، پر گڏوگڏ هن ٻوليءَ کي به عربي فارسي آميز ڪيو جنهن تي هندو عالمن گهڻو احتجاج ڪيو. ڄيٺمل پرسرام 1940 ۾ سنڌي ساهت سڀا جي پليٽ فارم تان اهڙو اظهار ڪيو ۽ ان ڏس ۾ ست چوپڙيون ڇپايون. 1941ع ۾ سنڌي سميلن ڪراچيءَ ۾ ڪوٺايو ويو جنهن ۾ ڪشنچند بيوس پڻ صورتخطيءَ جي مسئلي تي ڳالهايو ۽ گهڻو ڪري اعرابن جي استعمال تي بحث ڪيو. اهو سلسلو 1947ع تائين هليو.

1947ع ۾ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ به ڊاڪٽر دائودپوٽي سنڌيءَ ۾ ڳرن عربي فارسي لفظن جي استعمال جو اهو سلسلو جاري رکيو جنهن تي سنڌ مان محمد ابراهيم جويو، سراج ۽ ڪن ٻين اديبن ۽ تعليم دانن تنقيد ڪئي. ان معاملي تي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي پنهنجي ڪتاب ۾ کليءَ طرح سان ويچار ونڊيا آهن. هِجيئن جي مسئلي تي جيٽلي صاحب لکي ٿو:

> عربي سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪهڙا لفظ گڏي لکجن ۽ ڪهڙا جدا لکجن، انهيءَ واسطي به ڪو سرشتو ٺهي نه سگهيو آهي. "منهنجو"، "تنهنجو"، "پنهنجو" کي هڪ لفظ وانگر ئي لکڻو پوندو ڇاڪاڻ ته انهن ۾ "جو" حرف جر اڳيان پابند روپ آهن، پر مونکي (مون کي) "مونسان" (مون سان) مونتي (مون تي) لفظن کي گڏي نه لکڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته انهن ۾ به آزاد لفظ آهن، ساڳيءَ طرح

لکي ٿو. ”وڃي ٿو“ لفظ کي بہ ڪيترا عالم گڏي ”وڃيٿو“ لکندا آهن.“ (جيٽلي 191)

اهو مسئلو اڄا تائين هلندو اچي. ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ڪتاب ”سنڌي صورتخطيءَ“ ۾ صورتخطيءَ جي مونجهارن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مرڪب لفظن کي ڪو نہ ڇهيو.

هن انهيءَ مسئلي تي پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس“ ۾ تفصيل سان لکيو آهي، جن مرڪب لفظن ۾ مونجهارو آهي، انهن جي فهرست هت ڏجي ٿي ۽ سندس پاران تجويز ڪيل درست صورتخطي پڻ موجود آهي. پاڻ لکي ٿو:

”سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ جيڪي عام طور جدا جدا نموني لکجي رهيا آهن... انهن لفظن جي صورتخطي مقرر ڪرڻ گهرجي:

| مرڪب لفظ | | هڪ صورتخطيءَ لاءِ سفارش |
|---|---|---|
| اڄڪلهه | اڄ ڪلهه | اڄڪلهه |
| اسانکي | اسان کي | اسان کي |
| اسانوٽ | اسان وٽ | اسان وَٽ |
| اسانجو | اسان جو | اسان جو |
| اڻپڙهيل | اڻ پڙهيل | اڻپڙهيل |
| اڻپور | اڻ پور | اڻپور |
| بيحال | بي حال | بيحال |
| بيدرد | بي درد | بيدرد |
| بيوقوف | بي وقوف | بيوقوف |

(اهڙيءَ ريت ڊاڪٽر صاحب ’بي‘ ۽ ’اڻ‘ اڳياڙين وارا سمورا لفظ گڏ لکيا)

| | | |
|---|---|---|
| سيڪو | سپ ڪو | سيڪو |
| منهنجو | منهنجو | منهنجو |
| مونکي | مون کي | مون کي |
| هڪٻئي | هڪ ٻئي | هڪ ٻئي |
| هڪجهڙو | هڪ جهڙو | هڪجهڙو |
| هنکي | هن کي | هن کي |
| يادداشت | ياداشت | ياداشت |

هوڏانهن پروفيسر علي نواز جتوئيءَ پنهنجي ڪتاب ”علم اللسان ۽ سنڌي زبان“ ۾ ”صرفيات“ واري باب ۾ لفظن جي جوڙجڪ جو بيان ڪندي ٿورو گهڻو مرڪب لفظن لکڻ جي حوالي سان بہ لکيو آهي. جتوئي صاحب لفظن جا قسم، بنيادي طور بہ ٽو ڄاڻائي، هڪڙا بنيادي سادا ۽ مفرد لفظ ۽ ٻيا ثانوي لفظ، ثانوي لفظن جي وصف هن ريت ٿو ڪري:

”ثانوي لفظن ۾ وري ٻہ قسم آهن، هڪڙا پيچيده (Complex) ۽ ٻيا مرڪب (Compound). پيچيده لفظ اهي آهن، جن کي جيڪڏهن ٽوڙبو تہ ان جا جزا مطلب وارا ٿيندا، اگرچہ اهي سالم لفظ نہ بہ هجن (ص 98)

مثالن لاءِ جيڪي لفظ ڏنا اٿس، انهن ۾ ”سچار“، ”سچائي“، ”سچيرو“، ”ڪنڀار“ ۽ ”لوهار“ وغيره شامل آهن، جن ۾ ”سچ، ڪنڀ، لوهہ، پد آهن، جن ۾ پڇاڙيون ڳنڍي نوان لفظ ٺاهيا ويا آهن. ثانوي لفظن ۾ مثال طور هي لفظ بہ ڏنا ويا آهن. ”ڪسنگ“، ”جانور“، ”خداوند“، ۽ هڪ هنڌ جتوئي صاحب لفظ ”وڃيٿو“. ملائي بہ لکيو آهي. جتوئي صاحب لکي ٿو تہ:

”مٿين لفظن جي جُزن مان هر هڪ جزي کي وڏيڪ معنيٰ وارن جزن ۾ ٽوڙي نہ سگهبو ۽ هر هڪ جزو معنيٰ وارو آهي. صرفين جا جيڪي مثال مٿي ڏنا ويا آهن، تن مان هڪڙيون اهڙيون صورتون (Forms) آهن، جيڪي پنهنجي سر سالم سادا لفظ ٿي ڪم اچن ٿيون، جهڙوڪ ”سنگ“،

"جان" ۽ "خدا" وغيره اهڙين صورتن کي آزاد صورتون (Free Forms) سڏجي ٿو. ٻيون اهڙيون صورتون آهن، جيڪي پنهنجي منهن لفظ ٿي ڪم اچي نٿيون سگهن. مگر ٻين صورت سان ملي لفظ ٿي پون ٿا. جهڙوڪ "سچ"، "ڪنپ" ، "لوهہ"، "آر"، "ايرو" وغيره. اهڙين صورتن کي پابند صورتون (Bound Forms) سڏجي ٿو گويا لفظن ناهڻ لاءِ اهي صورتون ٻين صورتن جون پابند آهن ۽ انهن کان آزاد ٿي نٿيون سگهن تنهنڪري، اُها اچاريل صورت، جا آزاد هجي يا پابند، جنهن کي مطلب وارن ننڍين جزن يا ٽڪرن ۾ ورهائي نہ سگهجي، تنهن کي صرفيو سڏجي ٿو. "(ص 99)

محترم علي نواز جتوئيءَ، مٿين لفظن مان "سچ" ، "ڪُنپ" ۽ "لوهہ" کي لفظ نہ، پر پابند صورتون ۽ پد سڏيو آهي، ڇاڪاڻ جو اهي آخري اکر تي جزم سان پڇاڙيون ڳنڍيين ٿا ۽ سنڌيءَ ۾ مڪمل لفظ (معنيٰ سان) آخري اکر تي اعراب يا سُر سان استعمال ٿيندو آهي ("سچُ" "ڪنپُ" "لوهہُ") جڏهن تہ ٻئي قسم جي لفظن ۾ سنگ (ڪ اڳياڙي سان ڪسنگ) ۽ "خدا (وند پڇاڙيءَ سان "خداوند) کي مرڪب لفظ سڏيو آهي. انهن سان لفظ "جانور" کي بہ شامل ڪيو آهي، جڏهن تہ اهو پڻ ساڳئي مٿئين اصول موجب ٻهرئين قسم ۾ ڳڻڻ گهربو هو جنهن ۾ "جان" ۾ "ن" تي جزم آهي ۽ "ور" پڇاڙي ڳنڍيل آهي. انهيءَ فهرست ۾ "وڃيتو" لفظ بلڪل نهڪي ڪو نہ ٿو. جيڪو هڪ فعلي لفظ آهي ۽ ٻن فعلن جو جوڙ آهي، جنهن ۾ هڪ بنيادي ۽ ٻيو معاون فعل آهي، جيڪي ٻئي ملي زمان حال جو صيغو ناهين ٿا. (جيتلي صاحب ان بابت ذڪر ڪيو آهي) سنڌيءَ ۾ اهڙا ٻيا لفظ "اچي ٿو" ، "لکي ٿو"، "پڙهي ٿو" گڏي لکيل ڪٿي بہ نظر نٿا اچن. بهرحال علي نواز جتوئي صاحب ثانوي لفظن جو ٻيو قسم مرڪب لفظن جو ڄاڻايو آهي جن لاءِ لکي ٿو:

"مرڪب لفظ اهي آهن، جن جي صورت کي ٽوڙبو تہ اهي سادا لفظ ٿي پوندا، جن جي نرالي معنيٰ هوندي ۽ آزاد صورت رکندا، جهڙوڪ

لٺ سردار = لٺ + سردار
ڪمبخت = ڪم + بخت
جهنگبلو = جهنگ + ٻلو
هٿڪڙي = هٿ + ڪڙي
سؤپيري = سؤ + پيري
نمڪحرام = نمڪ حرام
ورڪشاپ = ورڪ +شاپ "

جتوئي صاحب پاران ڏنل مرڪب لفظن جي فهرست ۾ جيڪي لفظ ڏنا ويا آهن، اهي ٻن سالم سادن لفظن مان ٺهيل آهن، جيڪي پنهنجي ليکي جدا جدا بہ وياڪرڻي حيثيت رکندا آهن. مثلاً "ڪم" (صفت) ۽ "بخت" (اسم) مان "ڪمبخت" (صفت)، "جهنگ" (اسم) "ٻلو" (اسم) گڏجي هڪ جانور جو نالو "جهنگبلو" (اسم) ناهين ٿا، "هٿ" ۽ "ڪڙي" بہ اسم آهن، جن جي ملڻ سان ٽيون اسم "هٿڪڙي" ٺهي ٿو "سئو" (صفت) "پيري" (پيرن واري) (اسم جي اضافت) اهي ٻئي گڏجي هڪ جيت جو نالو "سئو پيري" (اسم) ناهين ٿا. ساڳيءَ طرح "ورڪ شاپ" ۾ انگريزيءَ جا بہ اسم ملي هڪ نئون اسم "ورڪشاپ" ناهين ٿا. جڏهن تہ "نمڪ" (اسم) "حرام" (صفت) ملي هڪ نئين لفظ "نمڪحرام" کي وجود ۾ آڻين ٿا، جيڪو صفت آهي. اهي سڀئي لفظ لغتن ۾ پڻ موجود ملندا. منهنجي ناقص راءِ ۾ ٻين لفظن کي بہ گڏي لکڻ لاءِ انهيءَ اصول کي ضرور ذهن ۾ رکجي، يعني ٻن لفظن کي گڏي لکڻ کان پوءِ جيڪو ٽيون لفظ ٺهي، اهو جيڪڏهن وياڪرڻ ۾ پنهنجي مستقل حيثيت رکندو هجي ۽ لغتن ۾ بہ موجود هجي تہ ان جي انفرادي حيثيت کي مڃي هڪ لفظ طور گڏي لکڻ ئي بهتر ٿيندو. مٿي ڏنل فهرست ۾ لفظ "لٺ سردار" کي ڌار ڌار لکيو ويو آهي. مٿئين اصول

تحت گڏي لکي سگهجي ٿو.

صفت طور بہ تہ جملي ۾ ڌار ڌار لفظن کي جوڙي اهو لفظ استعمال ٿي سگهي ٿو. سنڌيءَ ۾ اهڙا ٻيا بہ ڪيترا آزاد لفظ آهن. جيئن ”دلنواز“، ”منٺار“، ”سڪيلڌو“ جيڪي (نالا) اسم بہ ٿي سگهن ٿا تہ صفتون بہ. انهن جي منفرد وياڪرڻي حيثيت ئي انهن کي گڏي لکڻ جو سبب ٿي سگهي ٿي. نہ تہ اهي لفظ جن لفظن جو مرڪب آهن اهي پاڻ بہ ڌار ڌار وياڪرڻي حيثيت رکندڙ آهن. ”من“، ”ٺار“، ”دل“، ”نواز“، ”سڪي“، ”لڌو“ وغيره آزاد صورتون آهن. جيڪي پاڻ ۾ گڏجي نوان لفظ جوڙين ٿا. جيڪي وياڪرڻي حيثيت بہ رکن ٿا تہ لغتن ۾ بہ آهن.

1998ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ڊاڪٽر غلام علي الانا جي دور ۾ ”درسي ڪتابن جي درست ٻوليءَ“ جي حوالي سان ڪوٺايل ورڪشاپ ۾ مرڪب لفظن کي گڏي يا ڌار لکڻ جي مسئلي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي ۽ ماهرن پاران ترجيحي هِجيئون بہ ڏنيون ويون هيون. جن جو چارٽ تڏهوڪي ’سنڌي ٻولي جرنل‘ ۾ پڻ ڇاپيو ويو هو.

سال 2008ع ۾ هڪ ڀيرو وري انهيءَ مسئلي کي کنيو ويو سنڌي صورتخطيءَ جي مسئلن بابت سيمينار ڪوٺايو ويو. انهيءَ ڪانپوءِ انهيءَ معاملي تي بحث مباحثا ٿيا ۽ چارٽ ناهي لاڳاپيل ڌرين کي موڪليا ويا، پر مسئلو اتي جو اتي بيٺو آهي.

وچ ۾ محترم تاج جويي جو 1999ع ۾ ترتيب ڏنل ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال“ 2009ع ۾ ڇپيو. جنهن ۾ پڻ ان مسئلي تي روشني وڌي وئي آهي.

انهن سمورين ڪوششن باوجود گهڻا استعمال ٿيندڙ لفظ اجا تائين بہ مختلف نموني پيا لکجن. ڇاڪاڻ جو مسئلي کي حل ڪرڻ جي سنجيده ڪوششن جي باوجود، اسان جا ڪي مهربان فروعي ڳالهين کي وچ ۾ آڻي، اختلافي معاملا تحقيق جي وچ ۾ بيان ڪري، پنهنجي ڪيل محنت کي بہ اختلافي بڻايو ڇڏين. جڏهن تہ تحقيق جو اصول آهي ئي غير جانبداري، سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن هڪ لهجي کي درست ۽ ٻئي کي غلط ثابت ڪرڻ، معياري ٻوليءَ جي معاملي تي اجايو لکڻ سان مسئلو اجا منجهي ٿو پوي. سنڌي جا سڀ لهجا درست آهن. پر ڪنهن تاريخي سبب ڪري ڪو هڪ لهجو علمي، ادبي،درسي، معياري درست لهجي طور مقرر ٿيل آهي. ان تي اجائي ٽيڪا ٽپڻي سنڌي ٻوليءَ جي مفاد ۾ ناهي. جيڪڏهن اڄ اهو معياري قرار ڏنل لهجو بدلائي ڪو ٻيو بہ رکبو تہ سڀاڻي اجا ٽئين لهجي وارا ان کي غلط ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ اهو سلسلو الائجي ڪٿي دنگ ڪندو. ٻوليءَ جا سڀ لهجا اسان جا پنهنجا آهن. سنڌي ٻوليءَ جا عالم بہ سڀ قابل عزت آهن. انهن کي ”حيدرآبادي“، ”اترادي“، ”لاڙي“ چوڻ وارو عمل بہ درست ناهي.جيڪڏهن مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ڊاڪٽر فهميده ”حيدرآبادي“ آهن. تہ شاهہ لطيف ڪهڙي خاني ۾ فٽ ڪبو؟ ان جي ٻوليءَ جي ڪهڙي حيثيت ٿهندي؟ انهن جي لاءِ اِن انداز ۾ سوچڻ سنڌي ٻوليءَ لاءِ بهتر نہ ٿيندو!

هاڻي اچون ٿا محترم الطاف جوکيي جي پاران ڏنل مثالن تي. ’سنڌي ٻولي جرنل‘ ۾ صفحي 51 تي لکي ٿو:

> ”مرڪب صورت وارا لفظ ٻن يا ٻن کان وڌيڪ اهڙن لفظن تي مشتمل هوندا آهن. جيڪي خيال/ تصور ۾ هڪ هجن. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٽن قسمن جا مرڪب صورت وارا لفظ جاچيا ويا آهن:
>
> 1۔ **ڪليل مرڪب صورت وارا:** اهڙا لفظ جيڪي الڳ الڳ لکيا ويندا هجن. جيئن: سنئون سڌو، ڍڳي ڳاڏي، دال روٽي، جاڻي ٻجهي، مهمان مڙو پاڄي پتي، اتر واءُ، چڱو ڀلو آتم ڪهاڻي، انگ اکر، ٻانهن ٻيلي، لڏ پلاڻ، جڳ مشهور، ٽڏو منو، ڦوهہ جواني، خدا پرست، خدا ترس

وغيره.

2ـ **ڳنڍيندڙ ليڪ سان مرڪب لفظ:** اهڙا لفظ جيڪي ڳنڍيندڙ ليڪ سان الڳ لکيا ويندا هجن. جيئن هڪ – اڌ، ٻه ـ اکري، ٻه – ادائي، يڪ – طرفي، يڪ – مشت، دو- چشمي، ورڻ – مالا. وغيره.

3ـ **مستقل مرڪب لفظ:** اهڙا لفظ جن کي گڏي هڪ لفظ ڪري لکيو ويندو هجي، جيئن ڪلمڪ، ڪٽمنڙو اڳڪٿي، هڪدم، آسپاس، پنيرائي، چڱيلائي، پوروچوٽ، گڏوگڏ، آپگهات، مهمانوازي، پوئلڳ، پيچڪڙي، سالگره، گهٽگهرو، افراتفري، صورتخطي، آمدورفت، خوبصورت، تندرست، فرمانبردار، رحمدل، يڪتارو، رهائشگاهه وغيره. (جوکيو، ص 51ـ52)

جيڪڏهن مٿين ورهاست کي سامهون رکي غور ڪجي ته پهرئين قسم جي لفظن ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ آهن، جيڪي مرڪب لفظن بدران ٻٽا لفظ آهن. مشهور تعليمي ماهر جناب غلام قادر سومرو پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻٽن لفظن جي لغت“ ۾ لکي ٿو:

”ٻٽا لفظ: ٻٽا معنيٰ ٻٽ (گڏ) ٿي ڪم ايندڙ لفظن جا اهڙا جوڙا هڪٻئي جا جوڙيوال هوندا آهن ۽ گڏجي ڪم ايندا آهن. اهڙا لفظ پاڻ ۾ پيچي/ سلهاڙيل، ٻيل (ٻيلهه) ٻڌل هوندا آهن“ (ص13)

وري اڳتي لکي ٿو:

”ٻٽا لفظ جيڪي جدا نه ٿيندڙ جوڙا هوندا آهن، سي هڪ ٻئي کي پر/ ٽيڪ وٺائڻ ۽ مفهوم کي پرپور ۽ واضح بنائڻ ۽ عبارت کي سهڻو سجيلو بنائڻ لاءِ ڪم ايندا آهن. جوڙيدار لفظن مان پويون لفظ (مثال، ڏک ڏوجهرا يا ڏوجهرا ڏک) پهرئين لفظ کي پرجهلائيندڙ (Supporting) هوندو آهي. ٻنهي لفظن جي ميلاپ سبب اسلوب اظهار (Mode of expression) موثر مفهوم واضح ۽ نقطهٔ نظر زوردار بنجي وڃي ٿو. انهن جي قسمن ۾ هم معنيٰ (Synonyms) متضاد (Antonyms) ۽ واڌو زائد يا مهمل (Redundant/ excessive) قسم هوندا آهن.“

مٿئين وچور ڪانپوءِ سومري صاحب لفظن جون لڙيون ڏنيون آهن، جن جي ورهاست هن ريت ڪري سگهجي ٿي.

1ـ پهرئين قسم جي لفظن ۾ گهڻو ڪري ساڳي معنيٰ رکندڙ لفظ هوندا آهن مثلاً لڳ لاڳاپو، سچو سڪڻو، طور طريقو، قاعدو قانون، سنئون سبتو. اهڙا لفظ تمام گهڻا آهن.

2ـ ٻئي قسم ۾ معنيٰ ۾ ابتڙ لفظن جا جوڙا اچن ٿا، جن ۾ عام مروج ڪيترا لفظ آهن. مثلاً: اپرو سپرو، ڏي وٺ، اچ وڃ (آمدو رفت) اٿ ويهه، لهه چڙهه وغيره.

3ـ ٽئين قسم جي لفظن ۾ ڪو هڪ لفظ بظاهر بي معنيٰ لڳندو، پر جوڙي ۾ لفظ کي زور وٺرائيندو آهي. جيئن سچو پچو، سوڪڙي سڙي، پاڃي پتي، چوري چڪاري، ٽانوَ ٽپا، پاٽي ٻاٽي وغيره.

هاڻي ڊاڪٽر غلام قادر سومري جي ڏنل وصف موجب جوکيي صاحب جي پهرئين نمبر تي ڏنل لفظن کي ڏسجي ته انهن مان ڪي ته هڪٻئي کي پر ڏيندڙ هم معنيٰ (Synonyms) آهن، جيئن سنئون سڌو، ٽڏو منو، چڱو ڀلو، ڄاڻي ٻجهي (ڄاڻ ۽ ٻُجهه هم معنيٰ لفظ آهن،) لڏ پلاڻ وغيره. ٻيا اهڙا به آهن، جيڪي مهمل (Redundant) واري قسم جا آهن. جن ۾ اصل لفظ سان هڪ ٻيو لفظ شامل ڪري، ان کي زورائتو ڪبو آهي. اهڙن لفظن ۾ جوکئي صاحب ”پاڃي پتي، مهمان مڙو وغيره لفظ ڏنا آهن. باقي رهيل لفظ

مرڪب چئي سگهجن ٿا. ڇو ته اهي ٻه لفظ ملي، هڪ بامعنيٰ لفظ ٺاهين ٿا. جيڪي ٻوليءَ جي مڃيل لفظن طور لغت ۾ به شامل ڪيا ويندا آهن. جن ۾ اتر واءُ، آتم ڪهاڻي، انگ اکر، ٻانهن ٻيلي، خدا پرست ۽ خدا ترس وغيره شامل آهن. جڏهن ته "ڊگي گاڏي"، "دال روٽي"، "ڦوهه جواني" لفظن جا اهڙا جوڙا آهن، جن جي اصطلاحي طور هڪ معنيٰ ٺهي ٿي، پر اهي مرڪب لفظ نٿا چئي سگهجن.

ٻئي نمبر تي جيڪي لفظ ڏنا ويا آهن. اهي ڳنڍيندڙ ليڪ وارا ڇپيا ويا آهن. ٻه – اکري، ٽيهه- اکري، ورڻ- مالا ، الف- ب ، شمسي- قمري ته قبول ڪري سگهجي ٿو (اڄڪلهه اهي ڳنڍيدڙ ليڪ ڪانسواءِ ٽيهه اکري، ورڻ مالا الف بي طور لکيا وڃن ٿا) پر هڪ – اڌ، ٻه- اڍائي، زيرون- زبرون، ڏندن- چپ گاڏئون کي مرڪب لفظن ۾ ڪيئن ڳڻبو؟ جڏهن ته يڪطرفي، يڪمشت وغيره هاڻي به گهڻو ڪري گڏي لکيا وڃن ٿا. هن لسٽ ۾ هڪ لفظ "واو- ويڇو" دراصل ٻٽن لفظن ۾ اصل لفظ پٺيان مهمل لفظ جي جوڙڻ جو مثال آهي.

ٽئين نمبر تي ڏنل مستقل مرڪب لفظن جي لڙيءَ ۾ لفظ "هڪدم" – يڪدم ، يڪمشت، يڪتارو (ٽئين قسم) واري ساڳي دائري/ ڪيٽيگريءَ جو لفظ آهي. ڪي لفظ منجهن 1، و ر،د، ڊ، ڏ وغيره هئڻ سبب جوڙي ملائي لکڻ بدران ڌار ڌار لکڻا پوندا آهن. جيئن: "ڊانواڊول"، "ڀور ڀڇوٽ" يا "انگ اکر"- مثال طور "انگ اکر" ٻه جدا لفظ آهن، جن کي گڏي رکبو آهي، پر ملائي "انگاکر" نٿو لکي سگهجي، ڇو ته اتي ٻئي الف جي حيثيت آ سُر واري نه، پر پهرئين الف وانگر ئي (اَ) ساڳي حيثيت آهي، جنهن کي ڪن پراڻن وياڪرڻين وَ ۽ يَ وانگر وينجن (Consonant) وارو درجو ڏنو آهي. باقي گهڻا لفظ اڳياڙين پڇاڙين سان ٺهيل مرڪب لفظ آهن.

هن وقت صورتخطيءَ جي حوالي سان جن مرڪب لفظن بابت مونجهارا آهن. انهن مان پهريون معاملو آهي، ضميري صفتن جو جيڪي ضمير ۽ حرف اضافت جي ملائڻ سان ٺهن ٿيون، 'منهنجو'، 'تنهنجو'، 'پنهنجو'، 'اسانجو'، 'توهانجو' ۽ 'هننجو' وغيره. انهن لفظن مان پهرين ٽن لاءِ ڇيو وڃي ٿو ته ڇاڪاڻ جو انهن ۾ ضمير 'مُنهن'، 'تُنهن'، 'پنهن'، آزاد صورتن ۾ استعمال نٿا ٿي سگهن، ان ڪري انهن کي گڏي لکڻ گهرجي، باقي ٻين کي ڌار لکڻ گهرجي.

ياد رکڻ گهرجي ته اهي سمورا ضمير پنهنجي "حالت جريءَ" / اضافت ۾ آهن، جن جون فاعلي حالتون 'آءٌ/ مان'، 'تون'، 'هيءُ/ هو'، 'اسين، توهين' ۽ 'هي/ هو' آهن. جن جي اضافت واري يا جري حالت 'مون'، 'تو'، 'هن'، 'اسان'، 'توهان' ۽ 'هنن' ٿيندي آهي. سنڌي گرامر ۾ بناوٽ جو اصول آهي ته ڪو به حرف جر يا حرف اضافت ڪڏهن به لفظ (اسم يا ضمير) جي فاعلي حالت ۾ ڪو نه جڙندو بلڪ مفعولي، جري، اضافت اپادان واري حالت ۾ جوڙيو ويندو آهي. 'آءٌ / مان جو'، 'تون جو'، 'هي جو' (واحد ۾) ۽ 'اسين جو'، 'توهين جو' يا 'هو جو' (جمع ۾) ڪڏهن به ڪو نه ٺهندا. ساڳيءَ ريت ضمير مشترڪ "پاڻ" اضافت/ جري حالت ۾ ڦري "پان" يا "پنهن" ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري "جو" حرف جر جي اضافي سان اهو لاڙ ۽ ڪوهستان ۾ "پانجو" يا "پانهجو" ۽ حيدرآباد ۽ ان جي آسپاس ۽ مٿي اتر ڏانهن "پنهنجو" استعمال ٿيندو آهي. مثال

هي منهنجو پنهنجو گهر آهي. (خود جو)

هل ته پنهنجي گهر هلون. (جمع ۾ 'اسان جو' مفهوم اٿس)

هو پنهنجي گهر ويو آهي. (خود جي گهر)

انهيءَ سبب مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر الانا، ان کي ضمير مشترڪ ("پاڻ" جي حالت اضافت واري صورت طور) سڏيو آهي، جنهن تي جوکيو صاحب تنقيد ڪري ٿو ۽ اهو قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو ته ڪو اهو مشترڪ ضمير آهي. (ص 67_68 سنڌي ٻولي جرنل جولاءِ_ڊسمبر 2011). منهنجي خيال ۾ اها ضمير مشترڪ جي حالت اضافت ئي سڏبي، بلڪل

اِئين ئي جيئن اسم جي حالت ڪھڙي بہ ھجي، اھو اسم ئي رھندو. فاعلي: ڇوڪرو جري: ڇوڪري کي، اضافت: ڇوڪري جو اپادان: ڇوڪري کان وغيره. سمورين بناوتن ۾ ’ڇوڪرو‘ لفظ جون سيئي ڦريل صورتون اسم ئي سڏبيون ۽ وياڪرڻي ڇيد ۾ ان جي ڪھڙي بہ جاءِ ھجي (فاعل يا خبر ۾) اھو اسم ئي رھندو. ساڳيءَ ريت ضمير، ضمير ئي رھندو. جوکيي صاحب جو اھو چوڻ تہ ”ضمير مشترڪ اھو ضمير، جيڪو مفعولي صورت ۾ ضمير خالص کي زور ونائڻ لاءِ ڪم اچي، جيئن: ’آءٌ خود توسان ملڻ لاءِ ايندس‘، ’تون خود اھو ڪم ڪري اچ‘. (ص 68) مثالن مان ئي غلط ثابت ٿئي ٿو ڇو تہ ھنن جملن ۾ ”آءٌ“ ضمير خالص مفعولي نہ، پر فاعلي حالت ۾ آھي، ساڳي صورت ”خود“ بدران ”پاڻ“ لڳائڻ سان ٿيندي. ساڳيءَ طرح ”پان“، ”مون“ ۽ ”تو“ وارين صورتن سان لاڙ ۾ بدين ۽ ڪوھستان واري پاسي ’پانجو‘، ’مون جو‘، ’تو جو‘، چون، جڏھن تہ حيدرآباد جي آس پاس ۽ مٿي اتر طرف اھي ”پنھنجو“، ”منھنجو“ ۽ ”تنھنجو“ آھن. پر اجا مٿي وڃبو تہ اترادي لھجي ۾ متڪلم جي فاعلي، مفعولي توڙي بين حالتن ۾ ھڪ ئي لفظ ”مان“ استعمال ٿيندو آھي، ان ڪري اتي ”مان جو“ چون. ”مُنھن“ ، ”تُنھن“ ۽ ”پَنھن“ جي صورتن کانسواءِ باقي سمورين جري يا مفعولي صورتن ۾ کو بہ حرف جر/ اضافت لڳائي ڏسو تہ جري يا اضافت واري حالت ۾ لفظ جون صورتون واضح ٿي وينديون.

مثال: حالت جري: ’مون کي‘، ’توکي‘، ’ھن کي‘، ’اسان کي‘، ’توھان کي‘، ’ھنن کي‘، ’مون ۾‘، ’تو ۾‘، ’ھن ۾‘، ’اسان ۾‘، ’توھان ۾‘، ’ھنن ۾‘.

حالت اپادان: ’مون سان‘، ’توسان‘، ’ھن سان‘، ’اسان سان‘، ’توھان سان‘، ’ھنن سان‘، ’مون کان‘، ’توکان‘، ’ھن کان‘، ’اسان کان‘، ’توھان کان‘، ’ھنن کان‘، (پاڻ کي، پاڻ ۾، پاڻ سان، پاڻ کان وغيره پڻ ان طرح جون بنا وٽون آھن).

ھتي اھا وضاحت ڪرڻ بہ ضروري ٿي سمجھان تہ ڪتاب ”*آیئے سندھی سیکھیں*“ ۾ لفظ ”آءٌ“ بدران ”مان“ استعمال ڪرڻ کي محترم جوکيي جواز بنائي اھا تنقيد ڪئي آھي تہ

> ”چاڪاڻ تہ لفظ ”آءٌ“ لاڙي/ حيدرآبادي لفظ آھي، جنھن ۾ جملي جي نوعيت سبب ڦيري جي سگھہ ڪانھي، ان حوالي سان وچولي موجب ”مان“، ”مون“ ۽ ”منھن“ جون صورتون ئي معياري ڄاتيون وڃن. ٻوليءَ جي مزاج ۽ علمي معاملن مطابق، خود حيدرآبادي عالم پڻ ’مان‘ جو لفظ ضمير متڪلم طور ڪم آڻيندا آھن، جيڪا سندن مجبوري پڻ ھوندي آھي. اھڙا مثال ”*آیئے سندھی سیکھیں*“ ۾ ڊاڪٽر فھميده صاحبہ پڻ ڏنا آھن“.

پھرين ڳالھہ تہ غيرسنڌين کي سنڌي سيکارڻ لاءِ ’مان‘ جي استعمال جو مقصد صرف ۽ صرف اردودان طبقي يا نَون سکندڙن کي سندن ٻوليءَ جي لفظن سان ويجھڙائي رکندڙ لفظ کان مانوس ڪري آساني پيدا ڪرڻ ھو. ”مان“ ضمير متڪلم بہ منھنجي پياري ٻولي سنڌيءَ جو لفظ آھي، آءٌ ان کي استعمال ڪرڻ غلط نٿي سمجھان. اِئين ئي ”آءٌ“ کي غلط ثابت ڪرڻ بہ مناسب ڪونھي، ڇو تہ اھو بہ منھنجي پياري ٻولي سنڌيءَ جو لفظ آھي. سنڌي ٻولي سکندڙن لاءِ آساني پيدا ڪرڻ واسطي انھن سبقن ۾ نحوي بناوتن جي حوالي سان خالص اترادي بناوتون بہ سيکاريون ويون، جڏھن تہ وچولي، ڪوھستان ۽ لاڙ ۾ انھن جي معنيٰ ڦري ٿي وڃي، مثال طور:

زمان حال استمراريءَ جي جملي ”*میں آرہا ہوں*“ جو ترجمو ”مان اچي رھيو آھيان“ ڪيو ويو يعني معياري لھجي کان ھٽيل بناوت سيکاري وئي. جڏھن تہ معياري لھجي ۾ انھيءَ استمراري جملي جو ترجمو ”آءٌ/مان اچان پيو“ ڪرڻ گھرجي ھا، پر ڇاڪاڻ جو اھا بناوت اردو جملي جي بناوت سان وڌيڪ ھڪجھڙائي رکندڙ ھئي، ان ڪري ان کي ترجيح ڏنم. اجا بہ دادوءَ واري پاسي ”مان اچان ٿو پيو“ واري بناوت بہ مروج آھي. جيڪا وچولي

جي لهجي کان بلڪل مختلف آهي. ان ۾ هڪ وقت به معاون فعل "ٿو" ۽ "پيو" استعمال ٿيل آهن. انهن سڀني پيارن لهجن مان جنهن لهجي جي بناوت اردوءَ کي ويجهي هئي، مون اها سيکاري، ڇو ته اسان جو مقصد سنڌي ٻولي سيکارڻ آهي، نه ڪي سنڌيءَ جي لهجن بابت اجائي غلط بحث ۾ پوڻ.

هاڻي واپس اچون ٿا مٿين لفظن کي گڏ يا ڌار لکڻ واري معاملي تي.

جيڪڏهن لفظن جي وياڪرڻي حيثيتن کي معيار بنائجي ته پوءِ اصولاً "جو" حرف اضافت لڳايل سمورا پَروس لفظ ضميري صفتن هئڻ سبب گڏ لکڻ گهرجن. جيڪڏهن صرف پَروس صورتون، مُنهن، تُنهن يا پنهن کي "جو" سان گڏي لکجي ۽ باقي آزاد صورتون رکندڙ ضميري صفتن وارا لفظ ڌار ڌار لکجن ته معاملو صرف 'هن جو'، 'اسان جو'، 'توهان جو' کي به گڏي لکڻ بابت بچي ٿو ساڳيائپ (uniformity) رکڻ لاءِ انهن کي گڏي لکڻ جي ڳالهه ڪجي ته ان ۾ ڪهڙو حرج ٿي سگهي ٿو. ان ڪري فيصلو ٿيڻ گهرجي. باقي ٻين حرف جر وارن مثالن مان ' اسان کي'، 'توهان کي'، 'هنن کي' بچن ٿا. انهن جي هڪ لفظ واري حيثيت ڪانهي، ان ڪري اهي پڻ ڌار لکجن.

رهي ڳالهه 'تَنهن جو'، 'جَنهن جو'، 'ڪنهن جو' بابت، انهن مان 'ڪنهن' لفظ "ڪو" ضمير مبهم جي مفعولي صورت آهي. باقي ٻن لفظن مان 'جنهن' صورت آهي "جو" ضمير موصول جي ۽ 'تنهن' "سو" ضمير جواب موصول جي مفعولي صورت آهي، جيڪي پَروس نه پر آزاد صورتون آهن. جن ۾ حرف اضافت يا ڪو به حرف جر ڳنڍيڻ سان جيڪي لفظ ٺهن، اهي ملائي لکڻ جو معاملو به ساڳيو ئي آهي، اهو به حل ٿيڻ گهرجي. اهو به سوال حل ٿيڻ گهرجي. اهو به ڏسڻ گهرجي ته پاڻ ۾ ملڻ ڪانپوءِ ٺهندڙ لفظ ڇا پنهنجي جدا وياڪرڻي حيثيت رکي ٿو؟

لفظن جا مٿيان ٻئي قسم فيصلي لائق سمجهڻ لاءِ مون وٽ هڪ دليل آهي. جيڪڏهن لفظن جون آزاد صورتون ڌار ڌار لکڻ جو دليل قبول ڪجي ته پوءِ 'جنهن جو' ۽ 'تنهن جو' وانگر 'جنهن ڪري' ۽ 'تنهن ڪري' به ڌار لکڻ گهرجن. پر عالمن صرف پوين ٻن کي گڏي لکيو آهي ۽ اهڙي سفارش به ڪن ٿا. آخر انهن لفظن جي وياڪرڻي حيثيت ڪهڙي آهي؟

مٿئين ڳالهين جي بنياد تي منهنجي ناقص راءِ اها آهي ته:

(الف) سمورا اهي لفظ جيڪي گرامر موجب ويا ڪرڻي حيثيت ۾ هڪ منفرد لفظ طور ڳالهائڻ جا جزا (Parts of speech) هجن، اهي گڏي لکڻ گهرجن. پوءِ پلي اهي پَروس جزن مان ٺهيل هجن يا آزاد صرفين مان. ان ريت سموريون ضميري صفتون گڏي لکجن، 'منهنجو'، 'تنهنجو'، 'پنهنجو'، 'اسانجو'، 'توهانجو'، 'ڪنهنجو'، 'هننجو' وغيره.

جڏهن ته 'مون کي'، 'توکي'، 'پاڻ کي'، 'اسان کي'، 'توهان کي' (۽ ٻين حروف جر سان) ڌار لکجن. ڇو ته اهي به جدا جدا لفظ گڏجي ڪو هڪڙو نئون ڳالهائڻ جو جُز نٿا ناهين. (هن مسئلي تي محترم تاج جويي پنهنجي اها راءِ ڏني ته جيتوڻيڪ اصولاً اها ڳالهه درست آهي ته به پاڻ 'اسانجو'، 'توهانجو'، 'ڪنهنجو' ۽ 'هننجو' کي گڏي لکڻ سان اختلاف رکي ٿو.)

(ب) " جنهن، تنهن"، سان جيڪڏهن "ڪري" گڏجڻ سان ڌار وياڪرڻي لفظ (جيڪي لغت ۾ به جاءِ رکندا هجن) ٺهي پون ٿا ته اهي به گڏي لکجن. 'جنهنڪري' ۽ 'تنهنڪري' گرامر ۾ حرف جملي جي حيثيت رکن ٿا. البته 'جنهن کي'، 'تنهن کي' يا 'جنهن سان'، 'تنهن سان'، 'جنهن کان'، 'تنهن کان' وغيره جي ڌار انفرادي لفظ واري حيثيت ڪانهي، ان ڪري جدا لکبا.

(ٻ) ان ڪانپوءِ مسئلو رهي ٿو "ڪان پوءِ" يا "ڪانپوءِ" جو ۽ "ڪان سواءِ"يا "ڪانسواءِ" جو. هاڻي "ڪان" "سواءِ" يا "ڪان" "پوءِ" لاءِ به جيڪڏهن ساڳيو اصول وٺجي ته 'ڪانسواءِ' ۽ 'ڪانپوءِ' جي حيثيت گرامر ۾ ظرف واري بيهي ٿي، ان ڪري گڏ لکڻ ۾ ڪو به حرج ڪونهي، جيئن فارسيءَ ۽ اردو ۾ 'ازانسواءِ' به لکندا آهن. "ڪان"، سواءِ ۽

”پوءِ“ ڌار آزاد صورتون بہ آهن. (مثال: سواءِ تنهنجي ٻيا سڀ اتي موجود هئا) پر گڏ ٿيڻ کانپوءِ نهندڙ نوان لفظ (ظرف) ڳالهائڻ جا جزا (Parts of speech) بہ آهن. جيئن انگريزيءَ ۾ without ۽ hereafter جا لفظ ٺهيل آهن.

ان بحث ۾ سائين محمد ابراهيم جويي پاران مون کي اها راءِ ڏني وئي تہ جيڪڏهن ان اصول موجب گڏي لکبو تہ پوءِ ڇا ”کان وٺي“ ۽ ”کان اڳ“ ۽ ”کان مٿي“ کي بہ گڏي لکبو ڇا؟ اهو سوال واقعي منجهائيندڙ آهي، انهيءَ کي انگريزي ۾ ڏسبو تہ ”کان اڳ“ لاءِ تہ (before) ظرف ملي ٿو، باقي ٻئي بناوتون ظرف طور مرڪب صورت ۾ نٿيون ملن. منهنجي ناقص راءِ ۾ تہ ”کان اڳ“ ۽ ”کان وٺي“ بہ ڌار ڌار لفظ گڏجي هڪ ويا ڪرڻي لفظ (Part of Speech) نٿا ٺاهين، ان ڪري ڌار لکي سگهجن ٿا.

اهڙيءَ ريت ”جي“ ۽ ”ڪڏهن“ بہ ڌار آزاد لفظ گڏجي هڪ نئون لفظ ”جيڪڏهن“ (حرف جملو) ٺاهين ٿا، ”جي“ + توڙي +”ڪ“_ ”جيتوڻيڪ“، ”ايسين“ + ”تائين“= ”ايستائين“، ”جيسين“ + ”تائين“ مان ”جيستائين“، ”تيسين“ + ”تائين“ مان ”تيستائين“ جهڙا لفظ جيڪي آزاد يا پروس جزن تي مشتمل لفظ آهن ۽ لغت ۾ بہ موجود آهن تہ گڏي لکبا.

(ت) انهن ڪانسواءِ اڳياڙين پڇاڙين وارا سمورا لفظ گڏي لکجن، ڇو تہ اهي بہ هڪ نئون لغت جو لفظ جوڙين ٿا. جيئن ’بيوس‘، ’اڻوڻندڙ‘، ’عقلمند‘ ۽ ’زوردار‘.

(ٿ) جن لفظن جي وچ ۾ ننڍڙي ڳنڍيندڙ ليڪ ڏني وڃي ٿي، اهي هاڻي گهڻو ڪري گڏي ٿا لکيا وڃن ۽ ڪمپيوٽر استعمال ڪرڻ وارن جو خيال آهي تہ اها ليڪ لکڻ جي رواني ۽ رفتار کي بہ گهٽائي ٿي، ان ڪري ان ليڪ کي خارج ڪيو وڃي.

”بہ – پهري“، ”بہ_ رنگو“، ”ٽہ – پٽائي“، ”هم – زلف“، ”هم – معنيٰ“ کي ”ٻپهري“، ”بہ رنگو“، ”ٽپٽائي“، وغيره لکڻ درست ٿيندو ۽ ”هم زلف“، ”هم معنيٰ“ لکڻ ۾ ڀلا ڪهڙو حرج آهي؟

جيئن اڳي انگريزيءَ ۾ بہ ڌار ڌار لکيا ويندڙ لفظ هاڻي گڏي لکيا ٿا وڃن ۽ گرامر ۽ لغت ۾ انفرادي حيثيت جا حامل آهن، جن ۾ herewith, thereby, thereafter, outside, inside, downstairs, wherever, whenever, throughout وغيره شامل آهن. (پر بقول سائين ابراهيم جويي جي ضروري ناهي تہ اسين بہ انگريزيءَ جي پوئواري ڪريون). پر سنڌي پنهنجو رستو تہ وٺي سگهي ٿي.

**نتيجو:** اهڙا بہ يا ٻن کان وڌيڪ لفظ جيڪي ڌار ڌار آزاد صرفيا هجن ۽ جدا لفظن طور بہ استعمال ٿيندا هجن يا هڪ آزاد ۽ ٻي پروس صورت هجي، پر جڏهن گڏجن تہ هڪ نئون لغت جو وياڪرڻي حيثيت رکندڙ لفظ ٺهي پوي، جيڪو ڳالهائڻ جو جز (Part of Speech) بہ هجي تہ هڪ ايڪي طور (مرڪب يا پيچيده) ان کي گڏي لکڻ درست ٿيندو.

ٻيا اهي لفظ جيڪي ڪنهن آزاد يا پروس صورت ۾ اڳياڙين پڇاڙين جي ڳنڍجڻ سان ٺهن ۽ انهن جي پنهنجي وياڪرڻي حيثيت بہ هجي تہ اهي بہ گڏي لکجن.

البت لفظن جا جوڙا يا ٻٽا لفظ جيڪي هڪ ٻئي کي زور وٺائڻ لاءِ استعمال ٿيندا آهن، انهن کي ڌار ڌار لکڻ بهتر ٿيندو. جيئن: لڳ لاڳاپو، ڄاڻي ٻجهي، سنئون سڌو (Synonyms) ابتو سبتو، ڏي وٺ، اچ وڃ، لاها چاڙها (Antonyms) مهمان مڙو، ٻاجهي ٻتي، ٿانو ٺپا (مهمل (Redundant) وغيره.

هن موضوع تي اڃا بہ بحث جي گنجائش نڪرندي هجي تہ استاد، عالم ۽ ٻوليءَ جا ماهر ”سنڌي ٻولي“جرنل ۾ پنهنجا ويچار ونڊي اسانجي رهنمائي ڪري سگهن ٿا.

## مددي ڪتاب


(1) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 2005ع.

(2) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، سنڌي صورتخطي، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، 1993ع.

(3) جتوئي علي نواز، علم لسان ۽ سنڌي زبان، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1996ع.

(4) جويو تاج، سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2009ع.

(5) جويو تاج، سنڌي ٻولي جرمل (مقالو: الطاف جوکيو)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، جولاءِ- ڊسمبر، 2011ع

(6) جيٺلي مرليڌر، ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ، اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه، پريشد، دهلي، 1993ع.

ڏيارام گدومل

# بمبئي مدراس، بنگال پريزيڊنسين ۾ ڪاليجي تعليم ۽ ان جا اثر ۽ سنڌ ۾ هڪ آرٽس ڪاليج قائم ڪرڻ جي لاءِ گذارش

منهنجا قابلِ احترام پيارا هارٽ ڊيوزا!

سائين اِهي اوهان جا وڏا وڙ آهن، جو توهان پنهنجو نالو هن عاجزانہ ڪاوش جي پهرئين صفحي تي لکڻ جي اجازت ڏني آهي. مون کي يقين آهي تہ هيءَ عاجزانہ ڪاوش بي ثمر ۽ اڻ لاڀائتي ثابت نہ ٿيندي. هن وقت تمام ٿورا شخص اهڙا هوندا، جيڪي اعليٰ تعليم جي برڪتن کان انڪاري هوندا، پر مون کي اِها سُڌ آهي تہ چڱا چوکا ماڻهو الائي ڇو ان وهم جو شڪار آهن تہ اعليٰ تعليم جي هندستان ۾ اُسرڻ سان ڪفر ۽ نافرماني ڦهلجندي. ظاهري مخالفت کان بہ وڌيڪ اهڙا ڳجها تعصب، ڀلي لاشعوري چونہ هجن، اڪثر تجويز ڪيل سنڌ آرٽس ڪاليج جهڙين رٿائن ۾ رڪاوٽ جو باعث بنجن ٿا. هن ننڍڙي ڪتاب ۾ مون 2/3 حصو شاهدن جي ڏنل شاهدين ۽ هن مضمون جي ماهر اعليٰ اختيار وارن منصفن جا عقلي ۽ توريل تڪيل ويچار ڏنا آهن. هن ڪتاب جي باقي حصي ۾ اخذ ڪيل نتيجا آهن، جيڪي پهرئين ڀاڱي جي نوس دليل ۽ منطق جا لازمي انجام آهن. اِهو منهنجو پُختو اعتقاد آهي تہ ڪاليجي تعليم اهم سياسي ضرورت آهي. جيڪڏهن اهو ڪٽي فرض ڪجي (يا سمجهجي تہ اِها ضرورت نہ آهي) تہ بہ اسان وٽ ٽن کان وڌيڪ رستا آهن ئي ڪونہ. يعني (1) ڪجهہ بہ نہ پڙهائجي، (2) ٿورو پڙهائجي، (3) تمام گهڻو پڙهائجي. پهرين واٽ تي هلڻ جو مطلب ٿيندو تہ هر قسم جي ترقيءَ کان انڪار، ٻي واٽ خطرناڪ آهي، جو اڌوري ڄاڻ هميشہ خطرناڪ ٿيندي آهي، ۽ آخري واٽ، نہ منفي آهي ۽ نہ خطرناڪ. انهيءَ ڪري اِهو متبادل رستو هر حال ۾ قبول ڪرڻو پوندو ۽ ان کي قبول ڪرڻ جو مطلب اهوئي آهي تہ ڪاليج قائم ڪرڻا پوندا. اِنهيءَ دليل تي اوهان ڪُشاده دلي ۽ گرمجوشيءَ سان 'سنڌ آرٽس ڪاليج' منصوبي جي حمايت ڪئي آهي ۽ ان سبب جي ڪري ئي سنڌ جي اعليٰ ترين شهري اختيارين اُن جي لاءِ همدردانہ نظر ڪرم ڏيکاري آهي. مون کي يقين ڪامل آهي تہ هن منصوبي کي توهان جي دلي پذيرائيءَ سبب نيٺ ڪاميابي نصيب ٿيندي ۽ جڏهن اهو خير سان انجام تي پهچندو، تڏهن سڄي سنڌ توهان جي مشڪور رهندي.

توهان جو خيرانديش

**ڏيارام گدومل،**

ڪراچي، 27 جون، 1885ع

هن ننڍڙي ڪتابڙي جو مقصد آهي تہ سنڌ ۾ ڪاليجي تعليم جا فائدا ۽ انهن جا اثر فردن جي واتان بيان ڪجن، جن جي علم ۽ اختيارن کي ڪوبہ رد ڪرڻ جي جرئت نہ ٿو رکي. ان طرح سان انهن اعتراضن جو جواب ڏجي، جيڪي سنڌ ۾ اعليٰ تعليم جي واڌاري جي راهہ ۾ رڪاوٽون وجهڻ جي غرض سان اُٿاريا وڃن ٿا. اسين پنهنجا دليل، لارڊ ميڪالي جي جڳ مشهور ”ياداشت نامي“ جي هڪ طويل اقتباس کان شروع ڪنداسين، جيڪو هن 1835ع ۾ ان وقت لکيو جڏهن هو عوامي تعليم واري ڪميٽيءَ جو صدر هو ۽ ان جي لارڊ ڊبليو بيٽنڪ (وائيسراءِ هند) هنن لفظن ۾ تائيد ڪئي هئي: ”آءٌ هن ياداشت ۾ بيان ڪيل خيالن جي ڀرپور تائيد ڪريان ٿو.“ هن ياداشت نامي کان پوءِ فقط ديسي ٻولين ذريعي تعليم ڏيڻ يا انگريزيءَ جي ذريعي تعليم ڏيڻ جي حامين جي وچ ۾ تنازعو هميشہ لاءِ ختم ٿي ويو. هي ياداشت نامو لارڊ ميڪاليءَ جي نثر جو هڪ نادر نمونو آهي، جيڪو پڙهڻ وٽان آهي، نہ فقط سندس خيالن جي عمومي پختگيءَ سبب بلڪ هڪ ٽُڙ فصيح ۽ بليغ انشا پردازيءَ جي ڪري پڻ! شروع ۾ لارڊ ميڪالي انهن اعتراضن کي رد ڪري ٿو تہ سندس ڪميٽيءَ جا پئسا قانوني طرح انگريزي تعليم لاءِ خرچ ڪري نہ ٿا سگهجن ۽ پوءِ بيان ڪري ٿو تہ:

”هاڻ اسان اچون ٿا ڳالهہ جي مغز تي؛ اسان وٽ پئسا آهن، جيڪي حڪومت چاهي ٿي تہ ملڪ جي ماڻهن جي ذهني اوسر ۽ واڌاري لاءِ خرچ ڪجن. هاڻ آسان سوال اِهو آهي تہ اُن پئسي کي خرچ ڪرڻ جو سڀ کان لاڀائتو طريقو ڪهڙو آهي؟ سڀ ڌريون اُن هڪ نقطي تي متفق آهن تہ هندستان جي هن خطي ۾ ڳالهائجندڙ ديسي ٻوليون ايتري سائنسي ۽ ادبي معلومات نہ ٿيون رکن ۽ ايتريون پنٽي پيل ۽ اڻ گهڙيل آهن، جو جيستائين انهن کي ڪنهن ٻئي ذريعي سان هٿي نہ وٺائبي، تہ ڪوبہ مُعتبر ڪتاب انهن ٻولين ۾ ترجمو ڪرائي ڪونہ سگهبو. سڀ ان حقيقت تي متفق آهن تہ اهڙا ماڻهو جيڪي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جي سگهہ رکن ٿا، انهن جي ذهني اوسر ۽ بهتريءَ لاءِ فقط ڪا هڪ زبان ئي ڪتب آڻي سگهجي ٿي، جيڪا ديسي ٻولين مان نہ هجي. آخر اُها ٻولي يا زبان ڪهڙي هئڻ گهرجي؟ هن ڪميٽيءَ جا اڌ رُڪن چون ٿا تہ اُها زبان انگريزي آهي ۽ ٻيو اڌ وري چئي ٿو تہ عربي ۽ سنسڪرت زبانون اهو ڪم بخوبي سرانجام ڏئي سگهن ٿيون. پر اصل سوال اهو آهي تہ اها ڪهڙي زبان ٿي سگهي ٿي، جيڪا سکڻ سان اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ ۾ آساني ٿئي؟ مون (لارڊ ميڪالي) کي سنسڪرت ۽ عربي زبانن جي ڄاڻ نہ آهي، پر هنن زبانن جي ڪارج جي متعلق مون پنهنجي طرفان ڪوشش ڪئي آهي تہ صحيح اندازو لڳايان. مون مشهور عربي ۽ سنسڪرت ڪتابن جا ترجما پڙهيا آهن ۽ مون هت هندستان ۽ انگلئنڊ ۾ مشرقي زبانن جي عالمن سان گفتگو ڪئي آهي. آءٌ مشرقي زبانن جي ڪارج بابت مشرقي علمن جي ماهرن جي راين جو احترام ڪريان ٿو. انهن مان ڪوبہ انهيءَ بيان سان اختلاف نہ ٿو ڪري تہ هڪ سٺي يورپي لائبريريءَ جي هڪ تاڪ (شيلف) جو مقابلو سڄو ڏيهي هندستاني ۽ عربي ادب نہ ٿو ڪري سگهي. مغربي ادب جي فطري برتريءَ جا قائل تہ اُهي رڪنِ ڪميٽي بہ آهن، جيڪي تعليم جي حاصل ڪرڻ جي مشرقي منصوبي جي پُٺ ڀرائي ڪن ٿا. ان امر کان ڪوبہ انڪار نہ ٿو ڪري تہ ادب جي جنهن شعبي ۾ مشرقي ليکڪ گهڻو اڳتي آهن، اُهو بيشڪ شاعري آهي. ها! آءٌ اجا تائين ڪنهن بہ اهڙي مشرقي ٻولين جي عالم سان ڪونہ مليو آهيان، جنهن اهو چيو هجي تہ عربي ۽ سنسڪرت شاعريءَ جي عظيم يورپي ادب سان ڀيٽ ڪري سگهجي ٿي! پر اسان جڏهن تصوراتي ادب کان اهڙي حقيقي، منطقي ۽ عقلي ادب ڏانهن اچون ٿا، جنهن ۾ نوس حقيقتون ۽ اساسي اصولن جي ڇنڊڇاڻ سچ جي سراڻ تي ڪئي وڃي ٿي، تڏهن يورپي لوڪن جي ادب جي برتري اظهر من الشمس آهي. انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪو بہ وڌاءُ نہ آهي تہ هٿي جي سنسڪرت ڪتابن مان گڏ ڪيل معلومات، انگلئنڊ جي ابتدائي اسڪولن جي مختصر ڪتابڙن ۾ گڏ ڪيل معلومات کان بہ گهٽ قيمتي ۽ لاڀائتي آهي. مطلب تہ طبعي ۽ اخلاقي علمن جي هر شعبي ۾ ٻنهي قومن جي علم ادب جي تقابلي حيثيت ائين ئي بيهي ٿي.

اهو معاملو ڪٿي ٿو بيهي؟ اسان کي اهڙن ماڻهن کي تعليم ڏيڻي آهي، جيڪي هن وقت پنهنجي مادري ٻولين ۾ پڙهائي نہ ٿا سگهجن. اسان کي ضرور انهن کي ڪا ٻاهرين زبان سيکارڻ گهرجي. اسان جي پنهنجي ٻوليءَ (انگريزيءَ) جي دعوي کي هت ٻيهر دُهرائڻ مناسب نہ آهي. اها جيڪا يورپ جي زبانن جي سٽ ۾ هڪ نمايان ۽ نرالي حيثيت رکي ٿي. اِها تصوراتي ادب ۾ مالا مال آهي، جيڪا ڪنهن بہ طرح سان يونان جي ڏنل شاندار ورثي کان گهٽ نہ آهي. هن ۾ فصاحت ۽ بلاغت جا اَنيڪ اثرائتا نمونا آهن، تاريخي تصنيفون، جن کي فقط بيانيہ ڪهاڻيون ۽ داستان ڪري پڙهڻ سان عاليشان اخلاقي ۽ سياسي سبق حاصل ٿين ٿا، جن جو ڪوبہ نظير ۽ ثاني نہ آهي. انهن ۾ انساني زندگيءَ ۽ فطرت جي بي مثال عڪاسي ڪيل آهي. ان کان سواءِ بيشمار ادبي شاهڪار مابعد الطبيعات، اخلاقيات، حڪومتي سرشتي ۽ نظام، قانون سازي ۽ قانون جي فلسفي ۽ وڻج واپار تي لکيل آهن. طبعي سائنس ۽ تجرباتي علمَ، جيڪي انساني صحت تندرستي، سُک ۽ عقل جي فروغ لاءِ بي انتها مددگار ثابت ٿيا آهن. جنهن بہ انسان کي هن زبان جي ڄاڻ آهي، ان کي دانش جي اهڙي خزاني جي چاٻي مليو وڃي، جيڪو انسانذات جي ذهين ترين قومن تخليق ڪيو ۽ 90 پيڙهين کان ان جي حفاظت ڪئي. ان دعوي ڪرڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونهي تہ هن زبان ۾ موجود ادب پنهنجي افاديت، وُسعت ۽ ڪارج سببان سڄي دنيا ۾ اڄ کان ٽي سؤ سال اڳ موجود سموري ادب کان گهڻو شاهوڪار ۽ اعليٰ ۽ رفع آهي. فقط ايتروئي نہ، هندستان ۾ انگريزي زبان حڪمران طبقي جي ٻولي آهي. اها حڪومت ۾ اعليٰ عهدن تي فائز ديسي ماڻهو بہ ڳالهائين ٿا. جلد هيءَ زبان پوري مشرق ۾ وڻج واپار جي ٻولي ٿي ويندي. هيءَ زبان ٻن عظيم يورپي قومن جي بہ آهي، جيڪي هينئر آفريڪا جي ڏکڻ ۾، ۽ آسٽريليا ۾ اُڀري رهيون آهن ۽ اهميت رکن ٿيون ۽ هندستاني ايمپائر سان گهاٽو ناتو اٿن. چاهي اسين پنهنجي ادب کي فطري ڪارج ۽ قيمت واري نظر سان ڏسون يا هن ملڪ (هندستان) جي مخصوص صورتحال سان پرکيون، اسان جي سامهون سڀ کان مضبوط سبب اهوئي ايندو تہ سيني پرڏيهي زبانن جي مقابلي ۾ فقط انگريزي زبان ئي اُها واحد زبان آهي، جيڪا اسان جي ڏيهي رعايا لاءِ ڪارآمد ۽ سُودمند آهي.

اسان جي سامهون فقط هڪ سوال آهي تہ جڏهن اسان جي اختيار ۾ آهي تہ هيءَ زبان سيکاريون تہ ڇا اسين اهڙي ٻولي، جيڪا عام راءِ مطابق اهڙن ڪتابن کان وانجهيل آهي، جيڪي اسان جي ترقي يافتہ زبان جهڙن معياري ڪتابن سان برميچي سگهن، ڇا اسين هنن ديسي ٻولين ۾ يورپي سائنس پڙهائي سگهون ٿا؟ ڇا اهي مقامي ٻوليون ٺوس فلسفو ۽ سچي تاريخ پڙهائڻ جي قابل آهن، سي بہ سرڪاري خرچ تي؟ جديد طبي علمَ، علم هيئت، جاگرافي، جيڪي جيڪڏهن انگريزي اسڪولن ۾ ائين پڙهائجن، جيئن هنن ٻولين ۾ درج ٿيل زٽ ۽ عجب طلسماتي جناتي ڳالهيون آهن تہ جيڪر اسان جا ٻار کلي کلي کيرا ٿي ويندا. جيئن هِنن جي تاريخ ۾ لکيل آهي تہ ٽيهن فُٽن جا بادشاهہ هوندا هئا، جيڪي ٽيهہ هزار سالن تائين حڪومت ڪندا رهيا ۽ سندن جاگرافي ڇئي ٿي تہ سمنڊ ڳڙ چاش ۽ مکڻ جا جُڙيل آهن؟

ماضيءَ جو تجربو اسان جو بهترين سُونهون آهي، تاريخ ۾ اهڙا ڪيئي اُن سان ملندڙ جلندڙ مثال موجود آهن ۽ اُهي سڀ اسان کي ساڳيوئي سبق سيکارين ٿا. ويجهڙي تاريخ ۾ اهڙن اُتساهيندڙ واقعن جي ڪري ذهني طور تي ويساهن ۽ وهمن جي شڪار معاشرن ۾ نئين روشن خياليءَ جي زبردست هلچل آئي ۽ اُهي جديد هنرن ۽ سائنس جي برڪتن جي ڪري ئي صدين جي گمراهين ۽ وحشياڻي ماحول کان ٻاهر نڪري آيا.

سڀ کان پهريون مثال تہ يورپ ۾ پندرهين صديءَ جي آخر ۽ سورهين صديءَ جي آغاز جو آهي، جڏهن نئين جاڳرتا يا علمي سجاڳيءَ جو ظهور ٿيو. ان وقت هر قابلِ مطالع معلومات ۽ ڄاڻ پراچين يونانين ۽ رومين جي لکڻين ۾ محفوظ هئي. جيڪڏهن ان وقت اسان جا وڏا ائين ئي بالم ٿيو وينا هجن ها، جيئن اڄڪلهہ عوامي تعليم جي ڪميٽي پئي ڪري ۽ سسرڪو ۽ ٽيسٽس (يوناني ۽ رومن عالم) (Cicerco and Tacitus) جي زبانن کي نظرانداز ڪن ٿا، جيڪڏهن هو فقط اسان جي ٻيٽ جي پراڻين

ديسي ٻولين تائين پنھنجو پاڻ کي محدود رکن ها ۽ يونيورسٽين ۾ اينگلس ۽ سئڪسن لوڪن جا اتهاس ۽ نارمن فرينچن جا عشقيه قصا پڙهائين ها ۽ ڪابه يوناني ۽ رُومي ڪلاسڪ زبان نه پڙهائين ۽ ڇپائين ها ته ڇا انگلنڊ ان تهذيبي ڪمال تي پهچي ها، جنهن تي اُهو اڄ آهي؟ ٿامس مور ۽ ائسڪم (سورهين صديءَ جي وڏن انگريز ڏاهن) جي همعصرن لاءِ يوناني ۽ لاطيني زبانون اهڙيون ئي ڪارآمد ۽ انتهائي اهم هيون، جهڙي اسان جي انگريزي زبان هندستان جي عوام لاءِ آهي. انگلئنڊ جو علم ادب پراچين ڪلاسڪ ادب کان به وڌيڪ لاڀائتو ثابت ٿيندو. مان نٿو سمجهان ته پراڻو سنسڪرت ادب، اسان واري پراڻي اينگلو سئڪسن ساهتيه کان وڌيڪ ڪمائتو ثابت ٿيندو، خاص طور تي تاريخ جي شعبي ۾.

هڪ ٻيو مثال اسان جي اکين جي اڳيان آهي. گذريل هڪ سؤ ويهن سالن ۾ هڪ قوم، جيڪا ايتري ئي دقيانوسي ۽ مُدي خارج وحشياڻي واتاورڻ ۾ قاٿل هئي، جيترا اسان جا وڏا صليبي جنگين جي شروعات کان اڳ هئا. هاڻ ان جهالت جي کُن کان نڪري دنيا جي مُهذب قومن سان گڏ ٻيٺل نظر اچي ٿي. منهنجو مطلب آهي روس. هن ملڪ ۾ هاڻ تعليم يافته ۽ مُهذب ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد اهڙو آهي، جيڪو رياست جي هر شعبي ۾ ڪاميابيءَ سان ڪم ڪري رهيو آهي ۽ اُنهن اعليٰ تعليم يافته فردن کان ڪنهن به نموني ڪمتر يا ادنيٰ نه آهي، جيڪي پيرس ۽ لنڊن ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ان ڳالهه ۾ ڪوبه مبالغو نه آهي ته اِها واسيع ۽ عريض شهنشاهيت، جيڪا اسان جن ڏاڏن جي وقت ۾ پنجاب کان پٺتي هئي، سا اسان جن پوٽن جي وقت ۾ فرانس ۽ برطانيا سان مقابل هوندي. اها تبديلي آخر ڪيئن ممڪن ٿي سگهي؟ اها روسين کي خام خياليءَ خودپرستيءَ ۽ خود فريبين جي جار ۾ وڪوڙڻ سان نه آئي ۽ نه ئي ماسڪو جي شهرين کي ڪوڙن قصن ۽ الف ليلوي داستانن ۾ الجهائڻ سان آئي. مورشد نِڪولاس جي آسيس تي هلڻو آهي يا انهن اجاين زٽن تي دماغ کي واسيو ويو ته هيءَ ڪائنات 13 سيپٽمبر تي وجود ۾ آئي هئي يا الائي نه. يا جاهل روسين کي پراڻي جهل جو شڪارُ رکي ڪين ودياوان سڏيو ويو. هرگز نه! روسين جي تهذيبي، علمي ۽ ذهني اوسر تڏهن ئي مُمڪن ٿي سگهي، جڏهن هو اهي سڀ ڏاريون زبانون سکيا، جن ۾ علم ۽ آگهيءَ جا خزانا سمويل هئا ۽ اها سڄي وشال ڄاڻ هنن جي دسترس ۾ آئي. مغربي يورپ جي زبانن رُوس کي تهذيب جي روشنيءَ سان آشنا ڪيو. مون کي ڪوبه شڪ نه آهي ته اهي زبانون هندستانين لاءِ اهوئي چمتڪار ڪنديون، جهڙو انهن تاتارين لاءِ ڪري ڏيکاريو آهي.

ڇا توهان کي خبر آهي ته جيڪا حقيقت نظريي ۽ علمي تجربي سان ثابت ٿيل آهي، ان جي برخلاف ڪهڙا دليل ٿا ڏنا وڃن؟ اهو چيو وڃي ٿو ته اسان کي ديسي ماڻهن جي تعاون جو طلبگار ٿيڻ گهرجي ۽ اهو تڏهن ئي ممڪن ٿيندو، جڏهن اسين هنن کي سنسڪرت ۽ عربيءَ جي تعليم ڏيون.

مان ان ڳالهه کي تسليم ڪرڻ لاءِ هرگز تيار نه آهيان ته جڏهن به ڪا ذهني طرح وڌيڪ سُجاڻ قوم پاڻ کان گهٽ سجاڻ قوم جي تعليم جي ذميداري کڻي ٿي ته ان وقت طالبانِ علم جي مرضيءَ مطابق اُستادن کي نصاب تشڪيل ڏيڻ گهرجي. ان موضوع تي وڌيڪ ڪجهه ڳالهائڻ بيڪار ٿيندو. اسان کي ان امر لاءِ ديسي ماڻهن جي تعاون حاصل ڪرڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي. هنن جي ذهني پسند جو خيال رکبو ته هنن جي ذهني صحت جو ستياناس ٿيندو. جنهن علم کي هو پڙهڻ لاءِ بيتاب آهن، اُهو هنن کي پڙهڻ نٿو ڏنو وڃي ۽ جنهن کان هو بيزار آهن، تنهن لاءِ اسين خواه مخواه بضد آهيون ته اهو هنن کي زوريءَ پڙهائجي.

اِن دليل جي ثابتيءَ لاءِ اِهو عرض ڪندس ته حڪومت کي زيربار ڪيو وڃي ٿو ته اسان جي عربي ۽ سنسڪرت جي شاگردن جي تعليم جو خرچ برداشت ڪري ۽ ٻئي طرف اِهي شاگرد، جيڪي انگريزي پڙهڻ لاءِ ڪوشان آهن، سي پنهنجو خرچ پاڻ کڻڻ لاءِ تيار آهن. ديسي لوڪن جون اَجايون ٻاڙون هڪ طرف ته هو پنهنجين مادري ٻولين سان بي انتها پيار ڪن ٿا، مون کي هندستان جي اُپکنڊ ۾ هڪ شاگرد اهڙو ڏيکاريو جيڪو اهي ديسي ٻوليون پنهنجي هڙئون وڙئون پڙهڻ لاءِ آماده هُجي.

هينئر منهنجي سامهون 1833ع جي ڊسمبر مهيني جي هڪ مدرسي جي خرچ اُپت جو وچور آهي. هتي 77 عربيءَ جا شاگرد پڙهن ٿا ۽

سيني کي سرڪاري وظيفو ملي ٿو. سڄي مهيني ۾ هُنن کي 500 روپيا مليا. ان وَهي کاتي جي ڪاٽو حصي ۾ 103 روپيا بہ شامل آهن. جيڪي مدرسي کان ٻاهر انگريزي پڙهندڙن کان فيءَ طور مئي، جون ۽ جولاءِ جي مهينن ۾ وصول ڪيا ويا.

مون کي اهو ٻڌايو ويو آهي تہ مون کي هتي جي حالتن جي پوري ڄاڻ ۽ ادراڪ ڪونهي، نہ تہ انهيءَ ۾ حيران ٿيڻ جي ڪابہ ڳالهہ ناهي، ڇاڪاڻ تہ هندستان ۾ خود پئسا خرچ ڪري پڙهڻ جو ڪوبہ رواج آهي ئي ڪونہ. هيءَ بيان منهنجي اصل شڪ جي تائيد ۽ تصديق ڪري ٿو. دنيا ۾ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي انهيءَ ڪم جا پئسا حڪومت ڪانہ ڏيندي آهي، جيڪو ڪرڻ هو پاڻ سُودمند ۽ خوشگوار سمجهي ٿو. اِهو ڪُليو هندستان تي بہ لاڳو آهي. هندستان جي ماڻهن کي ڇانور ڪائڻ لاءِ ڇا حڪومت پئسا آڇيندي آهي، جنهن وقت هنن کي بک لڳندي آهي يا جڏهن سردي ۾ هو اُوني ڪپڙا پائيندا آهن؟ ڳوٺن جي ننڍڙن اسڪولن ۾ الف بي ۽ حساب سکڻ لاءِ ماستر شاگردن کي ڇا پئسا ڏيندا آهن؟ ماستر کي پگهار ڳوٺاڻا ڏيندا آهن يا سرڪار؟ پوءِ اِهو ڇو لازمي آهي تہ سنسڪرت ۽ عربي پڙهڻ لاءِ شاگردن کي سرڪار پئسا ڏئي يا وظيفو مقرر ڪري. انهيءَ مان اِهوئي واضح آهي تہ عام طرح سان اِهو مڃيو وڃي ٿو تہ سنسڪرت ۽ عربي ٻولين جي حاصلات مان معاشي فائدو گهٽ، بلڪ نہ جهڙو آهي، بازار جي طلب ۽ رسد بہ انهيءَ ڏس ۾ تمام اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

توهان جيڪڏهن اصرار ڪريو ٿا تہ ٻيا بہ گهڻا مثال ۽ نظير بيان ڪري سگهجن ٿا. گذريل سال هن ڪميٽيءَ کي هڪ عرضداشت سنسڪرت ڪاليج جي پراڻن شاگردن طرفان پيش ڪئي وئي. عرضدارن بيان ڪيو تہ اُنهن ڪاليج ۾ 10 يا 12 سال پڙهيو هو ۽ هندو ساهتيہ ۽ سائنس ۾ مهارت حاصل ڪئي هئي ۽ آخر ۾ فارغ التحصل ٿي سَندَ حاصل ڪيائون، پر ان سڄي ڏيهي تعليم جو هڙ حاصل ڇا ٿيو؟ انهن سَندَن جي باوجود هنن کي ڪابہ اميد نہ آهي تہ هن ڪميٽيءَ جي مدد کان سواءِ هُنن کي ڪا نوڪري ملي سگهندي، ڇاڪاڻ جو هنن جا هم وطن هنن جي مدد ۽ سهائتا ڪرڻ کان نابري ٿا وارين ۽ ان ڪري گذارش ڪيائون تہ سندن سفارش عزتماب گورنر جنرل ڏانهن اُماڻي وڃي تہ هُو هنن کي روزگار سان لڳائي. هنن چيو تہ جيئن حڪومت سڳوري هنن جي ننڍپڻ کان ئي پرگهور ڪئي آهي، ان لاءِ هينئر بہ ڪنهن باعزت روٽي روزيءَ جو بندوبست ڪري. آخر ۾ هنن ڏاڍي عازيءَ سان وينتي ڪئي تہ هنن کي يقين آهي تہ حڪومت هنن جي تعليم جي دوران ايتري مالي امداد ڪرڻ کان پوءِ، ائين هنن کي غربت ۽ بدحاليءَ جو شڪار ٿيڻ ڪانہ ڏيندي.

هاڻ مون کي اجرتن (مالي عيوضن) جون درخواستون پڙهڻ جي عادت پئجي وئي آهي. انهن سيني درخواستن (ڪيتريون بہ غيرواجبي ڇونہ هجن) ۾ هڪ ئي اُپٽار هوندي آهي تہ عرضدار کي ڪو وڏو ڇيهو رسيو آهي يا هن سان ڏاڍي زيادتي ٿي آهي. هي بيشڪ ٻھريان عرضدار آهن. جيڪي سرڪاري معاوضو پيا گهرن، سو بہ هيترا سال مفت تعليم وٺڻ کان پوءِ، سرڪاري خزاني مان 12 سال فيضاب ٿيڻ کان پوءِ، هنن کي ڏيهي ادب ۽ علمن ۾ پڙ ڪري دنيا ۾ لاٿو ويو تہ وڃي پاڻ کي مڃرائين. هي خدا جا ٻانها وري انهيءَ تعليم کي جڻ هڪ وڏي ڇَٽي سمجهي پيا اهو پُڪارين تہ جيڪي وظيفا هنن کي سالها سال ڏنا ويا، سي انهيءَ ”نقصان“ جي تلافيءَ لاءِ اٽپورا آهن. ها، مون کي انهن جي انهيءَ فرياد جي صداقت تي پورو يقين آهي، ڇاڪاڻ جو هنن پنهنجي زندگيءَ جا بهترين سال اهڙين ٻولين سکڻ ۾ صرف ڪيا، جيڪي هنن لاءِ روزگار جو ذريعو بڻجڻ کان قاصر آهي. ها، اسين سرڪاري خرچ کي بچائي، ڪين انهيءَ ويڌن کان بچائي پئي سگهياسين. اسين سچ ۽ ڪوڙ جي هن مقابلي ۾ غير جانبدار نٿا رهي سگهون. اسان کي هنن ڏيهي ماڻهن کي پنهنجي پيدائشي خام خيالن ۽ غلط رِوشن جا اسير ٿيڻ نہ ڏيڻ گهرجي. مشرقي علمن جي ترقيءَ ۾ اڳئي ڪيتريون رڪاوٽون حائل آهن، احقمانہ چنچلتائون انهن ۾ شامل ڪرڻ نہ گهرجن. اُهي انعام ۽ اڪرام، جيڪي سچ جي پرچار تي ڏيڻ گهربا هئا، هٿ ٺوڪين ڊانگرن تي لٽائڻ ڪٿي جي عقلمندي آهي! جيڪڏهن اسين انهن حرڪتن کي ٻُنجو نہ ڏئي سگهياسين تہ پوءِ اسين وڏي خساري ۾ پئجي

ويندا سين. عربيءَ ۽ سنسڪرت تي سرڪاري خرچ، اهڙي سچ جي پرچار لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندو ۽ اُن سان روشن خياليءَ کي هٿي ملڻ بدران ڪوڙ ۽ سنسي جي جيت ٿيندي. تنگ نظري ۽ سستي جذباتيت، تعليم جي فروغ لاءِ ڪڏهن بہ مثبت موٽ ثابت نہ ٿينديون. اگر ديسي لوڪ، ان تبديليءَ جي مخالفت ڪن ٿا تہ سمجهو تہ اهو اسان جي مُڪمل نظام جي وروڌ ۾ مخالفت ۾ آتا آهن. ۽ اها مخالفت بہ اُهي پيا ڪن، جيڪي اسان جن وظيفن ۽ تربيت جي باوجود اڄ ڳالهہ پيا ڪن. جيترو وقت اسين ان گمراهيءَ واري واٽ تي گامزن رهياسين، ايتري ئي اهڙي سخت مخالفت اسان کي ڏسڻي پوندي ۽ اِها هر سال نون رنگروٽن جي اچڻ کان پوءِ اڃا وڌيڪ مضبوط ٿيندي، جيڪي اسان جي وظيفي تي پڙهي ايندا. عام رعيت مان تہ اسان کي ڪو کُتڪو يا اُلڪو نہ ڪرڻ گهرجي، پر مٿي بيان ڪيل طالبن جي فوج سان مُنهن ڏيڻ ڏکيو فعل ثابت ٿيندو.

هن ڪميٽيءَ هڪ لک روپيا عربيءَ ۽ سنسڪرت جي ڪتابن جي ڇپائڻ لاءِ مختص ڪيا آهن. انهن ڪتابن جا خريدار ئي نہ ٿا ملن ۽ ورلي ڪو ڪتاب نيڪال ٿئي ٿو. 23 هزار ڪتاب ڪتبخانن (لائبريرين) ۾ سڙيا پيا آهن، بلڪ هاڻ تہ گودامن ۾ رکيل آهن ۽ هيءَ ڪميٽي، اهي ڪتاب، جيڪي مشرقي ادب جا ترجمان آهن، مفت ۾ بہ ڏئي پيئي. اڃا هڪڙا ڪتاب ئي مشڪل سان ڪڍون ٿا انهن گودامن مان تہ، انهن کان پيٺا ڇيچو اچيو نڪرن. هر سال 20 هزار روپيا خرچ پيا ڪريون، انهن ڪتابن تي، جيڪي جڻ ردي ڪاغذ جا ڍير آهن ۽ جن جو ڪو بہ خريدار نہ آهي. گذريل ٽن سالن ۾، تقريباً 60 هزار روپيا اهڙيءَ ريت خرچ ٿي چڪا آهن ۽ انهيءَ وقت دوران عربيءَ ۽ سنسڪرت جي ڪتابن مان آمدني مشڪل سان هزار روپيا ٿي هوندي. ساڳئي وقت دوران اسڪول بُڪ سوسائٽي هر سال ست اٺ هزار انگريزي ڪتاب وڪرو ڪيا ۽ نہ فقط پنهنجي ڇپائيءَ جو خرچ ڪڍيو آهي، پر 20 في سيڪڙو نفعو بہ ان ڪاروبار مان حاصل ڪيو آهي.

اِنهيءَ ڳالهہ تي گهڻو زور ڏنو وڃي ٿو تہ هندو قانون، سنسڪرت ذريعي ۽ اسلامي قانون عربي ڪتابن جي ذريعي ئي سکي سگهجي ٿو. ان جو جواب اهو آهي تہ اسان کي پنهنجي پارليامينٽ اِهو حڪم ڏنو آهي تہ اهي سڀ قانون پڙهي، پروڙي، انهن کي هڪ اختصاري روپ ۾ يڪجا ڪيو وڃي. قانون ڪميشن جي مدد انهيءَ ڏس ۾ مليل آهي. جنهن ڏينهن اهو مڪمل 'مجموعہ قانون' اچي ويو انهن مذهبي سنسڪرت ۽ عربي مذهبي ڪتابن کي عدالتي منشي ۽ 'صدرالامين' بار بار پڙهڻ جي زحمت ئي نہ ڪندا. مدرسن ۽ سنسڪرت ڪاليج ۾ هينئر داخل ٿيندڙ طالبن کي انهيءَ ڪشٽ کان نجات ملي ويندي، ڇاڪاڻ تہ هر قانوني چيز انهن کي مجموعہ قانون (code) ۾ آسانيءَ سان ملي ويندي.

مشرقي علمن جا ماهر چون ٿا تہ ڪٿي ڇا بہ ڪري وجهو انگريزي زبان جي صرف سطحي ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي. اِهي ان دليل کي ثابت تہ ڪونہ ٿا ڪري سگهن، پر اشارن ڪناين ۾ اهڙيون ڪچ بحثيون ڪن ضرور ٿا. انگريزيءَ جي حمايت ڪرڻ وارن لاءِ چون ٿا تہ وڏ ۾ وڏ اُهي انگريزي زبان جي املا (spelling) مس وڃي سگهندا. وري شد مد سان بيان ڪن ٿا تہ اصل سوال آهي تہ هندو ساهتيہ ۽ عربي ادب ۽ سڀيتا هڪ طرف ۽ انگريزي زبان جي مٿاڇري ۽ بنيادي ڄاڻ جي وچ ۾ ڪهڙو رستو صحيح ۽ سيبتو آهي. هي دراصل هڪ مفروضو آهي ۽ مفروضو بہ اهڙو، جيڪو عقل ۽ تجربي جي ڪسوٽيءَ تي پرکيل ئي ناهي. اسان کي پليءَ پٽ خبر آهي تہ غيرملڪي باشندا اسان جي زبان سکي نہ فقط تمام ڳوڙها ۽ دقيق علمي فلسفياڻا ڪتاب پڙهندا آهن، پر اسان جن عالمن ۽ اديبن جي ڏيمي ۽ پرڪشش نظم و نثر کي، جيڪو نيٽ انگريزي پهاڪن ۽ محاورن سان مزين هوندو آهي، رس ۽ چس سان پڙهي سگهندا آهن. هن شهر (ڪلڪتي) ۾ ڪافي اهڙا ديسي لوڪ آهن، جيڪي مهارت سان روانيءَ ۽ عقلمنديءَ سان سياسي ۽ سائنسي مسئلا، انگريزن سان بحث هيٺ آڻي سگهن ٿا. اها ڪا اچرج جهڙي ڳالهہ نہ آهي تہ ادبي مجلسن ۾ مون اهڙا ڪئين هندو صاحب ڏٺا آهن، جيڪي نهايت بهترين، ٺُڙ ۽ روان انگريزيءَ ۾ پنهنجن

خيالن جي اظهار ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا. جهڙيءَ طرح هڪ هندوءَ لاءِ انگريزي زبان سکڻ ڏکيري آهي، اهڙيءَ طرح انگريزن لاءِ يوناني ٻولي سکڻ به مشڪل آهي. ان جي باوجود هوشيار انگريز نوجوان شاگرد ان کان به گهٽ وقت ۾، جيڪو هڪ بدنصيب هندو شاگرد سنسڪرت ڪاليج ۾ گذاري ٿو. ڪلاسڪ يوناني اديبن جون لکڻيون، نه فقط پڙهي پروڙي حظ حاصل ڪري سگهن ٿا، بلڪ جيتري وقت ۾ هڪ انگريز شاگرد يوناني هيروڊٽس (تاريخ جي ابي) ۽ سافوڪليز (ڊرامه نويس) کي پڙهڻ جي قابل ٿئي، ان کان به اڌ وقت ۾ هڪ هندستاني شاگرد هيوم (انگريزي فلسفي) ۽ ملٽن (انگريزي شاعر) کي پڙهي خط حاصل ڪري سگهندو.

مٿي آيل سڄي بحث جي انت ۾ اختصار ڪندي، آءُ ورجائيندس ته جيئن اڳ عرض ڪري آيو آهيان، اسان تي پارلياماني 1813ع واري قانون طرفان ڪابه پابندي عائد ڪانه ٿي ٿئي، اسان کي به ظاهر ۽ مخفي عهد و پيمان نه ڪيا آهن، جن جا پابند هجون. اسين هر طرح سان آزاد آهيون ته سرڪاري پئسا ڪيئن ۽ ڪٿي استعمال ڪريون؛ ۽ اسان کي اهي پئسا اهڙي زبان جي لاءِ ئي استعمال ڪرڻ گهُرجن، جنهن جي سکيا لاياڻتي ۽ مفيد هجي ۽ انگريزيءَ جي ڄاڻ ۽ تعليم يقيناً سنسڪرت ۽ عربيءَ کان وڌيڪ بهتر ۽ سودمند آهي. هندستان جا ڏيهي لوڪ خواهشمند آهن ته انهن کي انگريزي پڙهائي وڃي ۽ اُهي نه ٿا چاهين ته هنن کي سنسڪرت ۽ عربي ٻوليون پڙهايون وڃن. مذهبي ۽ قانوني لحاظ کان به ٻئي ٻوليون اسان تي اها دعويٰ نٿيون رکن ته لامحاله انهن جي سکيا ضروري آهي. اهو بلڪل مُمڪن آهي ته هن ملڪ جي ديسي ماڻهن کي انگريزي زبان جا عالم ڪري سگهجن ۽ انهيءَ ڏس ۾ اسان جون سڀ ڪاوشون مرڪوز هئڻ گهرجن.

هڪ نقطي تي مان انهن سان متفق آهيان، جن جي عُمومي خيالن سان سهمت نه آهيان. آءُ محسوس ڪريان ٿو ته اهو اسان لاءِ ناممڪن آهي ته اسين پنهنجن محدود وسيلن ۾ رهندي، سڄي هندستاني خلق کي تعليم يافته ڪري سگهون. اسين في الحال اهڙي طبقي کي اڳيان آڻيون، جيڪو اسان (انگريز حاڪمن) ۽ لکين محڪومن جي وچ ۾ ترجمان هجي- اهڙو طبقو جيڪو رت ۽ رنگ ۾ ته هندستاني هجي، پر خيالن، پسند ناپسند ۽ اخلاقي قدرن ۽ ذهني لاڙن ۾ انگريز هُجي. ان طبقي تي اها ذميداري ڇڏجي ته هو ديسي ڀاشائن ۽ ٻولين کي مغربي علمن جي روشنيءَ ۾ وڌيڪ شاهوڪار ڪن، انهن کي اهڙو ته پختو ۽ پائيدار بنائين، جيئن جديد ڄاڻ ۽ آگهي عوام الناس ۾ پکيڙي سگهجي.

آءُ سختيءَ سان سيني ڌرين جي مفادن کي خيال ۾ رکندس. آءُ دل کولي انهن سيني فردن جي مدد ڪندس، جن کي مالي امداد جي توقع آهي. پر ان سان گڏوگڏ ان خراب سرشتي کي جڙ کان اکيڙندس، جيڪو اسان جي مٿان مڙهيو ويو آهي. آءُ هڪدم عربي ۽ سنسڪرت ڪتابن جي ڇپائي بند ڪندس ۽ مدرسا ۽ ڪلڪتي وارو سنسڪرت ڪاليج ختم ڪندس. بنارس برهمڻي سڪشا (سکيا) جو وڏو مرڪز آهي ۽ دهلي عربيءَ جو ۽ اسين ان کي جاري و ساري رکڻ ۽ علوم شرقيه (مشرقي علمن) جي لاءِ گهڻو ڪجهه ڪري رهيا آهيون. اگر اهي ٻئي مرڪز جاري رهندا ته پوءِ اسين اُتي پڙهندڙن طالبن کي وظيفا ڪونه ڏينداسين. جيڪي پاڻ ايڏانهن پڙهڻ وڃن، اُهي ڀلي پنهنجي مرضيءَ سان بنا ڪنهن مالي مدد وٺڻ جي پڙهن، ڇاڪاڻ ته هنن کي پاڻ ٻن سرشتن (انگريزي ۽ ديسي تعليم) جي وچ ۾ ڪنهن هڪ کي بنا لالچ جي چونڊڻو پوندو. اسان وٽ موجود سرڪاري فنڊ مان اسين ڪلڪتي جي هندو ڪاليج جي انگريزي تعليم جي سکيا لاءِ حوصلي افزائي ڪنداسين ۽ ان ريت پريزيڊنسين جي وڏن شهرن ۾ خاص طور تي فورٽ وليئم ڪاليج ۽ آگري جي اسڪولن ۾ انگريزي زبان جي ذريعه تعليم کي قائم ڪنداسين.

جيڪڏهن وائسراءِ جي ڪائونسل سڻائو فيصلو ڪيو جنهن جي مون کي اُميد آهي، ته آءُ پنهنجا فرض وڌيڪ تندهيءَ ۽ جوش ۽ جذبي سان سرانجام ڏيندس. پر جيڪڏهن ڪائونسل (حڪومت) جي خيال ۾ موجوده سرشتو جيئن جو تيئن جاري رهڻ گهرجي ته پوءِ هن ڪميٽيءَ جي ڪُرسيءَ تان ريٽائر ٿيڻ جي درخواست ڪندس، ڇاڪاڻ ته آءُ محسوس ڪريان ٿو

ته منهنجو اتي رهڻ هڪ خام خياليءَ کي هٿي ڏيڻ برابر ٿيندو. موجوده نظام سچ جي ترقيءَ کي تڪڙو ڪرڻ بدران وهمن ۽ سنسن ۾ ورتل دقيانوسي ماحول کي هٿي پيو ڏئي. آءٌ سمجهان ٿو ته في الوقت اسان کي هڪ مانائتي نانءُ ”عوامي تعليم جو بورڊ“ (بورڊ آف پبلڪ انسٽرڪشن) سڏائڻ جو ڪوبه حق نه آهي. هينئر اسين هڪ اهڙو بورڊ آهيون، جيڪو سرڪاري خزاني مان فضول ڪتاب ڇپرائي رهيو آهي، جن جي قدر قيمت ان ڪوري ڪاڳر کان به گهٽ آهي، جيڪو ڇپائيءَ کان اڳ خريد ڪيو ويو هو ۽ جيڪي ڪنهن نه ڪم جا ڪتاب بيڪار ۽ ڇسي تاريخ، مابعدالطبيعات، غيرمعقول طبعيات ۽ مذهبيت کي همٿائي رهيا آهن. اهڙا ڪتاب پڙهي جيڪي نام نهاد عالم ميدان ۾ اچن ٿا، انهن جو علم به جڻ ته هنن لاءِ زحمت ۽ داغ آهي، ڇاڪاڻ ته سچي ڄمار هو خيرات تي پڙهيا ۽ اِها تعليم هنن کي ڪابه شانائتي نوڪري ڏيارڻ کان قاصر آهي ۽ هو يا ته سرڪاري مدد لاءِ واجهائين ٿا يا وري بُک مرن ٿا. اهڙو ادارو جيڪڏهن هن مدي خارج ۽ اُڏوهي کاڌل سرشتي مان جان نه ڇڏائيندو ته آءٌ اُن جي ناڪاميءَ جو بار پنهنجن ڪُلهن تي کڻڻ کان انڪار ٿو ڪريان، ڇاڪاڻ ته موجوده ’طريقہ تعليم‘ ڪنهن نه ڪم جو بلڪ هاڃيڪار آهي.“

هي هو لارڊ ميڪالي جو تاريخي ’يادداشت نامو‘ جيڪو آخرڪار حڪومت هند تي اثرانداز ٿيو جنهن جي ڪري مارچ 1835ع جي ٺهراءَ ۽ بنگال جي تعليمي ڪميشن جي صوبائي ڪميٽيءَ پنهنجن فيصلن جو اظهار هن ريت ڪيو.

”تبديلي انهيءَ رخ ڏانهن ويئي آهي، جنهن لاءِ خود ديسي ماڻهن جي خواهش رهي آهي. اهڙا سمورا اسڪول، جيڪي مشنري (عيسائي تبليغي) ادارن يا ڪن ٻين قائم ڪيا هئا، جن ۾ انگريزي نه ٿي پڙهائي وئي، اهي ناڪام ويا، ڇاڪاڻ ته ماڻهن اُهي طلبيائي ڪونه پئي. ان ڪري اهڙي تعليمي نيتيءَ (حڪمت عمليءَ) تي عمل ڪيو ويو جيڪا عوامي امنگن ۽ خواهشن مطابق به هئي ۽ حڪومتي ڪاروهنوار جي لاءِ ڪارآمد به هئي. لارڊ وليم بينٽڪ جي خيالن کان متاثر ٿي، اينڊز گورنرن انگريزي اسڪولن ۽ ڪاليجن جو تعداد وڌايو ۽ اسڪالرشپون ڏئي مستحق شاگردن جي حوصلہ افزائي ڪئي، ته جيئن هو انگريزيءَ ۾ مهارت حاصل ڪري سٺيون سرڪاري نوڪريون حاصل ڪري سگهن. انگريزي زبان ۾ تعليم حاصل ڪندڙ ديسي شاگرد پراڻن ۽ دقيانوسي نظرين جي جديد علم ۽ عقل سان پيٽ ڪري هڪ اهڙي اخلاقي طرح نوس بُنياد تي پير رکي، اهڙا بهترين ۽ قابل اعتماد شاگرد ثابت ٿيا آهن، جو هنن جي وفاداريءَ تي ڪير به شڪ ڪونه ٿو ڪري سگهي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته رومن سلطنت جي واڌاري، فروغ ۽ مضبوطيءَ ۾ سندس لاطيني اسڪولن جو وڏو ڪمال هو جيڪي سندس وسيع وعريض ايمپائر جي صوبن ۾ پکڙيل هوندا هئا.

جن به انگريزي تعليم کي بنگال ۾ وڌايو ۽ ويجهايو تن صحيح فيصلو ڪيو هو. اُنهن جي اها سوچ بلڪل دوررانديشانہ هئي ته انگريزي زبان سکڻ سان مقامي ٻوليون به مستفيض ٿينديون ۽ شاهوڪار پڻ. انگريزي تعليم جي برڪت سان لائق، هوشيار ۽ قابل اعتماد سرڪاري اهلڪار مليا آهن. جنهن علائقي، صوبي ۽ ضلعي ۾ انگريزي زبان جي تعليم جي پذيرائي ٿي آهي، اُتي نئين سجاڳيءَ جي لهر اٿين آئي آهي، جهڙي يورپ ۾ نشاط ثانيہ جي وقت 16 صديءَ ۾ يوناني ۽ لاطيني ٻولين جي سکڻ سان آئي هئي. شاگردن جي عقل ۽ شعور، رويي، سوچ ۽ مزاج ۾ هڪ نرالي شگفتگي ۽ سليقو خيالن جي پرواز بُلند ۽ جديد دنيا جي سمجهہ ۽ آشنائي اچي وئي آهي. لامحالہ ادب جا دروازا کُلي ويا آهن ۽ بنگالي ساهتيہ جا انيڪ ليکڪ اڳيان آيا آهن ۽ اسڪولن ۽ ڪاليجن جي لاءِ حڪومت جي سرپرستيءَ کان سواءِ بهترين ڪتاب درسي ۽ غيردرسي تخليق پيا ڪيا وڃن. انگريزي تعليم سيکارڻ جي فيصلي پويان ٽي مکيہ مقصد هئا: (1) هوشيار سرڪاري عملدار تيار ڪجن، (2) يورپي جديد سکيا عام ڪئي وڃي ۽ (3) عوام جي ذهني ۽ اخلاقي سطح بلند ڪئي وڃي. ڪوبہ ماڻهو ان حقيقت کي هاڻ رد نٿو ڪري سگهي ته بنگال ۾ انگريزي تعليم جي ڪري، اُهي ٽئي مقصد ڪاميابي سان حاصل ٿي ويا آهن.

جڳ مشهور تعليمدان ۽ پادري ڊاڪٽر ڊف، جنهن جو تعلق اسڪاٽ لينڊ جي چرچ سان آهي، هن نتيجي تي پهتو آهي ته انگريزي ذريعه تعليم تمام مؤثر طرح سان آزاد خيال تعليم جي فروغ ۾ مددگار ثابت ٿيندي ۽ انهيءَ سبban هندستان جي ماڻهن ۾ ذهني، شعوري، اخلاقي ۽ مذهبي بُلندي اوس ايندي. ڊاڪٽر ڊف پاڻ شروع ۾ ديسي اسڪول هلائيندو هو، پر پوءِ 1830ع ۾ هن ڪلڪتي ۾ انگريزي اسڪول قائم ڪيا، جن هندو ڪاليج جي مقابلي ۾ اچي چڱو نالو ڪمايو.“

لارڊ ميڪالي جو هي ياداشت نامو اخبارن ۾ سخت تنقيد هيٺ آيو پر سڀ کان گهڻي تنقيد سيد احمد طرفان ٿي، جيڪو عليڳڙهه ڪاليج جو ناميارو باني آهي. پر هاڻي ان فيصلي جي سچائيءَ ۽ موزونيت جو اعتراف خود سيد احمد پاڻ ڪري ٿو. جنهن تعليمي ڪميشن جي آڏو پنهنجي شاهديءَ ۾ چيو ته:

”آءٌ اعتراف ڪريان ٿو ته سڀ کان پهريون شخص آءٌ ئي هئس، جنهن چيو هو ته يورپي علم ديسي ٻولين جي معرفت حاصل ڪرڻ ملڪ لاءِ فائديمند ثابت ٿيندو. آءٌ ئي اُهو شخص آهيان، جنهن لارڊ ميڪالي جي 1835ع واري ياداشت نامي مان وڏون ڪڍيون، چاڪاڻ ته ان ۾ مشرقي ٻولين ۾ سکيا جون غلطيون ۽ ڪمزوريون بيان ڪيل هيون ۽ معربي سائنسي علمن ۽ ادب جي سکيا بابت سفارش ڪيل هئي. ۽ ان ڳالهه تي غور ڪونه ڪيو ويو هو ته ديسي ٻولين ذريعي يورپي سائنسي علم سيکارڻ سان ديسي ماڻهن کي ڪو لاڀ حاصل ٿيندو يا نه. مون پنهنجي راءِ کي صرف نظريي تائين محدود ڪونه ڪيو پر عملي طور به آزمائي ڏٺو. مون اهو نظريو مختلف گڏجاڻين ۾ ورجايو ۽ ان موضوع تي ڪيترائي پمفليٽ ۽ مضمون به لکيا ۽ ڪيئي گذارشون مڪاني ۽ اعليٰ حڪومتن ڏانهن روانيون ڪيون. انهيءَ مقصد جي آبياريءَ لاءِ هڪ سوسائٽي (انجمن) ”عليڳڙهه سائنس سوسائٽي“ به قائم ڪئي هئي، جنهن جي زيراهتمام ڪيترائي سائنسي ۽ تاريخي ڪتاب انگريزيءَ مان ديسي ٻولين ۾ ترجمو ڪرايا ويا.

آخرڪار آءٌ انهيءَ نتيجي تي پهتس ته مُنهنجا خيال ۽ نظريو غلط آهن. آءٌ هڪ لبرل (آزاد خيال) سياستدان جي خيالن سان بلڪل سهمت آهيان ته اڄڪلهه جي هندستانين کي، چاهي اهي هندو هجن يا مسلمان، اُن طاقتور نسل جي ادب ۽ سائنس جو بغور مطالعو ڪرڻ گهرجي، جن جي ڪري ئي اُهو طاقتور طبقو حد ڪماليت تي رسيو آهي. آءٌ لارڊ ۽ وليئم بينٽنڪ جي اُن نيت جي سچائيءَ ۽ سالميت کي ميچتا ڏيان ٿو، جنهن ۾ هن صاحب اعلان ڪيو هو ته هن حڪومت جو مقصد عظيم يورپي ادب ۽ سائنس جو فروغ هندوستاني قومن ۾ هئڻ گهرجي.“

مانواري مسٽر امير عليءَ پنهنجي شاهديءَ ۾ ساڳي ڪميشن اڳيان ان کان به وڌيڪ سگهارا دليل ڏيندي چيو:

”آءٌ اهو بيان ڪندي مناسب ٿو سمجهان ته منهنجي خيال ۾ انگريزي زبان سيني مڊل، هاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ لازمي ڪئي وڃي. ملڪ برطانيه جي هندستاني رعايا جي ڪنهن به طبقي ۾ صرف مشرقي علمن جو حصول تمام خطرناڪ امر ۽ عمل ثابت ٿيندو. اهڙا ماڻهو جڏهن اهڙن علمن مان فارغ التحصيل ٿي نڪرندا، تڏهن هنن کي جديد ثقافت ۽ ترقيءَ کان بلڪل نا آشنائي هوندي ۽ هنن کي ڪٿي به ڪا روزگار جي ضمانت ڪانه ملندي ۽ جنهن سبب ڪري هو معاشري ۾ غير آسوده ۽ غيرمطمئن ٿي سماج لاءِ هاڃيڪار عنصر بڻبا. جڏهن معاشي نا آسودگيءَ سان مذهبي ڪٽرپڻي وارا خيال شامل ٿيندا ۽ جڏهن بک ۽ بيروزگاري وڌندي، تڏهن هو لامحاله حڪومت کي ان ناانصافيءَ ۽ ڏاڍ جو ذميوار سمجهندا. آخر انهيءَ بيچيني ۽ سماجي اٿبت جو نشانو اُها سرڪار ٿيندي، جنهن جي ڪشاده دلي ۽ رحمدلاڻي نيت کي هو هميشه شڪ جي نگاهه سان ڏسندا رهندا.

1854ع وارو تعليمي مراسلو جيڪو مشهور مانچيسٽر ڪانفرنس کان ٿي سال پوءِ لکيو ويو هو، اهو گهڻيءَ حد تائين لارڊ ميڪالي جي ياداشت نامي جي خيالن جو ترجمان هو. مانچيسٽر ڪانفرنس اها پڌرائي ڪئي هئي ته ”انگلئنڊ جي ماڻهن جي لاءِ فقط سيڪيولر تعليم ۽ تربيت جو نظام

ئي عوامي اسڪولن ۾ قابل قبول هوندو. ڪڏهن ڪڏهن اهو چيو ويندو آهي ته 1859ع وارو ٻيو مراسلو ان خيال کي هٿي وٺائڻ لاءِ ڪوشان هو ته سرڪاري پئسا ڪاليجي تعليم بدران پرائمري سکيا لاءِ منظور ڪيا وڃن. پر حقيقت ۾ ائين ڪونهي، جيڪڏهن ٻئي مراسلي جو مطالعو ڪبو ته ان جي ترديد بنگال جي صوبائي ڪميٽيءَ هن ريت ڪئي ته اهڙي ڪابه نيتي حڪومت جي مڃيل اصولن جي برعڪس ليکبي، چاڪاڻ ته 'غدر' (1857ع جي جنگ آزاديءَ) جي بدترين ڏينهن ۾ به حڪومت پنهنجي مقدس مقصدن کان انحراف ڪونه ڪيو هو ته هندستان جي عوام الناس کي تعليم جي اهڙين برڪتن کان محروم ڪيو وڃي، جن برڪتن سببان ملڪ ۾ مالي، خوشحالي ۽ اخلاقي بهتري آئي هئي. اهڙن ڏکين ڏهاڙن ۾ به حڪومت خاموشيءَ سان برابر يونيورسٽيون، ڪاليج ۽ اسڪول کوليندي رهي. ان وقت مالي مشڪلاتن جي باوجود، ڪوبه هڪ تعليمي ادارو بند ڪونه ڪيو ويو، ها ڪجهه وقت لاءِ عارضي طرح تعليمي سرگرمين جي توسيع تي اضافي خرچ ۾ ڪٽوتي ڪئي وئي هئي (نمبر86، مورخه جون 1853ع).

1854ع وارو مراسلو اسان جي تعليم جو پروانو (Charter) اڄ ڏينهن تائين آهي. ان جي نيتي اسان جي حڪومت لاءِ رهبري آهي. تعليمي ڪميشن جي قائم ڪرڻ وقت جيڪو نهراءُ منظور ڪيو ويو هو، اِن واشگاف اکرن ۾ اعلان ڪيو ته حڪومت هند هن نيتيءَ جي سالميت ۽ سچائيءَ متعلق بلڪل پرعزم آهي ۽ انهن بنيادي اصولن کان ڪڏهن به انحراف ڪانه ڪندي. هڪ ڪميشن قائم ڪئي وئي ته ان امر جو جائزو وٺي ته مُراسلي تي مڪمل عمل درآمد ڪيو ويو آهي ۽ اهڙا طريقا ڳوليا وڃن، جن تي هلندي هن نيتيءَ تي عمل ۾ پيش ايندڙ رڪاوٽون دور ڪيون وڃن.(نهراءَ جي 6 پئرا).

هن هنڌ اسان کي فقط اهو پرکڻو آهي ته مراسلي جي نيتيءَ بنسبت اعليٰ تعليم تي صحيح طرح سان عمل درآمد ٿيو آهي ۽ جيڪڏهن ٿيو آهي ته ان مان ڪهڙا نتيجا نڪتا آهن. هر هڪ صوبائي ڪميٽيءَ کي، جنهن تعليمي ڪميشن جي زير نگراني ڪم پئي ڪيو، اهو چيو ويو ته اها پنهنجي صوبي ۾ ڪاليجي تعليم جي اثرن بابت نظرداري ڪري ۽ ان ڏس ۾ هو روشن خيال، معتبر ۽ مستند شاهدين کي وڏيڪ وزن ۽ اهميت ڏين. ان معامري تي منهنجي لاءِ هي مشڪل مرحلو آهي ته ڪهڙي مؤثر ۽ موقر شاهديءَ کان آغاز ڪريان، پر بنگال کان شروعات ڪرڻ بهتر هوندي. هن مقدم پريزيڊنسيءَ جي صوبائي ڪميٽيءَ پنهنجي خيالن جو اظهار هيئن ڪيو آهي:

”344۔ ان موضوع تي وڌيڪ ڪجهه چوڻ جي ضرورت نه آهي ته عام تعليم ۽ عوامي روشن خياليءَ تي ڪاليجي تعليم ڪهڙا اثر وجهي ٿي. پيراگراف 18 ۾ اڳئي بيان ڪيل آهي ته انگريزي زبان ذريعي تعليم ڏيڻ جا ٽي خاص مقصد هئا (آهن): بَرجستا ڪامورا پيدا ڪيا وڃن، يورپي علم ادب ۽ سماجي علم ۽ سائنسي علم پکيڙيا وڃن ۽ عوام الناس جي ذهني ۽ اخلاقي حالت بلند ڪجي. ڪوبه ماڻهو هاڻي سنجيدگيءَ سان ان تي آڱر ڪونه کڻندو. بنگال ۾ انگريزي تعليم اهي ٽئي مقصد حاصل ڪيا آهن. ٿلهي ليکي انگريزي تعليم جون برڪتون ڪيترن ئي رستن ذريعي ڏيکاري سگهجن ٿيون. سڀ کان اول ته اهڙن سرڪاري اسڪولن ۽ ڪاليجن جي برپا ٿيڻ کان پوءِ انهن جي عُمدي ڪارڪردگيءَ سببان خانگي ماڻهن طرفان خانگي وظيفا ۽ مالي امداد ملي آهي ۽ خانگي ميدان ۾ اهڙا ڪاليج ۽ اسڪول قائم ٿي رهيا آهن. جيڪڏهن صوبائي حڪومت طرفان يارهن (11) ڪاليج هلايا پيا وڃن، ته مڪاني سرڪارن طرفان خالص چار خانگي هاءِ اسڪول قائم ڪيل آهن. هاءِ اسڪولن جي ڏس ۾ جيڪڏهن هڪ حڪومت هلائي رهي آهي ته ان جي مقابلي ۾ ٽي (ٻن جي مالي سهائتا ۽ هڪ بنا مالي مدد جي) خانگي طرح هلايا پيا وڃن. سرڪاري نون (9) مڊل اسڪولن جي مقابلي ۾ 465 (مالي مدد). 138 (بنا مدد) اسڪول خانگي ادارا هلائين پيا. ڏيهي زبانن ۾ هلندڙ مڊل اسڪولن جي صورتحال ڪجهه هن طرح آهي ته خانگي اسڪول، سرڪاري اسڪول کان 1.5 جي تناسب سان آهن. پرائمري اسڪولن جو ذڪر ڪرڻ اجايو آهي، چاڪاڻ جو انهن

جو وجود ۽ مسلسل بقا حڪومتي دائره ڪار کان بلڪل ٻاهر آهي. ڪاليجي تعليم جي عام ٿين کان پوءِ تعليم جي لاءِ جيڪو اُتساهہ ۽ جذبو پيدا ٿيو آهي، ان اول تہ محڪماتي نظام کي جنم ڏنو جنهن اڳتي هلي خانگي سرمايہ ڪاري ۽ جوش کي هٿي ڏني. ڪوبہ پڙهيل لکيل ڪلڪتي واسي جڏهن شهر کان ٻاهر ڪاروبار جي سلسلي ۾ لڏي وڃي ٿو تہ سڀ کان پهرين اتي جي تعليمي ادارن بابت پڇا ڪري ٿو. هو پنهنجن ٻارن جي تعليم متعلق فڪرمند هوندو آهي، پر جيڪڏهن هو سکيو ۽ ستابو آهي تہ هو پنهنجي ناماچاريءَ لاءِ ڪو اسڪول قائم ڪرڻ جو سوچي ٿو يا خدمت خلق جي جذبي جي تسڪين ڪرڻ خاطر اسڪول جو پايو وجهي ٿو. ڪهڙو بہ جذبو ڪاربند هجي يا هو پاڻ پنهنجي سر يا پنهنجي پاڙيسرين سان گڏجي يا تہ نئون اسڪول قائم ڪرڻ چاهيندو يا اڳ موجود اسڪول جي درجي کي بلند ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. اسان جا نوجوان گريجوئيٽ، جن ۾ زميندار بہ شامل آهن، تعليم جي ترويج ۾ پيش پيش آهن. 150000 (ڏيڍ لک) روپيا جيڪي راجشاهي ائسوسيئيشن طرفان دان ڪيا ويا، جنهن جو مقصد هڪ مقامي ڪاليج جي مالي امداد هئي، سي دراصل هڪ نوجوان زميندار طرفان ارپيا ويا هئا، جنهن تازو پنهنجي تعليم مڪمل ڪئي آهي. ٿوري ٿوري پيماني تي اهڙي ڪارگذاري سڄي ملڪ ۾ جاري آهي، جنهن ڪري نوان نوان اسڪول قائم ٿي رهيا آهن ۽ موجوده اسڪولن کي مٿين درجن تي وڌي ترقي ڏني پئي وڃي ۽ ان سڄي ڪم ۾ حڪومت جو ڪوبہ ڪردار نہ آهي.

پريزيڊنسي بنگال جي ٻي خاص خوبي ان ڪارگذاريءَ بابت آهي تہ جتي انگريزي ڪاليجن ۾ ئي اهڙو ڏيهي ۽ مڪاني ادب، نصابي ضرورتن مطابق ۽ عام دلچسپيءَ جي پڙهڻ لاءِ پيدا ٿي رهيو آهي، جنهن جو ڪو مثال ڪونهي. ڪلڪتي ۽ ڍاڪا جي ڇاپ خانن مان تاريخ، جاگرافي، علم ادب، گرامر ۽ بنيادي سائنسي ۽ حسابن بابت اهڙا اسڪولي ڪتاب ايتري تہ جهجهي تعداد ۾ ڇپجي آيا آهن، جو ڏيهي ادب مالامال ٿي ويو آهي. ان مان گهڻا ڪتاب ڪنهن خاص علمي معيار جي دعويٰ ڪونہ ٿا ڪري سگهن، پر تنهن هوندي بہ ايترو مواد تہ ضرور آهي، جو بنگال جي مستقل ڪميٽي (جنهن کي ويجهڙائيءَ ۾ وڌايو ويو آهي) هن ڪتاب جي چونڊڇاڻ ڪري رهي آهي تہ انهن مان ڪهڙا ڪتاب ڏيهي ادب جا اسڪولن ۾ درسي ڪتابن طور شامل ڪيا وڃن. يونيورسٽيءَ مان پاس ٿيل گريجوئيٽ گهڻي قدر انهن مڊل اسڪولن جي لاءِ انگريزيءَ مان ترجمو ڪري ڏيهي ٻولين ۾ ڪتاب لکي، علمي ضرورتون پوريون پيا ڪن. ان طرح سان مٿان کان هيٺ تائين فائدو پهچائڻ جو عمل جاري آهي، ڇاڪاڻ جو مڊل اسڪولن جا ديسي شاگرد انگريزي تعليم يافتہ ليکڪن جا ڪتاب پڙهي علم حاصل ڪري رهيا آهن.

ڪاليج واري تعليم جي ٽين برڪت انهن جماعتن، انجمنن ۽ ائسوسيئيشن مان بہ عيان ۽ ظاهر ٿي رهي آهي، جيڪي سڄي ملڪ ۾ قومي ۽ سماجي سُڌارن ۽ انهن جي اهميت کان باخبر آهن. انگريزي ڪاليجن ۾ تعليم حاصل ڪيل نوجوانن کي خاص ڪري زناني تعليم جي فروغ جي گهڻي ڳڻتي آهي. سال 1881ع جي بنگال انتظامي رپورٽ مطابق ڏيهي انتظام هيٺ 125 انجمنون (ائسوسيئيشن) قائم ٿيل آهن، جن جا خاص مقصد ذهني واڌ ويجهہ، ترقي ۽ سماجي بهتري آهن. انهن ادارن جي نصب العين مان خصوصي نُڪتا هي آهن: آرٽس ۽ سائنس جي ڪاليجن ۾ ٽيڪنيڪي سکيا، پنهنجي ڳوٺ ۽ علائقي جي نوجوانن جي سماجي، ذهني، جسماني ۽ اخلاقي حالت کي سُڌارڻ، يورپي لوڪن جي ۽ ڏيهي ماڻهن جي وچ ۾ ادبي هم آهنگي ۽ دانشورانہ يڪجهتي ۽ همدرديءَ کي وڌائڻ تہ جيئن اخلاقي ۽ سماجي ترقيءَ لاءِ انجمن پنهنجي مالي وسيلن جي اندر برداشت ڪري سگهي. ازانسواءِ پڙهڻ لاءِ چاهت پيدا ڪرڻ ۽ ذهين شخصن کي يڪجاءِ ڪرڻ، غريبن کي پڙهائڻ ۽ غريب بيمارن لاءِ دوادرمل جو بندوبست ڪرڻ، غريب وڌوائن (بيواهن) ۽ يتيمن جي مالي سهائتا ڪرڻ، زناني تعليم کي فروغ ڏيڻ ۽ ڳوٺ، راڄ، پاڙي، محلي جون سماجي، اخلاقي ۽ ذهني حالتون بهتر ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ. اهڙا جُملا تہ: غريبن ۾ تعليم عام ڪجي، نادار بيمارن ۾ دوادرمل مفت تقسيم ڪجي، زناني تعليم عام ڪجي،

اخلاقيات جو درس ڏجي، نشي کان بچائجي، پاڻ کي ۽ ٻين کي بظاهر اجايو ورجاءِ تا لڳن، ائين ٿو لڳي تہ زباني جمع خرچ لاءِ لکيل آهن ۽ اجائي انجمني بحث مباحثي جي زينت آهن، پر ائين بہ ڪونهي، انهن مان ڪافي جماعتون عملي ڪم ڪري رهيون آهن. خاص طور تي قابل ذڪر آهن. اهڙيون سوسائٽيون، جهڙوڪ: جيسور يونين ۽ ٻيون، جيڪي ان سان گڏ سلهاڙيل آهن. هڪ گڏيل ياداشت هن ڪميٽيءَ کي موڪلي وئي آهي، هنن جا رُڪن اُهي سکر شخص آهن، جيڪي ڪلڪتي ۾ ڪم سانگي رهن ٿا ۽ پنهنجن پنهنجن اباڻن ضلعن ۾ عملي طور تي متحرڪ آهن. اهي انجمنون اهي سياسي سماجي ڪم ڪندي هاڻ چڱو خاصو سياسي اثر رُسوخ بہ رکڻ لڳيون آهن. حڪومت جڏهن عام ڀلي جون رٿون جوڙيندي آهي، تڏهن انهن انجمنن جي ڄاڻ ۽ تجربي کان چڱيءَ طرح بهره ور ٿيندي آهي.

هڪ مختلف قسم جي سوسائٽي آهي، جنهن جو بہ مول مقصد ساڳيو آهي، هيءَ سوسائٽي منظم ۽ ترتيب وار ليڪچر، عملي سائنس جي اعليٰ درجن ۽ سطحن وارن انهن شاگردن کي ڏيندي آهي، جنهن پنهنجي ڪاليجي تعليم ويجهڙائيءَ ۾ ختم ڪئي آهي.

هاڻ هڪ اهڙي پريزيڊنسيءَ جو ذڪر ڪنداسين، جنهن جو نالو ڪٿڻ مناسب نہ آهي. پر ان کي هڪ پريشان حال ۽ منجهيل پريزيڊنسي جو نانءُ ڏئي سگهجي ٿو.

هن صوبائي ڪميٽيءَ 11 پيرا تي هن ريت اظهار ڪيو آهي:

سرنامو: عام تعليم تي ڪاليجي سکيا جو اثر ۽ عوامي روشن خياليءَ جو اچڻ يا ظهور پذير ٿيڻ ۽ ان سبب حڪومت کي قابل ڪامورا مهيا ٿي سگهيا آهن، جن معاشري جي لاءِ بهتر ڪارڪردگي ڪري پاڻ مڃرايو آهي. هن اهم موضوع تي تعليمي رپورٽون ڪي گهٽيون ۽ مددگار ڪونہ آهن. پر 1855ع کان 1881ع تائين اسين فقط بہ حوالا هٿ ڪري سگهيا آهيون. پهريون 72_1871ع ۾ ڪرنل ميڪڊونالڊ (جڏهن هو نگران هو) ۽ ٻيو ان کان پوءِ 1873ع ۾ مسٽر پاول جو هيٺ ڏنل انتخاب. جيڪو 73_1872 ۾ مسٽر پاول لکيو. اهو دراصل ٻنهي صاحبن جي خيالن جي ترجماني ڪري ٿو.

گذريل سال جي رپورٽ جيڪا عام تعليم جي رپورٽ سڏبي، ان ۾ ڪرنل ميڪڊونالڊ لاڳاپيل مضمون تي هيٺين خيالن جو اظهار ڪري ٿو:

”سخت تنقيدي حلقا بہ ان حقيقت جي ترديد ڪرڻ کان قاصر آهن تہ هن پريزيڊنسيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ، پڙهيل ڳڙهيل هندو نوجوان انگريزن سان گڏ اهم سرڪاري آسامين تي شاناٽتي ۽ اعتبار جوڳي نموني سان داخل ٿي ڪري، هڪ نئين عزم ۽ اُتساهہ سان پنهنجون ذميواريون ادا ڪري رهيا آهن. گذريل ٿهيءَ جي مقابلي ۾ هي وڌيڪ ايمانداري ۽ سچائيءَ سان ڪم ڪري، پراڻن کي هر ميدان ۾ پٺتي ڇڏي ويا آهن. هنن نوجوانن جي اڪثريت پنهنجن ڀهراڙيءَ وارن گهٽ پڙهيل پائرن کي جديد تعليم جي برڪتن کان روشناس ڪري رهي آهي. اهڙا ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جهڙا نوجوان هندو هوندا، جن انگريزي سکيا مان پورو فائدو نہ ورتو هوندو. جيڪڏهن وقتي ڊائريڪٽر جي بيان کي مُستند سمجهيو ويندو ۽ مون کي يقين آهي تہ اُهو مُستند آهي، تہ پوءِ تجربيڪار تعليمي ماهر ائين ئي چوندا تہ موجوده انگريزيءَ جي تعليم انتهائي ڪارآمد ثابت ٿي آهي. لازم آهي تہ هن نظام تعليم ۾ اڃا بہ آوس ڪي اوڻايون هونديون. پر اهڙين اوڻاين جي نشاندهي ٿيڻ گهرجي ۽ انهن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون وڃن.“

اپريل 1873ع ۾ مسٽر پورٽر، جيڪو ڪئين ورهيہ ڪومبا ڪوم ڪاليج جو ڪامياب ترين پرنسپل رهيو ۽ مهاراجا ميسور جو اتاليق بہ رهيو ان جي هڪ مشهور تقرير، جيڪا هن مدراس يونيورسٽيءَ جي ڪانووڪيشن ۾ ڪئي هئي، ان جا خاص اقتباس/ ٽڪرا هيٺ ڏجن ٿا:

”موجوده سال ڪيترن سببن ڪري خاص اهميت جو حامل آهي. تعليمي نصاب ۾ اهم تبديليون، ڪتابن ۾ ۽ نصاب جي دوران ئي ايندڙ سال عمل ۾ اچي وينديون ۽ پراڻن قاعدن هيٺ هيءَ آخري سال آهي. جڻ هن يونيورسٽيءَ جو پهريون دور هاڻ اختتام پذير آهي. انهن گذريل سورهن سالن ۾ جيڪڏهن ترقيءَ جي رفتار جي پيٽ فقط انهن شاگردن جي حساب

سان ڪبي، جن امتحان ڪاميابيءَ سان پاس ڪيو آهي، تہ بہ حيرت انگيز نتيجا ملن ٿا. ترقي تمام شاندار، بغير ڪنهن روڪ رڪاوٽ جي ٿي آهي. رڳو تعداد جي گهٽائي نہ، پر شاگردن جي معيار ۾ تيزي جس لائق آهي. هن پريزيڊنسيءَ ۾ اعليٰ تعليم گذريل ويهن سالن کان جاري ساري آهي. اسان جي اسڪولن جا پراڻا شاگرد هاڻ نوجوانيءَ جون حدون ٽپي سرڪاري نوڪرين ۾ اهم جاين تي اهلڪار آهن، جن ۾ ڪيترائي سجي ملڪ ۾ مصروف آهن، جن جي تعظيم ۽ احترام بہ هر هنڌ ٿئي ٿو. گذريل ڪيئي سالن جي شاگردن کي سرڪاري عهدا ۽ نوڪريون مليل آهن. ها، جيڪي شاگرد خاموشيءَ سان گمنام هنڌن تي ڪم ڪري رهيا آهن، انهن بابت مون کي ڪابہ ڄاڻ ڪانهي، انهن جا بالا عملدار انهن متعلق ڪجهہ ٻڌائي سگهندا. هڪ ڳالهہ واضح آهي تہ عوام ۾ انهن جي باري ۾ آهستي آهستي مثبت خيال اڀري رهيا آهن. شروع شروع ۾ هنن بابت هڪ عام منفي رويو ۽ راءِ هوندي هئي، ڇاڪاڻ تہ گهٽ شاگرد هينئن نوڪرين تي ڪم ڪرڻ لاءِ آماده هئا. هاڻ اهي رويا ختم ٿي رهيا آهن ۽ تمام وڏو انگ اهڙن شاگردن جو عدالتن ۽ ڪورٽن ۾ ڪم ڪري عزت ڪمائي رهيو آهي. ان سان گڏ هنن جي اخلاقي ۽ ڪرداري صورتحال ۾ واضح تبديلي آئي آهي ۽ سرڪاري نوڪريءَ کي عوام ۾ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو.“

ساڳئي موضوع تي هڪ اهم ويچار بڪنگهام جي ڊيوڪ، ونديو جڏهن هُن پهرين مارچ 1880ع تي ڪانووڪيشن ۾ خطاب ڪندي تعليم بابت هيءَ گفتگو ڪئي:

”ڇا تعليم حاصل ڪرڻ جي خواهش صحيح ڏس ڏانهن وڃي پئي؟ اهڙي ڏس ۾، جنهن ۾ اجائي سطحي ڄاڻ ۽ سکيا بدران ٺوس ۽ مضبوط بنيادن تي بيٺل تعليم حاصل ڪري سگهجي. اهڙي ٺوس ۽ مضبوط بنيادن تي حاصل ڪيل تعليم مان برطانوي ڪامن ويلٿ (شهنشاهيت) کي لاڀ حاصل ٿيندو. ڏيکاءَ واري سطحي ڄاڻ ۽ سکيا مان خطرو محسوس ڪريو. ٺوس تعليم حاصل ڪيل هڪ شاگرد عملي زندگيءَ ۾ تڪڙي دماغ سان فيصلو ڪندو، برباريءَ سان تبديلين جي نتيجن تي غور ۽ فڪر ڪندو ۽ نهايت احتياط سان اهو ويچاريندو تہ خراب قانونن، ريتن ۽ رسمن کي ڪيئن بدلائجي تہ جيئن قوم مختلف ڏکين دورن مان همت سان گذري پار پئجي سگهي. هو جڳاڙي، شعبده باز، ناٽڪي نہ هوندو، پر هر فيصلي ڪرڻ وقت ماضيءَ جي تجربن کي سامهون رکي مستقبل بابت صحيح ۽ صائب فيصلا سالم دماغ سان ڪندو. اهڙا ماڻهو پختي ۽ حوصلہ مند سوچ جا حامل هوندا آهن ۽ اهڙن ماڻهن جي مشورن جي حڪومت کي ضرورت آهي ۽ اهي ئي عوام جي صحيح رهنمائي ڪرڻ جا اهل آهن.

هن پريزيڊنسيءَ جي تعليم ڇا اهڙا انسان پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي؟ مون کي شڪ نہ آهي تہ ان جو جواب ’ها‘ ۾ هوندو، پر سمجهان ٿو تہ گهٽي تعداد ۾ اهڙا ڏيکاءَ واري سطحي تعليم حاصل ڪيل ماڻهو اڃا بہ آهن، جيڪي پنهنجي مٿاڇري سکيا جو اجايو کوکلو مظاهرو ڪن ٿا ۽ ڪج بحثي ڪندي، ڪوڙ کي سچ ثابت ڪندي، ڪوشن (لغتن) ۾ گڏ ڪيل رٽيل جُملا، بي ربط محاورن ذريعي، سياق ۽ سباق کان ٽوڙي، جڳاڙي دانش تي ڪم پيا هلائين. مون کي يقين آهي تہ اڃا بہ چڱو وڏو تعداد سالم ذهن ۽ ٺوس ۽ صائب راءِ تعليم يافتہ نوجوانن جو آهي، جيڪي هن پريزيڊنسيءَ لاءِ قابل فخر آهن، ڇوتہ اهي هن يونيورسٽيءَ مان فارغ التحصيل آهن“.

ان کان پوءِ ٻئي سال سر چارلس ٽرنر، چيف جسٽس ۽ مدراس يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر، ڪانووڪيشن کي خطاب ڪندي، اعليٰ تعليم جي نتيجن متعلق هيءَ خيال ونديا:

”جديد هندستان زرين مثالن سان اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي، (جن مثالن جي سڀني کي خبر آهي ۽ هيءَ اجتماع بہ بخوبي واقف آهي) تہ سندس سپوت ڪاميابيءَ سان بهترين يورپي دماغن جو وڪالت، مُنصفيءَ، قانوني صلاح مشوري ۽ وڻج واپار ۾ پوريءَ طرح مقابلو ڪري سگهن ٿا. اهو وقت هاڻ گهڻو ڏور نہ آهي، جڏهن هندستان پنهنجا فيلسوف، ماهر اخلاق ۽ سماج سڌارڪ پيدا ڪندو.“

سڀ کان آفرين لائق ۽ ويجهڙائيءَ ۾ بيان ڪيل هڪ خيال، روشن ضمير هز هاءِ نيس راجا رام ورما، ٽرانون ڪور جي شهزادي جو رايو آهي، جيڪو ملاحظ ڪريو:

”سرڪاري اعليٰ تعليم هيل تائين ڪي سٺا نتيجا نہ ڏئي سگهي آهي ۽ اِها بدناميءَ جي ڳالهہ آهي تہ فقط ڪٽر لڪير جي فقيرن ۽ غيرمطمئن ماڻهن جو ججهو تعدادي پيدا ڪري سگهي آهي. ان جي باوجود گذريل چاليهن سالن ۾ ديسي حڪومتن ۽ وڪالتي ڪيتر ۾ گهڻو سُڌارو آيو آهي، ان کان ڪوبہ تنگ نظر نقاد انڪار ڪونہ ٿو ڪري سگهي. جيڪڏهن عوامي اهميت جي هيءَ ڪارڪردگي حڪومتي اعليٰ تعليم جي ڪري نہ آئي آهي تہ پوءِ ڇا جي ڪري ائين چاڙهو آيو آهي؟ اهي نتيجا حاڪمن ۽ محڪومن، ٻنهي لاءِ خوش آئنده آهن. اها ڇڱائي رڳو تاج برطانيا جي راڄ تائين محدود نہ آهي، بلڪ چار ڏيهي رياستون بہ اهڙن چئن ماڻهن جي انتظام هيٺ پيون هلن، جيڪي مدراس هاءِ اسڪول جي نظام هيٺ پڙهي انهن جاين تي پهتا آهن. اهي چار هوشيار منتظم آهن: راجا سرمد هاوا راو رنگا، چاريو رام آئينگر ۽ سيشايا شاستري، جيڪي ترتيب وار بڙودا، ميسور، ٽرانون ڪور ۽ پدو ڪوٽا ۾ سٺيون حڪومتون هلائين پيا، نہ تہ جيڪر انهيءَ تعليم جي غيرموجودگيءَ ۾ اصل بلڪل ناممڪن هو. اها ترقي واقعي بغير ڪنهن رڪاوٽ جي ٿي آهي. مبارڪباد جي ڳالهہ تہ اها آهي، جو نہ فقط شاگردن جي تعداد ۾ خاطر خواه واڌارو آيو آهي، بلڪ انهن جي معيارِ تعليم ۾ بہ چڱي بهتري ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هن پريزيڊنسيءَ ۾ اعليٰ تعليم گذريل ويهن سالن کان مروج آهي. هر تعليم يافتہ ديهي باشندو سرڪاري نوڪريءَ کان ٻاهر ۽ سرڪاري نوڪري ڪندڙ روشن خياليءَ جو هڪ درخشان مثال آهي، جنهن ۾ مردانہ خوداعتمادي ۽ انگريزي حڪومت سان وفاداريءَ جا جذبا آهن.“

رنگاچارلو، جنهن جو مٿي ذڪر آيو آهي، پنهنجي هڪ تقرير ۾، جيڪا هن مارچ 1882ع ۾، ميسور جي مهاراجا ڪاليج ۾ ڪئي، ويچارن جو اظهار هيئن ڪري ٿو:

”اهي سڀ ڳالهيون انهيءَ امر جي تقاضا ڪن ٿيون تہ پرائمري تعليم تي خرچ واڌيو وڃي، پر اهڙا وسيلا بہ ميسر ڪيا وڃن، جن جي معرفت پنهنجن ٻارن جي فلاح ۽ بهبود ۾ دلچسپي رکندڙ پڙهيل لکيل ڏيهي فرد، عوام الناس ۾ تعليم کي عام ڪن. اهو عام طرح پڇيو وڃي ٿو تہ ڪاليجن مان پڙهيل اسان جا نوجوان انهن مقصدن کي پورو ڪري رهيا آهن، يا اڻپڙهلين جي هڪ وڏي انبوهہ جي وچ ۾ پڙهيل شخصن جي اقليت، ڪنهن خطري جي گهنٽي تہ نہ ٿي وڄائي. آءٌ ان سوال جو جواب فقط ائين ڏيندس تہ اڃا اسان کي ايترو وقت ناهي مليو، جو اسين اعليٰ تعليم جا ثمر ڳٽي سگهون. ڪجهہ وقت درڪار آهي تہ اڃا اِهي ثمر پچي راس ٿين، اعليٰ تعليم ۾ خاطر خواهہ تبديلي آڻي سگهن. اڳين ڪيپن ۾ جيڪي گورنمينٽ ڪاليجن مان پڙهي فارغ التحصيل ٿيا، سي هڪدم سرڪاري نوڪرين ۾ هليا ويا. ان کان پوءِ واريون ڪيپون سرڪاري نوڪريون حاصل نہ ڪري سگهيون ۽ بدديءَ جو شڪار ٿي منتشر خيال ۽ سماج کان نراس ٿي مايوس ٿي ويا. پاڻ اڄڪلهہ جن ماڻهن جو هٿ وقت جي نبض تي آهي، انهن کي ڄاڻ آهي تہ هاڻ گهڻي انداز ۾ شاگرد ڊاڪٽري ۽ انجنئيريءَ ڏانهن وڃي، ڪامياب زندگي گذاري، عوام الناس جي خدمت ڪري، سماج جا ڪارآمد سپوت ثابت ٿيا آهن. ان ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ اهي شاگرد اڳتي هلي عوام جي خدمت جو هڪ بيش قيمت ذريعو ثابت ٿيندا. عوامي ترقيءَ لاءِ ڪارآمد ٿي، حڪومت جي لاءِ بہ هڪ مضبوط ۽ منظم شهري ۽ اهلڪار ليکبا. حڪومت کي هڪ مؤثر قانون سان پڙهيل ۽ هنري تعليم سان آراستہ نوجوانن جي روزگار جا ذريعا پيدا ڪرڻ گهرجن، ڇاڪاڻ تہ پڙهيل لکيل، بيروزگار رهڻ ڪري سماج تي منفي اثر پيدا ٿيندا ۽ اهي برطانوي راڄ لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندا.“

هت اسين ڪجهہ اهڙن تعليمي ماهرن جا خيالات ڏينداسين، جيڪي ڪاليجي تعليم جي ڪاروهنوار ۾ مصروف آهن: پريزيڊنسي ڪاليج جو ڊاڪٽر ڊنڪن چئي ٿو: ”سرڪاري تعليم کاتي جي اهلڪارن جي فرضن ۾ اهو شامل آهي تہ اهي انساني دلين تي اهڙيءَ طرح اثرپذير

ٿين، جو اخلاقي، مذهبي، ذاتي ۽ سماجي واڌ ويجهه جي ڏس ۾ جاکوڙ ڪن. انهيءَ جدوجهد جي ڪاميابيءَ جون غماز اهي صاف، اُجريون ۽ بي داغ زندگيون آهن. جيڪي انهن سرڪاري درسگاهن مان تعليم حاصل ڪري نِڪتيون آهن ۽ جن جي ڪردار جي ڀيٽ ۾ موازنو توهان ٻين ملڪن جي پڙهيل ڳڙهيل نوجوانن جي ڪردار سان ڪري سگهو ٿا. مون ڪي ان حقيقت جو ادراڪ آهي ته مذهب جا لازمي ۽ اهم جز جيئن تبليغي ڪاليجن (مشنري) ۾ پڙهائجن ٿا، ايئن سرڪاري اسڪولن ۽ ڪاليجن جي نصاب ۾ شامل آهن. انهيءَ جي تصديق انهن تعليم يافته نوجوانن جي ڪردارن مان ڪري سگهجي ٿي، جيڪي سرڪاري ڪاليجن مان پڙهي نڪتا آهن. وڻ جي سڃاڻپ ڦل مان پوندي آهي. هن دستاويز لاءِ مان سرڪاري ڪاليجن جي ڪارڪردگي فخر سان پيش ڪريان ٿو.“

ڪرسچئن ڪاليج جو مسٽر ملر به ساڳئي قسم جا ويچار ونڊي ٿو: ”هن نُڪتي تي منهنجون خاص ترجيحات ڪونهن. پر ايئن چوندس ته هن ڪميشن جي بنيادي متن موجب ڪاليجي تعليم جا تمام مثبت فائدا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهو چوڻ آسان آهي ته اجا به بهتر نتيجا نڪرن ها، جي هي يا هو رستو ورتو وڃي ها. مثال طور گهٽائي ڏس آهن، جن تي ڪاربند ٿجي ها ته اجا گهڻا بهتر نتيجا نڪرن ها. وڌيڪ تعليم تي زور ڏجي ها ۽ رڳو امتحان ۾ ويهڻ جي تياري نه ڪجي ها. شاگردن ڪي راغب ڪجي ها ته اهي تعليم عملي طور پاڻ جاکوڙي حاصل ڪن ها، ۽ نه ڪي هنن ڪي آسان ۽ دماغ ڪي هلائڻ ڪان سواءِ جُڳاڙي طريقي سان تعليم ڏجي ها. جيڪر اخلاق ڪي بهتر ڪرڻ ۽ خود سوچڻ جي عادت هنن ۾ وجهجي ها ۽ وڏن وڏن موضوعن تي بحث مباحثو ڪرائڻ لاءِ ڊبيٽنگ سوسائٽيون قائم ڪرائجن ها ته جيئن هنن جي ذهني نشونما ۽ واڌارو ٿئي ها. ان طرح خاطريءَ سان ڪاليجن، ڪي اهڙا مخصوص اقدام نه ورتا، جن سان اُنهن نيڪ ۽ مفيد مقصدن جو حُصول ممڪن هجي ها. انهن اوڻاين جي باوجود، جن باشعور ماڻهن ڪي حقيقت جو ادراڪ آهي، اُهي مُعترف آهن ته مجموعي طرح سان ڪاليجي تعليم مثبت اثر وڌا آهن.“

سينٽ جوزف ڪاليج، نيگاپٽم جو سربراهه ڊاڪٽر جين لکي ٿو ته:

”ڪاليجي تعليم جي خلاف ڪٽي ڪيتريون تهمتون لڳايو، چاڪاڻ ته انسان جي وس ۾ آهي ته هو سُٺي شيءِ ڪي خراب ڪري سگهي ٿو پر منهنجي خيال مطابق اُن حقيقت جي ترديد نه ٿي ڪري سگهجي ته ڪاليجي تعليم سڀان نشست و برخواست ۾ نکار آيو آهي ۽ پڙهيل لکيل هندن جي ڪردار ۾ ايمانداري ۽ راستيءَ جو وڌيڪ چالامان آيو آهي. خود مطلبي ۽ خودغرضيءَ جي رواج باوجود اعليٰ تعليم جي ڪري عقل ۽ دانش جي سوڀيا ۽ سرسي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ان ڳالهه سان آءٌ ڪي قدر سهمت آهيان ته مذهبي خيالن ۾ ڦير واچي رهيو آهي، پر ڇا اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ ماڻهو صدين ڪان سانڍيل ڏند ڪٿائن تي اکيون پوري ويساهه ڪندو رهي ۽ سچ جي ڳولا نه ڪري! انهن سوالن ۽ سچ جي تلاش ڪي آءٌ اعليٰ تعليم جي برڪت شمار ڪريان ٿو. ائين بلڪل نه آهي ته تعليم يافته هندو ناستڪ ۽ دهريا ٿي ويا آهن ۽ هنن پنهنجي مذهب ڪي تياڳي ڇڏيو آهي. ها ايڪڙ ٻيڪڙ جي ڳالهه ٻي آهي. منهنجي خيال ۾ اڪثريت اهڙن پڙهيل هندن جي آهي، جيڪي اجا به پنهنجي اباڻي ڌرم تي سختيءَ سان ڪاربند آهن. اصولي طور تي نه سهي، پر صدين ڪان دلين ۾ ويٺل وسواسن ۽ عقيدن جي باعث اهي قائم آهن، جيڪي هنن ڪي پنهنجن وڏن ڪان ورثي ۾ مليا آهن.“

مٿين اختصارن جي پُڄاڻيءَ تي هن ڪميشن جي صدر پاران ڪيل مسٽر جسٽس جي موٿمو سامي آيئر جو آڏي پڇا جو هڪ جامع ٽڪرو پيش ڪجي ٿو:

جواب نمبر 1- ”اعليٰ تعليم اخلاقي قدرن جي پائماليءَ جي بجاءِ انهن جي فروغ ڪي هٿي ڏني آهي. توهان تعليم يافته گهرن ۾ وڃي ڏسندؤ ته اُتي ڪهڙيون نه مثبت تبديليون آيون آهن. هنن جون گهر واريون (زالون)، هنن جون نوڪراڻيون نه، بلڪ هنن جون برابريءَ واريون جيون ساٿي آهن. هر پڙهيل ڳڙهيل انسان پنهنجي گهر واريءَ ۽ ڌيءَ/ ڌيئرن ڪي پڙهائڻ لاءِ

ڪوشان آهي. ازدواجي زندگي اعليٰ تعليم جي ڪري نهايت خوشگوار ٿي پئي آهي. جيتوڻيڪ هندو قانون ۾ هڪ کان وڌيڪ زالن جي اجازت آهي، پر اعليٰ تعليم جي روشنيءَ سبب هاڻ اها بُرائي جڙ کان اکڙجي وئي آهي. هن حڪومت سان وابسته هر اهلڪار ان حقيقت جي تصديق ڪندو ته اعليٰ تعليم جي فروغ اخلاقي قدرن کي بلڪل سڌيءَ طرح ۽ مثبت انداز ۾ متاثر ڪيو آهي.“

سوال-2: ڇا هيءَ ڪميشن توهان جي هن پر زور شاهديءَ مان اهو نتيجو اخذ ڪري ته جيئن ته توهان جو روز مره جو واسطو نوجوان تعليم يافته ماڻهن سان گهڻو آهي، ان ڪري اها حقيقت ناقابل ترديد آهي ته اعليٰ تعليم اخلاقي بنيادن لاءِ هاڃيڪار نه آهي ۽ گهرو زندگيءَ لاءِ خوشگوار ثابت ٿي آهي ۽ اهڙي ٿهي پيدا ڪري رهي آهي، جنهن تي هيءُ ملڪ فخر ڪري سگهي ٿو.

جواب-2: ”بلڪل، خاطريءَ سان، هت ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ اهڙا ماڻهو ضرور هوندا، جن تي ڪو خاص اثر نظر نه ايندو، پر هينئر آئُ هڪ سموري طبقي جي ڳالهه پيو ڪريان ۽ اها به ان جي وسيع تر اڪثريت جي.“

”اسان ڪي اعليٰ تعليم ۾ مُضمر براين ۽ جوکن کي نظرانداز ڪرڻو ناهي. وڏين وڏين تحريڪن ۾ مثبت ۽ منفي پاسا لاشڪ هوندا آهن ۽ اهڙيءَ صورتحال ۾ خراب پاسن کي گهٽائي پيش ڪجي ۽ سٺن پاسن جي وڏ ۾ وڏ نيڪي ۽ تشهير ڪرڻ گهرجي. اعليٰ تعليم جي ڪري پيدا ٿيل خرابين جي ڪجهه اديبن خوامخواه وڌائي مشهوري ڪئي آهي، پر هت اسان اهڙن سنجيده، گنڀير ۽ عاقل بزرگن ۽ سڄڻن جا ويچار ۽ خيال پيش ڪيا آهن، جن کي پنهنجي فني ۽ علمي شعبن ۾ گهرو تجربو آهي.

هاڻ اچو ته اسين بمبئي پريزيڊنسيءَ جو احوال پيش ڪريون (ماسواءِ سنڌ جي) جنهن صوبي جي گڏيل پکيڙ انگلئنڊ ۽ ويلس جي برابر آهي، پر ان افسوس سان اجا تائين ڏهن گرئجوئيٽن کان وڌيڪ کو به فارغ التحصيل ٻاهر نه اماڻيو آهي (ميدان عمل ۾). بمبئي ڪميٽي پنهنجي مسئلن جي اُپٽار ڪجهه هن ريت ڪري ٿي:

”بمبئي ڪميشن ڪي واضح اشارا اعليٰ ڪاليجي تعليم بابت امتحانن جي عام نتيجي جي آڌار تي ڏئي ٿي. اعليٰ تعليم جون برڪتون ۽ سٺا اثر بمبئيءَ ۾ اسان جي انتظاميه جي ڪارڪردگي ۽ قانوني شعبي ۾ بهتريءَ واري ماحول ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هن ڪميشن آڏو سر وليئم ويڊر برن جي شاهدي هن بهتر صورتحال جي تصديق ڪري ٿي. ٻيون معتبر ۽ اعتبار جوڳيون شاهديون انيڪ آهن، پر هڪ تمام اهم شاهدي مرحوم سر ايم. آر. ويسٽ ٽراپ، سابق چيف جسٽس بمبئي هاءِ ڪورٽ جي، جنهن پهريائين ننڍي جج ۽ پوءِ بحيثيت چيف جسٽس جي لڳاتار ويهه ورهيه بمبئي اعليٰ عدالت جي سربراهي ڪئي (يعني جنهن سال کان تعليمي مراسلو 1854ع ۾ پڌرو ڪيو ويو) بمبئي بار جي هڪ اجلاس کي پنهنجي ريٽائرمينٽ کان ٻه ٽي مهينا اڳ، خطاب ڪندي چيائين:

”هن جو خيال هو ته جنهن ڏينهن ملڪ برطانيا جي حڪمنامي تحت بمبئيءَ جي گوديءَ جي سامهون پراڻي بلڊنگ ۾ هاءِ ڪورٽ قائم ٿي هئي ۽ اڄوڪو وقت جڏهن ماتحت ججن ۽ ننڍڙن شهرن ۾ وڪالت ڪندڙن ۽ هاءِ ڪورٽ جي وڪيلن جي ذهني اوسر ۾ زبردست ڦيرو آيو آهي. ويهه سال اڳ جي ۽ اڄوڪين حالتن ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي. ماتحت ججن ۽ ننڍڙن وڪيلن کان وٺي هاءِ ڪورٽ جي وڪيلن تائين ڇا ته زبردست تبديلي ڏسي ۽ پسي سگهجي ٿي ۽ ڇا ته قابليت جا اعليٰ معيار وچي ڪهڙين چوٽين تي رسيا آهن.“

وري ساڳيءَ ڪورٽ جي وڪيلن جي استقبالي خطبي جي جواب ۾ چيف جسٽس صاحب وراڻيو: ”ڳالهه ٻولهه، نشست برخاست، تعليم ۽ تربيت ۾ هاءِ ڪورٽ جا وڪيل اعليٰ معيار جي اوچي ڪارڪردگيءَ ۾ پنهنجي بزرگ وڪيلن کان گوءِ کٽي ويا آهن، جيڪي گهڻو وقت اڳ صدر عدالت (ديسي ڪورٽن) ۾ پيروي ڪندا هئا. هو سالن کان وڪيلن جي عمدي ڪارگذاري ڏسندو پيو اچي ۽ هو پاڻ ۽ سندس ساٿي جج ان کان تمام گهڻو متاثر هئا. دراصل بمبئيءَ جي تعليمي ادارن جو ئي ڪمال آهي، جنهن ڪري اهڙا لائق قانوندان ميدان عمل ۾ آيا آهن ۽ وڏا قانوني امتحان

پاس ڪري ماتحت جج ۽ ڪامياب ڪامران وڪيل ثابت ٿيا آهن. هن کي قوي يقين هو تہ تعليم جو اهو معيار اڃا بہ مٿي ويندو. ٻهراڙين ۽ ننڍڙن شهرن جي دهقاني وڪيلن جو اڃا تائين شهرن کان ٻاهر دٻدٻو قائم آهي، پر آهستي آهستي بمبئيءَ جي ايلفنسٽن ڪاليج ۽ بمبئي يونيورسٽيءَ جي فارغ التحصيل وڪيلن جي يلغار پراڻن دهقاني (غير انگريزي خوانده) وڪيلن جي تسلط کي ختم ڪندي. هو سچيءَ دل سان دعاگو آهي تہ نئين ٽهيءَ جا انگريزي دان وڪيل ۽ جج ڪامياب ٿين.

سرڪاري نوڪريءَ کان سواءِ بہ ڪاليجي تعليم جو مُفيد مثبت اثر ڪٿي ظاهري طور ايترو عيان ۽ بيان نہ آهي، پر آهي چڱو خاصو. ۽ خانگي کيتر ۾ بہ ڪاليجي شاگردن پاڻ ملهايو آهي.“

مسٽر سوراب جي شاهپور جي بنگالي C.I.E جنهن کي هن موضوع تي ڳالهائڻ لاءِ وسيع ڄاڻ آهي، پنهنجي شاهديءَ ۾ ڪميشن آڏو بيان ڪيو تہ: ”بمبئيءَ جون ڪيڙن ناهڻ ۽ اُٽڻ واريون ملون پڙهيل لکيل ديسي ماهر ماڻهن جي دستياب ٿيڻ کان پوءِ، تمام تيزيءَ سان ترقيءَ جي طرف گامزن آهن ۽ خاص طور ايلفنسٽن ڪاليج مان پڙهيل شاگردن، انگريزي ڪاليجن مان نڪتل شاگردن جي ڪري معاشري ۾ نہ فقط روشن خيال آئي آهي، بلڪ ثانوي تعليم جي پڙهائڻ لاءِ هاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن جا پڙهيل نوجوان هاڻ آسانيءَ سان دستياب آهن. مثال طور فورٽ هاءِ اسڪول بمبئي، نيو انگلش اسڪول ۽ نيٽوِ (Native) انسٽيٽيوشن (Institution) پُونا ۾ ڏاڙوا ۾ ڪليل نئين اسڪول جا مئنيجر، سپ الفنسٽن ڪاليج ۽ دکن ڪاليج مان امتحان پاس ڪري آيا آهن. اسان جي يونيورسٽين جا فارغ التحصيل نوجوان نہ فقط پريزيڊنسيءَ جون ديسي زبانن واريون اخبارون پيا ڪاميابيءَ سان هلائين، پر سندن جديد لکٽيون، هم عصر علم ادب ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ڪري رهيون آهن. بمبئيءَ جي هڪ پنگتي تنظيم ”پرارٿنا سماج“، هن ڪميشن کي ڏنل هڪ ياداشت نامي ۾ اهو ٻڌايو آهي تہ سندس ميمبر انگريزي ڪاليجن مان فارغ التحصيل آهن ۽ اُهي هر وقت ادبي، سماجي ۽ مذهبي/ سُڌارن لاءِ ڪاوشن ۾ رڌل آهن. اهڙيءَ طرح اورچ ۽ جاکوڙي ڪاليجي شاگرد انيڪ ادبي، سماجي ۽ ڌرمي سڀائن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن، جن ۾ ڪي خاص هي آهن: گجرات ورنيڪيولر سُوسائٽي، پُونا سروا جانڪ سڀا، پُونا گيان سڀا، مراٺي ۽ گجراتي دنئين پراسڪ سوسائٽيون، ايسٽ انڊيا ائسوسيشن جي بمبئي شاخ، ديسي ڀاشائن جون تقريري سوسائٽيون (بمبئي ۽ پونا ۾) گرانٽ ڪاليج ميڊيڪل سُوسائٽي، بمبئيءَ جي وڌوائن (بيواهن) جي ٻي شادي واري ائسوسيئيشن، آريا مهيلا (عورت) سماج.

هن پريزيڊنسيءَ ۾ ٿوري وقت ۾ ڪاليجي تعليم ديسي سماج جي هيٺئين ۽ وچولي طبقي تي پنهنجا مثبت اثر ڇڏيا آهن ۽ عام تعليم جي برڪت سببان سجاڳيءَ جي لهر اُڀري آهي، جنهن ڪري روشن خياليءَ وارا رويا ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ هن تعليم سان آراستہ نوجوانن سرڪاري ۽ خانگي نوڪرين ۾ پنهنجو پاڻ کي مڃرايو آهي. جيتوڻيڪ ڏيهي ادب جي فروغ لاءِ انهن انگريزي خواندن ڪو خاص ٻهرو نہ ورتو آهي. پر تنهن هوندي بہ بمبئي، گجرات ۽ مهاراشٽر جا اهي ليکڪ وِديارٿي، يونيورسٽيءَ سان هر قسم جي تعاون ڪرڻ لاءِ تيار آهن تہ جيئن ڏيهي ادب جي کيتر ۾ خاطرخواه واڌارو ٿئي.

ٻئي هنڌ تي هن ساڳي ڪميٽيءَ، ان امر جي تصديق ڪئي آهي تہ ڪاليجي تعليم جي فروغ سان سماجي اخلاقي قدرن کي بہ هٿي ملي آهي. اها هٿي خاص طور تي سرڪاري نوڪريءَ، وڪالت ۽ قانوني پيشي ۾، وڻج واپار وارن ڪاروهنوارن ۾ ۽ گهرو زندگيءَ ۾ واضح نظر اچي ٿي. هن جا ڪارڻ جيئن تہ اڳ بيان ڪري چڪا آهيون، معربي تهذيب ۽ تمدن جا ۽ انگريز آفيسرن سان، ديسي ماڻهن جي لهہ وچڙ جا مرهون منت آهن، پر ان کان علاوه سرڪاري صوبائي اسڪولن ۽ ڪاليجن جي سکيا ۽ ان ۾ ديسي ماڻهن جي تربيت وٺڻ ۽ ان ڪري آيل جاڳرتا بہ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اسڪولن ۾ اخلاقي سکيا هڪ مخصوص پابندي ۽ قاعدي قانون (discipline) واري ماحول ۾ ڏني وڃي ٿي ۽ نصاب ۾ اهڙا نصيحت آميز سبق رکيل آهن ۽ اُستادن جي ذاتي بيداغ ڪردارن جو لامحالہ اثر ٿئي ٿو.

مٿي بيان ڪيل اهي ٽي عنصر، انگريزي هاءِ اسڪول جو اخلاقي ماحول آڻين ٿا. هت اسين غيرضروري پيٽ ڪرڻ کان پاسو ڪنداسين، پر ڪڏهن ڪڏهن اهو سوال پڇيو ويندو آهي ته ’آيا اُهي شاگرد‘ جن جي تربيت خالص ديني ادارن ۾ ٿئي ٿي، ڇا اُهي انگريزي سرڪاري اسڪولن جي شاگردن کان اخلاقي طرح بهتر نه آهن؟ اسين سمجهون ٿا ته اسان وٽ ٻنهي اسڪولن (مذهبي ۽ سرڪاري) جي شاگردن جي اخلاقي معيار جي فرق جي ڪابه ٺوس شاهدي نه آهي. هن ڪتاب جو اهو مقصد ۽ مطمع نظر اهو نه آهي ته ڪي پراڻا تنازعا وري جيئرا ڪجن. مسٽر ٽيلانگ (Telang) پنهنجي ياداشت ۾، جيڪا هن تعليمي ڪميشن جي رپورٽ بابت لکي، هن اخلاقي ليڪچرن ۽ اخلاقياتي نصابي ڪتابن جي مخالفت ڪئي هئي ۽ سندس اُن نقطئه نظر سان حڪومت هند ۽ سيڪريٽري آف اسٽيٽ به متفق ٿيا هئا. موجوده وقت ۾ ان حقيقت جي ڪوبه ذي شعور ماڻهو نفي نه ڪندو. نصابي تربيت، ذهني ۽ جذباتي سکيا جو شاگردن جي اٿ ويهه ۽ نشست برخاست تي تمام گهڻو اثر آهي.

ڪاليجن ۾ براء رياست يا سنئين سڌي اخلاقي تعليم جي پرچار جي خلاف گهڻا دليل ڏئي سگهجن ٿا. ۽ ان موضوع تي مسٽر ٽيلانگ کان وڌيڪ مؤثر بحث ڪنهن به ڪونه ڪيو آهي. پاڻ چئي ٿو ته ”پرائمري اسڪول ۾ انسان جي روزمره جي ذميدارين تي سبق شايد مفيد هجن، سيڪنڊري اسڪول ۾ اهي سبق بي ضرر سمجهبا، پر هڪ ڪاليجي اداري ۾ اهڙا سبق شايد نه مفيد هوندا ۽ نه ڪي بي ضررِ. شاگردن لاءِ شروعاتي دورِ زندگيءَ ۾ ڇا صحيح ۽ ڇا غلط آهي. اُن جي تميز ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ تمام ضروري آهي ۽ اُن لاءِ اخلاقي معلومات ڏيڻ لاءِ اهڙا سبق نصاب ۾ شامل ڪرڻ لاياٿا آهن، مثلاً: اهڙا سبق جهڙا مس ايج ورٿ جي ڪهاڻي، نه ڪي اهڙا بيڪار جيڪي 1841ع ۾ امريڪن پريس اخبار ۾ شايع ٿيا هئا. جن ليڪ ڊي. اي. ايس ڊيل هو. جڏهن شاگرد سيڪنڊري سطح تائين پهچن ٿا، ته چڱي مني جي ساڃاهه اُنهن ۾ شعوري طور اچيو وڃي. ان جي باوجود تنقيد ۽ سٺي خراب جي ڇيد ڪرڻ جي عادت ڪين ابتدائي مرحلي ۾ ئي

سهي، پر نصابي سبقن ذريعي ڪارآمد ثابت ٿيندي. ڪاليج جي تعليم ۾ جيڪڏهن پنهنجي بنيادي مٽي کان هٽي فقط اخلاقي سبق پيا پڙهائين ۽ عقل ۽ خرد کي وزنائتن دليلن ۽ منطقي رستن ڏانهن نه لاڙيو ويو ته پوءِ اهڙي تعليم ڪنهن به ڪم جي نه آهي، انهيءَ معيار تي منتشر خيالن ۽ ڇُڙواڳ تمنائن کي مُطيع ڪرڻ لازم آهي. ڪجهه سال اڳ مون ڪيمبرج يونيورسٽيءَ جي هڪ عالم بابت پڙهيو هو جنهن پالي جي ڪتاب ”شاهديون“ ۾ عيسائيت جي غير الهامي هجڻ جي دليل کي پڙهي دين کي رد ڪري ڇڏيو هو. ڪائنات، چنڊ تارا ۽ ٻيا نکٽ ڏسي خدا جي خدائيءَ جو معترف ٿيو هو ۽ نه ڪي ”انسان جا فرض“ سبق پڙهي، اخلاقيات جي طرف مائل ٿيو. علم فلڪيات، چنڊ ۽ سج جي نظام بابت هن کي ڄاڻ، جن ڪتابن مان ملي، انهن هن جي روحاني ذهني ساخت کي وڌيڪ متاثر ڪيو ۽ نه ئي اخلاقياتي ليڪچرن ۽ خطابن جي طومار جي ڪري هُو ذاتِ الاهيءَ جو قائل ٿيو. شاگردن جي ارادن ۽ جذبن کي مُطيع ڪرڻ لاءِ لازم آهي ته هنن کي تاريخ جي وڏين ۽ عظيم هلچلن بابت پڙهائجي. عظيم شخصيتن جون جيوَن ڪٿائون هنن جي درسگاهن ۾ نصاب ۾ شامل ڪجن ۽ مهان ڪويتائن ۽ لازوال شاعريءَ سان ڪين روشناس ڪجي. خودي ۽ جذبن ۽ جُولانين کي مطيع ڪرڻ لاءِ، الهڙ شاگردن کي وڏن وڏن ودوانن ۽ عالمن سان ويجهو آڻجي ۽ سٺن شاگردن سان ويجهڙائيءَ وارا تعلق پيدا ڪرائجن ۽ ادب عاليه ۽ فلسفي سان چاهه وڌرائجي. وڪٽوريائي دور جي وزيراعظم برطانيه مسٽر گلئڊ اسٽون، ايڊنبرا يونيورسٽيءَ جي اختتامي اجلاس ۾ پنهنجي تاريخ خطبي ۾ کهڙي نه زبردست ڳالهه بيان ڪئي: ”هن ملڪ جا جديد ڪاليج پنهنجي شاندار ۽ مسلسل طاقتور ۽ وشال روايتن کي ايندڙ نسلن تائين منتقل ڪري ئي تهذيب ۽ تمدن جي چمن جي آبياري ڪري سگهن ٿا.“

ان کان وڌيڪ اقتناس ڏيڻ غيرضروري آهن، ڇاڪاڻ ته مٿي آيل انتخاب سڄيءَ صورتحال کي پوريءَ وضاحت ۽ ڇٽائيءَ سان بيان ڪيو آهي. رومن سلطنت ۾ رومن باشندن ۽ سندن وسيع ۽ عريض ايمپائر

(سلطنت) ۾ رهندڙ انيڪ مذهبن ۽ نسلن جي رعايا جي وچ ۾ واحد مضبوط رابطو فقط زبان جو هو. ساڳيءَ طرح اسان جي انگريزي حاڪمن ۽ اسان جي وچ ۾ محڪم رابطي جو ذريعو بہ صرف انگريزي ٻولي آهي، ۽ جيترو اها ٻولي ۽ تعليم پکيڙبي، اوترو ئي حاڪم ۽ رعايا جو رشتو مضبوط ٿيندو. انهيءَ حقيقت  کي اڪثر نظرانداز ڪيو وڃي ٿو تہ اسڪول ۽ ڪاليج سياسي مقصدن جي حاصل ڪرڻ جا اهم وسيلا آهن ۽ انهن جي عدم موجودگيءَ ۾ اسان جن حاڪمن جي سٺن ڪمن ۽ قابل تعريف ڪارنامن جي واکاڻ نہ ٿئي ها، بلڪ غلط فهميون ۽ رنجشون جنم وٺن ها. 1857ع وارو بلوو ڇا انهيءَ جو ثبوت نہ آهي! جيڪڏهن اُن وقت تعليم عام هجي ها تہ ڇا اهي ڪوڙيون ڪهاڻيون عام ٿين ها، جن ۾ اهي بهتان لڳايا ويا هئا تہ حڪومت هندو ۽ مسلمان سپاهين جي مذهبي عقيدن سان هٿ چُراند ڪري رهي هئي. انهيءَ سچائيءَ کي بہ اڪثر نظرانداز ڪيو ويندو آهي تہ اسڪول ۽ ڪاليج حاڪم طبقن لاءِ فوجي لشڪر کان وڌيڪ اهم آهن. ڪو هڪ متعصب افواهہ يا انتها پسندانہ شرارتي ڇُرچ، انهن لشڪرين ۾ باهہ ٻاري سگهي ٿي. بنسبت اسان جن تعليم يافتہ نوجوانن جي، جيڪي عقل و شعور جي زيور سان آراستہ آهن، پوءِ ان ڳالهہ سان سياسي طور مايوس ۽ تنگ نظر ڪٽي سهمت نہ بہ هجن. سنسڪرت جي هڪ مشهور چوڻي آهي تہ ”دانا دشمن نادان دوست کان بهتر هوندو آهي“. هڪ پڙهيل دوست ئي بهترين دوست ثابت ٿيندو آهي ۽ اسان جا ڪاليج ۽ اسڪول تہ برطانوي راج لاءِ خيرخواهہ پيدا ڪرڻ جا سٺاوا باغيچا آهن. ان جو اعتراف نہ فقط هيءَ تعليمي ڪميشن ٿي ڪري، پر مسٽر ليٿ برج (Lethbridge) بہ ڪري ٿو جيڪو البرٽ قانون واري تنازعي ۾ اينگلو انڊين ڊفينس ائسوسيئيشن جو زبردست حامي ۽ مددگار هو. هو چئي ٿو تہ: ”سٺا ۽ خراب عنصر هر جاءِ تي ملندا، ڪلڪتي واري يونيورسٽيءَ ۾ جيڪڏهن پڙهيل لکيل ڪٽرپڻي جا شڪار ملندا تہ آڪسفرڊ ۽ ڪيمبرج ۾ بہ اهڙيون ڪاريون رڍون جام آهن، جيڪڏهن عالمن ۾ مذهبي لاڙا ملن ٿا تہ ساڳي وقت انگريزي پڙهڻ سان برطانوي راج سان وفاداري ۽ سچائيءَ جو جذبو بہ وڌي ٿو. هندستان ۾ تعليم عام ڪرڻ سان ٿي سگهي ٿو تہ آئيني هلچل ۾ واڌارو ٿئي، پر هندستان کي جهالت جي کُوهہ ۾ رکڻ سان حڪومت کي 1857ع جهڙن آتش فشاني واقعن لاءِ هردم تيار رهڻو پوندو، جيڪي سماج جي بخين کي اُڌيڙي ڇڏيندا. تعليم جو هُجڻ، فوج جي هجڻ جيترو ئي اهم آهي. اها سماج جو شيهو آهي، برطانوي راج جو گارو ۽ سيمينٽ آهي، مشڪلن کي آسان ڪندڙ تعويذ آهي، ڪم نظريءَ ۽ تعصب جو تدارڪ آهي ۽ تهذيب ۽ تمدن جو نقيب آهي. اسان لاءِ بهتر آهي تہ اسان جي راج ۾ مُهذب نقاد ۽ نڪتہ چين هجن، جيڪي پنهنجا اهنج آزاديءَ سان ڪليءَ طرح سان بيان ڪري، حڪومت کي ٻڌائين تہ ڪٿي اصلاح جي گنجائش آهي، نہ ڪي اهڙا خاموش بارودي ”بم“ هجن، جيڪي ڪنهن بہ اوچتيءَ چوچڙيءَ تي ڌماڪي سان ڦاٽي، سڄي برطانوي سلطنت کي رک جو ڍير بڻائي ڇڏين.

انگلئنڊ ۾ تعليم ۽ ووٽ ڏيڻ جو حق پاڻ ۾ گڏوگڏ هلندا رهيا آهن. سال 1832ع ۾ پارليامينٽ طرفان تعليم جي لاءِ گرانٽ منظور ڪئي وئي، جنهن جو مقصد هو تہ ووٽ ڏيڻ وارا مزدور ۽ ڪاريگر تعليم پرائي انگلئنڊ کي يورپ کنڊ ۾ چٽاپيٽيءَ ۾ سرسي ڏيارين. ان گرانٽ سان تعليم ۾ واڌارو ٿيو ۽ ڏوهن تي خاطرخواهہ ضابطو ڏسڻ ۾ آيو. سال 1839ع ۾ عام تعليم جو کاتو برپا ڪيو ويو ۽ ڪجهہ سالن بعد راڻيءَ جي نالي تي ڪاليج ۽ يونيورسٽي آئرلينڊ ۾ قائم ٿيا، جن جو خاص مقصد ۽ متو هو نصابي تعليم جو اجراءُ ۽ عوام الناس کي تعليم حاصل ڪرڻ جا برابريءَ وارا موقعا فراهم ڪرڻ. انهيءَ ڏس ۾ پهريون رِفارم بل (سڌاري وارو قانون) منظور ڪيو ويو، جنهن تحت عام تعليم کي اندروني، مُلڪي ۽ ڏيهي حفاظت جيتري اهميت ڏئي، اعليٰ تعليم کي وڌيڪ اهميت لائق سمجهيو وڃي ٿو تہ پوءِ اُن کي هندستان جهڙي وشال ۽ پنتي پيل مفتوح اُپکنڊ ۾ چونہ اوتري اهميت ملڻ گهرجي. اها نہ فقط حاڪم ۽ رعيت جي وچ ۾ هڪ رابطو پر، حڪومت لاءِ هندستان ۾ اندروني سلامتيءَ جو بهترين ذريعو ئي سمجهڻ گهرجي. سر الفرڊ لائل پنهنجي فڪر انگيز ۽ وقتائتي مقالي ”اسلام هندستان ۾“، ان تلخ سوچ بابت نشاندَهي ڪري ٿو تہ ”مسلمانن کي مغربي تعليم تي

اعتراض اُن ڪري بہ آهي، جو ان سان هنن جي بالادستيءَ، سرڪاري نوڪرين ۾ ترقيءَ جا رستا بند ٿي ويا آهن، جيڪي اڳ عربي ۽ فارسيءَ تي دسترس هئڻ ڪري فقط هنن کي ئي ملندا هئا. هاڻ هرڪو انگريزي پڙهي سرڪاري نوڪري حاصل ڪري، ترقيءَ جي منزل ماڻي سگهي ٿو ۽ هنن کي پويان ڇڏي وڃي اعليٰ درجا حاصل ڪري سگهي ٿو. هندستان جي انگريزي سرڪار کي هاڻ انگريزي تعليم يافتہ بهترين دماغ ۽ تربيت ورتل منتظمن جي ضرورت آهي ۽ ان لاءِ اها هروڀرو مسلمانن جي مذهبي ۽ مدي خارج رجعت پسنديءَ وارين ناراضگين جي بلڪل پرواهہ نہ ڪندي.“

اهي تمام معنيٰ خيز لفظ آهن ۽ انهن جي پوري طاقت جو اندازو فقط انهن کي آهي، جيڪي سرڪاري ڪاروهنوار سان تعلق رکن ٿا. اعليٰ درجي جي عربي ۽ سنسڪرت جي ڄاڻ ۽ ادبي معلومات، انگريزي تعليم کان سواءِ سرڪاري ادارن لاءِ ڪنهن بہ ڪم جي نہ آهي، اسان جا قاعدا ۽ قانون سڀ انگريزي زبان ۾ لکيل آهن. انهن جا ڏيهي ٻولين ۾ ٿيل ترجما انهن متعلق صحيح، ٺُڪ ۽ درست ڄاڻ ڏيڻ کان قاصر آهن. تعليمي ڪميشن آڏو شاهدي ڏيندي ديسي ٻولين جي ماهر مترجم سيد احمد تفصيل سان سبب ڄاڻايا تہ ڇو هندستاني ٻولين لاءِ اهو ممڪن نہ آهي تہ اهي بخوبي سائنس، تاريخ، اخلاقيات جي تعليم مؤثر انداز ۾ قارئين تائين پهچائي سگهن. اها حقيقت آهي تہ هن بيان ڪيو تہ جيستائين اسان جي قوم انگريزي تعليم حاصل نہ ٿي ڪري ۽ فهم و فڪر جي صحيح ادراڪ سان نہ ٿي آشنا ٿئي ۽ ديسي انداز جي غيرمنطقي طرز بيان کان پاسو نہ ٿي ڪري سگهي، اسان جي ٻولي اعليٰ ذهني، دانشورانہ ۽ اخلاقي سکيا جي لائق نہ ٿي ٿي سگهي. اڳيان هلي وري چئي ٿو تہ ”مون کي يقين آهي تہ اجا ڪافي عرصي تائين ديسي ٻولين ۾ جيڪڏهن يورپي علمَ پڙهايا ويا ۽ انهن جا ترجما ڪيا ويا تہ اهي ڪاوشون اوس ناڪامياب ثابت ٿينديون ۽ انهن سان هندستان ۾ تعليم ۽ روشن خياليءَ کي ڇيهو رسندو.“

**سنڌ** ۾ مضحڪ خيز ۽ ڪل جوڳيون غلطيون، جيڪي اسان جا ڏيهي مئجسٽريٽ ۽ وڪيل ڪافي وقت کان غلط سلط ترجمن ذريعي پيدا ڪن، انهن جو هت ذڪر ڪرڻ اجايو آهي. اهو ٻڌائڻ ڪافي ٿيندو تہ اڳوڻو وڪيلن وارو امتحان، جيڪو سنڌ ۾ ورتو ويندو هو، اهو ڪجهہ سال اڳ ان ڪري ختم ڪيو ويو، ڇاڪاڻ تہ اهو محسوس ڪيو ويو تہ قانون بذات خود اهڙو ڏکيو مضمون آهي، جنهن کي ڪجهہ ترجمن وارن ڪتابن جي مدد سان پڙهي، پروڙي نہ ٿو سگهجي ۽ جن وڪيلن اهڙي جڳاڙي طريقہ ڪار سان امتحان پاس ڪيو هو، انهن پنهنجن اصيلن جي مقدمن جو اصل ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو هو. هاڻ اِها سيبتي نيتي هئي يا نہ، ان تي بحث ڪرڻ هتي مراد نہ آهي، پر اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي اٽل آهي. اِها ان جي نشاندهي ڪري ٿي تہ ديسي ٻولي اجا ڪيترو نہ پٺتي پيل آهي ۽ سنڌ صوبي ۾ تعليم ڪيتري نہ پسمانده آهي. سنڌ ۾ معلمتدار (Mamlatdar) ۾ ڪوبہ گريجوئيٽ نہ آهي، سب ججن ۾ بہ فقط ٻہ گريجوئيٽ آهن. هاڻ ٻڌايو تہ معلمتدارن ۽ سب ججن تي ڪيئن ڀاڙجي؟ اصل ۾ بنيادي ڪم تہ انهن عملدارن کان ئي شروع ٿئي ٿو ۽ سندن ڪم جي وسعت ۽ اهميت جو اندازو انهيءَ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ هڪ وڏي فوج اسسٽنٽ ڪمشنر، ڊپٽي ڪليڪٽر، ڪمشنر، ڊسٽرڪٽ جج ۽ هاءِ ڪورٽ جي عملدارن جي نگراني ڪري ٿي.

اسان هن ڪتابڙي ۾ جيڪي اختصار پيش ڪري چُڪا آهيون، اُهي اهائي حقيقت ثابت ڪن ٿا تہ ڪيئن نہ اعليٰ تعليم وڏين ۽ ننڍين سرڪاري نوڪرين ۾ ڀرتي ٿيڻ لاءِ لازم آهي ۽ انهن ۾ داخل ٿي ڪيئن نہ ايماندار ۽ برجستا نوجوان سرڪاري ملازمت کي سچن، سيبتن ۽ سياڻن فردن سان ڪامياب ڪن ٿا. ڪمتر ۽ نااهل فردن جي سرڪاري نوڪرين ۾ ڀرتيءَ جو مطلب تہ راڻي وڪٽوريا جي راڄ ۾ سخت جوکم جهڙا ماڻهو حڪومتي عهدن تي اچي، عوام الناس لاءِ آزار ثابت ٿين ۽ اعليٰ انگريزي تعليم يافتہ فرد ۽ پڙهيل فرد سرڪار لاءِ ڪارآمد ۽ مؤثر ثابت ٿيندا. اهڙا فرد ۽ نوجوان فقط سرڪاري ڪالجن ۾ ئي پيدا ڪري، رياست جي سگهہ ۽ شانتي وڌائي سگهجي ٿي.

اجا ڇوٿون بہ فائدو آهي، جيڪو حڪومت ۽ عوام ٻنهي لاءِ هڪجهڙو آهي. انهيءَ ۾ تہ ڪو گمان نہ آهي تہ عوام ۽ حڪومت جا مفاد

اصل کان پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن ۽ ايئن چئجي تہ جيکو عوام لاءِ فائديمند آهي، اهو رياست لاءِ بہ لاياتو آهي. اعليٰ تعليم، شروع ۾ ڪٽي مهانگي آهي، پر اڳتي هلي اها سرڪاري خزاني تان بار گهٽائي ٿي. اڄڪلهہ جي دؤر ۾ پئسو رڳو جنگ جي لاءِ ڪُشتو نہ آهي، پر پُرامن ترقي ۽ بچت بہ اعليٰ تعليم جي ڪري ئي ممڪن آهي، جنهن جو صحيح اندازو هڪ قابل وزير خزانہ ڪري سگهي ٿو. اسين اهو ڪونہ ٿا چئون تہ تعليم جو واڌارو عسڪري خرچ گهٽائيندو، پر اسان کي يقين آهي تہ پڙهيل لکيل رضاڪارن جي ڪري فوج کي وڏو فائدو ملندو. تعليم جي ڪري ڏوهن ۾ گهٽتائي ايندي ۽ انهيءَ ڪري اسان جي پوليس ۽ مئجستريسيءَ تي بہ لا محالہ خرچ گهٽ ٿيندو. جيئن تہ ڪميشن جي صوبائي ڪميٽيءَ جي دانشمندانہ فيصلن بہ انهيءَ امر کي ثابت ڪيو آهي تہ اعليٰ تعليمي ادارن جي قائم ڪرڻ سان خانگي ماڻهن کي بہ حوصلو مليو آهي ۽ انهن جي ذاتي دولت، عقلي ڏاهپ جو خزانو حڪومت جي سهائتا لاءِ اڳيان آيو آهي ۽ انهن بہ حڪومت جو هٿ ونڊايو آهي ۽ پنهنجا خانگي تعليمي ادارا قائم ڪيا آهن. ان طرح سان سرڪار تان بہ بار گهٽيو آهي تہ اُها تعليم جي شُعبي ۾ پنهنجي رعايا لاءِ وڏيڪ خزانو خرچ ڪري، گرانٽ ان ايڊ (سرڪاري گرانٽن) وارو سلسلو بہ انهيءَ ڪري مقبول عام ٿيو آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪاليج سطح جي سکيا آهستي آهستي عام ٿي آهي ۽ اسڪولن ۽ ڪاليجن جا ڄار وڇائجي ويا آهن. انهن سببن ڪري اسان جي هڪ تمام برجستي ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن (عام تعليم) مسٽر هاورڊ ايلفنسٽن ڪاليج ممبئي ۽ پونا ڪاليج تي آيل گهٽي خرچ جي پرزور حمايت ڪئي آهي. هن صاحب پنهنجي هڪ چٺيءَ ۾ لکيو تہ انهن سرڪاري گرانٽن جي عيوضي ۾ سرڪار کي بهترين ۽ اعليٰ معيار جا ديسي اهلڪار مهيا ٿيا آهن، جن مهانگن يورپين سرڪاري ملازمن جي جاءِ والاري آهي. اسان جا وڏا اسڪول اهڙن قابل ۽ برجستن استادن سان هاڻ مزين ۽ معمور آهن، جيڪي نہ تہ اسان کي گهٽي ۽ مهانگي خرچ ۽ پگهار تي انگلنڊ کان گهرائڻا پون ها. آخر ۾ اها حقيقت بہ ورجائبي تہ اسين آهستي آهستي ڏيهي باشندن جي

هڪ وڏي جماعت تشڪيل ڏئي رهيا آهيون، جيڪا يورپي/ مغربي نظرين جي قائل هُجي، جيڪا تعليم جي قدر قيمت ڄاڻي ۽ پاڻ ۽ پنهنجن ٻارن کي ان جي حصول خاطر هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هجي. ان حقيقت ۾ هاڻ ڪو شڪ نہ آهي تہ برطانوي حڪومت جا سڀ کان وڏيڪ وفادار ۽ خيرخواهہ فرد اُهي مغربي تعليم ورتل آهن، ۽ اها ڳالهہ بہ ياد رکي وڃي تہ دنيا جي سڀني ملڪن ۾ اعليٰ تعليم ئي سڀني تعليمي سرشتن کان وڏيڪ ڪارآمد ثابت ٿي آهي. انهن سببن ڪري پروشيا (جرمني) ۽ فرانس سرڪاري خزاني مان اعليٰ تعليم تي وڏيڪ خرچ ڪن ٿا. مسٽر هاورڊ کي هڪ دفعو ٻيهر حوالي طور ڏيندي، هن جا لفظ ورجايان ٿو: ”يورپي ملڪن ۽ هندستان جي عام تعليم ۾ سڀ کان وڏيڪ جاندار ۽ سگهي وٺ اُتي جي اعليٰ تعليم آهي، ان ڪري هتي جي ماڻهن جي ذهنن کي بيدار ڪرڻ لاءِ هتان جي دقيانوسي ۽ ڪُهني تعليمي نظام جي بدران جديد ۽ مايادار مغربي نظام جي طور طريقن کي اڳيان آڻڻو پوندو، جن ۾ هنن جي پراڻين ريتن رسمن جو خيال رکندي، ماضيءَ جي مزارن جي پوڄا کي ترڪ ڪندي، اڳتي وک وڌائڻي پوندي. تجربي جي روشني ۾ آءٌ ائين چوندس تہ هندستان جي قومي تعليم جو مستقبل هاڻ انهن مغربي طرز تي سکيا ورتل فردن جي هٿن ۾ سقل ٿيندو.“

هنن تاريخي لفظن جي تصديق هن ڪتابچي ۾ ڏنل اختصارن مان ڪري سگهجي ٿي. ڇا ان کان پوءِ بہ اها ڪا وڏي غيرضروري خواهش هوندي تہ حڪومت سنڌ ۾ ڪاليج برپا ڪري؟ شروع ۾ اها ڪٽي ڪجهہ مهانگي گهُر ڏسڻ ۾ ايندي، پر اها سکر ۾ سنڌوءَ مٿان پل ٺهرائڻ کان وڏيڪ لاياتي ثابت ٿيندي. اهي سڀ تمنائون، خواهشون ۽ آرزوئون سنڌ جي مفاد ۾ آهن ۽ حڪومت کي انهن تي ڌيان ڌرڻ گهرجي. اسان جو صوبو هندستان ۾ هڪ سرحدي صوبو آهي ۽ ان کي تعليم جي زيور سان سينگارڻ جو مطلب ان جي چوڌاري اندروني ۽ ٻاهرين خطرن کان محفوظ هڪ شيهي جي ديوار تعمير ڪرڻ آهي. مٿان کان هيٺ تي پهچندڙ فائدن واري اصول کي ٽن پريزيڊنسين ۾ آزمايو ويو آهي ۽ اهو ڪامياب ويو آهي. اهو خاص طور

تي پنتي پيل علائقن ۾ مؤثر ثابت ٿيو آهي ۽ سنڌ بلاشڪ هڪ پنتي پيل ۽ پس مانده علائقو آهي. مسٽر هاورڊ جي ايامڪاريءَ ۾ اسان جي اسڪولن جا هيڊماسٽر مرهٽا هوندا هئا ۽ اُهي هاڻ پارسي آهن. سڄي صوبي ۾ ڏهن کان وڌيڪ گرئجوئيٽ ڪونه آهن ۽ انهن گرئجوئيٽن جي ڪري هيءَ ڪاليج کي قائم ڪرڻ جي تحريڪ هلائي پئي وڃي. ان صورتحال سببان خاص طور اسان وٽ هڪ غيرفرقيوار سنڌي اخبار هلي رهي آهي ۽ هفتي ۾ ٻه دفعا هڪ انگريزي اخبار جو به اجراءُ ٿيو آهي. اهي ثبوت آهن جوش ۽ جذبي جا، جيڪي تعليمي جاڳرتا جي ڪري ڏسڻ ۾ اچن ٿا. انهن ۾ سؤ سيڪڙو واڌارو ۽ ترويج ايندي، جيڪڏهن هي هڪ ڪاليج قائم ڪيو ويندو.

هت اسان هڪ اهم نُڪتو وساري ويٺا آهيون، جيڪو اسان جي موقف کي اڃا وڌيڪ مضبوط بنائي ٿو. انگريزي تعليم فقط حڪامن ۽ رعايا جي وچ ۾ هڪ رابطو نہ آهي، ۽ نہ فقط انڪري جو ڏوهن ۾ گهٽتائي اچي ٿي ۽ انهن جي روڪ ٿئي ٿي ۽ نہ فقط ان جي ڪري تہ سرڪاري ڪاتا پنهنجو ڪم خوش اسلوبيءَ سان ادا ڪن ٿا، پر ان جي ڪري ڄاڻ ۽ شعور ۾ اضافو ٿئي ٿو. اسان کي خبر آهي تہ ڪيئن سال 1832ع ۾ انگريزي پارليامينٽ کي ان حقيقت جو ادراڪ ٿيو تہ ڪمين ڪاسبين ۽ مزدورن لاءِ تعليم ڪيتري نہ ضروري آهي، جنهن سان هو پنهنجي واپاري ناماچاري، ساک ۽ ڪارپت کي اڃا بہ مٿي ڪري، هڪ بهتر زندگي گذاري سگهن ٿا. هندستان ۾ اهو ڪمي ڪاسبي، ۽ مزدور طبقو تہ اڃا بہ گهڻو هيٺ درجي جي زندگي بسر ڪري رهيو آهي ۽ خاص طور جيڪڏهن انهن جو انگلينڊ سان موازنو ڪبو تہ؛ پر انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ هندستان جي مادي دولت جو دارومدار انهن غريب هارين، نارين، ڪمين ڪاسبين ۽ مزدورن جي محنت ۽ عقل تي آهي، چو نہ هت اسين يورپي سڪيا جا طور طريقا اختيار ڪريون ۽ يورپي علم ۽ هنر ۽ حرفتون آڻيون، پوءِ ڏسو تہ ڪيئن نہ ٿي هندستان جي ماڻهن جي سماجي ۽ اقتصادي جيون ۾ ڪايا پلٽ اچي، جيڪا مغربي سائنس جي جادوگريءَ ڪري اوس اچڻي آهي، تہ وزير خزانہ پنهنجون خساري واريون چوپڙيون وساري ڇڏيندو ۽ ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي اوس ٿيندي ۽ ضرور ٿيندي، پر اها ڏڪي سڪيا ڪيئن ڏجي؟ اسان جن تعليمي ماهرن اهو مسئلو اسان لاءِ حل ڪيو آهي. اهي چون ٿا تہ عالمن جي بالادستي قائم ڪريو. سڀ کان بهترين عالمن جي بالادستي قائم ڪريو. توهان (برطانوي سرڪار) بنگال ۾ هڪ زميندار ۽ پڙهيل طبقو قائم ڪيو آهي، اهو جزوي طرح سان ڪامياب ٿيو آهي، پر جڏهن بہ جديد بنگال جي تاريخ لکبي تہ هن پڙهيل ڳڙهيل بنگالي طبقي جي قائم ٿيڻ جا فائدا آڱڳٽيا ملندا. پر سائين، تعليم يافتہ ۽ پڙهيلن جي بالادستي ٻي ڳالهہ آهي. جيڪڏهن امن امان الله تعاليٰ جو پهريون قانون آهي تہ پوءِ تهذيبِ عالم جو آخري ڪارڻ آهي تہ هن دنيا تي طاغوتي ۽ شر واري قُوت کي حاوي ٿيڻ نہ ڏجي ۽ ڪابہ اشرافيہ، عالمن جي اشرافيہ کان بهتر نہ آهي. تهذيبي ۽ ثقافتي سرهاڻ پل انسانذات مٿان حڪم ملائي. جيڪڏهن دنيا برباد نہ ٿي تہ ثقافتي حڪم جو راج قائم دائم رهندو. هن دنيا جي وڏين برڪتن ۽ نعمتن جو ڪارڻ بہ عقلمندن ۽ دانائن جي دانائي آهي. عقلمندن ۽ دانائن جي دانائيءَ تي بہ سندن ماحول جو اثر آهي، پر اڪثر داناءَ پنهنجي ماحول جا بہ خالق هوندا آهن. اعليٰ تعليم نہ فقط اسان کي اُهو ضمير ڏئي ٿي، پر اسان جي ضمير لاءِ مهميز جو بہ ڪم ڪري ٿي. پر انساني قدرن کي بلند ڪري ٿي، اعليٰ ذهن جي ذي فهم انسانن جي پيدائش فقط تعليمي ڪيتر ۾ ئي ٿي سگهي ٿي. اهڙو ماحول گهٽ خرچ ۽ مهارت ۽ مشاقيءَ سان عام تعليم کي عوامي سطح تي پکيڙي سگهي ٿو. حاجي غلام حسين، جيڪو تعليمي ڪميشن جو ميمبر آهي، اهو پنهنجن خيالن جو اظهار هن ريت ڪري ٿو: ”پرائمري تعليم کي تحرڪ ڏيڻ جو فقط هڪ ئي ڪارائتو ذريعو آهي، اهو آهي تہ اسان پنهنجي ديس ۾ اعليٰ تعليم يافتہ ۽ ذهين شخصن جي هڪ وڏي کيپ پيدا ڪريون، جيڪا روشن خياليءَ جا ٻج عوام الناس ۾ ڇٽي. جيستائين اهڙا روشن خيال ويچار ماڻهن ۾ نہ سرجندا، تيستائين حڪومت جا فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪنيل اُپاءَ ڪارآمد ثابت نہ ٿيندا. ذهين ماڻهن ۽ دانشورن جي فوج، ٻيءَ ڪنهن فوج جيان، سرواڻن بنا ڪانہ ٿي نهي سگهي.

انهن کان سواءِ تعصب ۽ جهالت جي قلعن تي چڙهائي نٿي ڪري سگهجي. يورپ ۾ ايجادن جي ڪابہ کوٽ نہ آهي، پر اهي گوناگون ايجدون، جيڪڏهن هندستان جهڙي وشال اپکنڊ ۾ استعمال ڪجن، جيڪو معدني ذخيرن سان مالامال آهي ۽ جتي انساني وسيلا اڪيچار آهن، تہ اُتي جيڪر جنت ارضي وجود ۾ اچي وڃي. پر اهو شرط اوس آهي تہ اهي ايجادون ۽ اختراع اعليٰ تعليم کان سواءِ عام پذيرائي حاصل ڪري نٿا سگهن. بمبئيءَ جا گريجوئيٽ وڏي انگ ۾ مِلن ۽ صنعتن ڏانهن رخ ڪري رهيا آهن ۽ پونا سروا جا تڪ سيا، وڏي خرچ سان پنهنجن ڪجهہ هوشيار ۽ لائق نوجوانن کي هُنر ۽ فن جي سکيا لاءِ يورپ موڪليو آهي. بمبئيءَ جي صوبائي ڪميٽيءَ پنهنجي شاهديءَ سان ثابت ڪيو آهي تہ سووا جاتڪ سيا وجود ۾ نہ اچي ها، جيڪڏهن پوني جو ڊيڪن ڪاليج نہ هجي ها. اهڙيءَ ريت يورپي ايجادون مشهور ۽ معروف ٿيڻ لاءِ، انهيءَ جي صحيح استعمال لاءِ، هڪ ڪاليج جي برپا ڪرڻ جي سخت ضرورت هوندي آهي ۽ انهيءَ سڄي عمل سان ملڪ جي مادي دولت ۾ اضافو ٿئي ٿو.

اهڙيءَ طرح تجويز ڪيل ڪاليج سان پنج فائدا حڪومت کي ٿيندا، اسان جي سرڪار نہ فقط دوانديش آهي، پر اها فياض ۽ همدرد پڻ آهي. هيءَ وينتي نہ رڳو سرڪار جي خود مفاد وارن خيالن ڏانهن آهي، پر اها اُن جي ڪُل جي ڀلي جي لاءِ بہ ڪئي پئي وڃي. ان کان وڌيڪ ڀيو کھڙو عظيم آدرش ٿي سگهي ٿو تہ ملڪ کي ڏيهي ادب سان جنجهي ڇڏجي. بنگال ۾ ٽئگور خاندان جون اورچ ۽ سگهڙ خواتين، پنهنجيءَ جنس جي عورتن لاءِ ڏاڍا دلچسپ ۽ معلوماتي رسالا ڀيون شائع ڪن. بمبئيءَ ۾ ’آريا مهيلا سماج‘ جون عورتون، پنهنجين ڀيڻن ۾ تعليم جي روشني ڀيون پکيڙين. فرگوسن ڪاليج ۽ نئون پُونا هاءِ اسڪول دکني گريجوئٽن جي جوش ۽ جذبي جو مرهون منت آهي. حڪومت جي تازي شايع ٿيل فهرست ڏيکاري ٿي تہ انگريزي تعليمي ڪيتر طرفان ڪيترو نہ ڏيهي ادب لاءِ ڪم ٿي رهيو آهي ۽ ڪيترا نہ گهڻا ڪتاب هر سال اچن پيا. بنگالي ادب لاءِ ڪيترو نہ گهڻو ڪم ٿي رهيو آهي، بنگال ۾ سرجيل ڏيهي ادب سڄي اپکنڊ ۾ سڀ کان ججهو ۽ بيش بها آهي. هڪ بنگالي ناري پنهنجي فرصت ۾ ڪو بهترين بنگالي ناول پڙهي حِظ حاصل ڪري سگهي ٿي، جيڪڏهن ناول کان بيزار ٿئي تہ پوءِ ڪيس شاعري، ڊرامہ، مذهبي ڳالهيون، معلوماتي ڳٽڪا، تاريخي، سائنسي ۽ فلسفياڻہ ادبي خزاني جي وڏي سوغات، بنگالي ٻوليءَ ۾ مهيا ٿيل آهن. ساڳيءَ طرح دکن ۽ قدري گجرات ۾ بہ ساڳيون ادبي سهولتون گهر گهر پهتل آهن. بمبئي شهر ۾ اڪثر ماڻهو ڏسندو آهي تہ عام حلوائي ۽ ننڍڙا هٽ واٽيا ڪيئن نہ اخبارن جي مطالعي ۾ محو نظر ايندا آهن. ادب ۽ ساهتيہ کان سواءِ ڪابہ قوم پنهنجو پاڻ کي مهذب ۽ متمدن سڏائڻ جو حق نہ ٿي رکي. ادب جي سرجڻ جو بنيادي سبب بہ اعليٰ تعليم ۾ مضمر آهي ۽ ان لاءِ وري عام تعليم تمام ضروري آهي. حڪومت جيڪڏهن چاهي ها تہ اها پنهنجي رعايا کي جهالت جي اونداهيءَ ۾ غرق رکي ها. پر هاڻ لڳي ٿو تہ سرڪار گهري ٿي تہ اُها عام تعليم پکيڙي ۽ اڳ واري نيتي جيڪڏهن سست هئي تہ هاڻ اوس چست هئڻ گهرجي.

سرلائل کي وري ورجائيندي، هن جا اتهاسڪ لفظ ياد اچن ٿا: ”اسين بلڪل پنڊ پهڻ تي خاموش نٿا ويهي سگهون، مغرب ڏانهن کوليل روشن دان هاڻ بند نٿا ڪري سگهون، جن مان چمڪندڙ روشني ۽ تازي فرحت انگيز هوا اچي رهيون آهن.“ جيڪڏهن اسان وارا مغرب ڏانهن کلندڙ روشن دان بند ٿيڻ کان انڪاري ٿين يا هميشہ کليل ئي رهن، تہ ڇا اسان جي سرڪار جي گذريل پنجاهہ ورهين جي يورپي روشن خيالي، ڇا مشرقي صدين واري قسمت جي چڪر کان بهتر نہ آهي، ڇا هڪ بهترين ۽ برجستي انتظامي ڍانچي لاءِ اهو بهتر نہ آهي تہ اُهي مغربي روشن دان دائمي کليل رهن، جن مان هندستان واسي فيضاب ٿيندا رهن. ڇا اسان کي هاڻ بس ڪري ويهڻ گهرجي؟ ڇا اهو بهتر نہ آهي تہ اسين هندستان جي ماڻهن تي مڪمل ڀروسو ڪريون ۽ بغير ڪنهن خوف جي انهن کي تعليم کان روشناس ڪرايون ۽ اڳتي وڌندا هلون، بجاءِ ان جي جو پنتي مڙي ماضيءَ جا مزار پوڄيون. وچ سيرَ ۾ اچي ٻيهڻ معنيٰ اڳي ٿيل شاندار ڪم تان هٿ کڻي وڃڻ، اڳتي وک کڻڻ جو مطلب تہ اڃا بهتر کان بهترين جي تلاش ۽ جاکوڙ

ڪرڻ- هڪ پاسي فقط جوکو ۽ نقصان آهي، ٻئي طرف فائدو ئي فائدو ۽ ججهي ڪان ججهو لاڀ آهي. انگريزي تعليم، اسان کي برهمو سماج جهڙا ادارا ڏنا آهن ۽ هندن ۾ ٻي شاديءَ جي قبيح رسم کي تڙي ڪڍيو آهي، ان جي برڪت ڪري اڃا بہ گهڻي ڪان گهڻا سماجي سڌارا ايندا ويندا. اُهو وقت پري ناهي جڏهن هن ڪُهني ۽ پٺتي پيل سماج مان جام برايون پاڄ ڪائينديون. مثلاً زور زبردستيءَ واري هندو وڏوائن واري رسم ۽ ٻالڪپڻي جي شادي. هن سمي سنڌ ۾ تمام ٿورا پڙهيل لکيل ماڻهو آهن، جيڪي سماجي بُراين خلاف ترار کڻي انقلاب آڻين ۽ هلچل ڪن ۽ ڪمزور، نبل ۽ ٻي پهچن جي واهر ڪن. هڪ انگريزي ڪاليج اهڙن ماڻهن جو تعداد اَوس وڌائيندو ۽ سماجڪ ۽ انقلابي دوستن جا هٿ مضبوط ڪندو.

اِنهن مٿين سببن جي ڪارڻ، اسين سرڪار کي عرض ٿا ڪريون تہ هوءَ اسان جي سنڌ ۾ ڪاليج برپا ڪرڻ لاءِ سهائتا ڪري. هن وقت صوبي ۾ جهالت جي ڪاري گهٽا ڇانيل آهي. عدالتون ڪنهن بہ طرح سان ڪنهن مجرم کي معاف ڪونہ ٿيون ڪن، ڇوتہ هنن کي قاعدي قانون بابت ڄاڻ نہ آهي. پر ڇا اهو وڌيڪ مناسب نہ هوندو تہ پهريان اسين جهالت جي انڌيري کي دور ڪريون، علم جي ڏيئي سان عقل ۽ شعور جي روشني پکيڙيون ۽ پوءِ جاهلن کي جهالت جي سزا ڏيون. هن وقت اسان وٽ ڪابہ تعليمي جوڙجڪ نہ آهي، بلڪ اهڙا اوزار ئي ٺاهيل نہ آهن.

اسان جي گذارش آهي تہ انهن اوزارن ٺاهڻ لاءِ اهڙو ڪارخانو تعمير ڪيو وڃي تہ اسين انهيءَ تعمير لاءِ پنهنجي طرفان هڙان وڙان حصو ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. اسان تعليمي ڪميشن جي اُتساهيندڙ لفظن تي پوريءَ طرح عمل ڪندي، (Endowment Fund) گڏ ڪيو آهي ۽ اُميد ٿا ڪريون تہ سرڪار بہ پنهنجو وچن نڀائيندي. اسان پنهنجين ميونسپالٽين کان 10000/= هزار روپيا سالانہ گڏ ڪيا آهن ۽ ان کان سواءِ ٻيا بہ 45000/= روپيا روپيا چندي ۾ جمع ڪيا آهن، جيڪي اسين وعدو ٿا ڪريون تہ 75000/= روپين تائين وڌائينداسين. هاڻ سرڪار پنهنجو ڪردار ادا ڪري ۽ سڀ سرڪاري ڪامورا، هن مهم کي اڳتي وڌائين. ان سان هو هن ملڪ

تي هڪ وڏي مهرباني ۽ برڪت پريو فضل ڪندا، جنهن کي اسين ڪڏهن بہ وساري نہ سگهنداسين.

## بمبئي، مدراس ۽ بنگال پريزيڊنسين ۾ ڪاليجي تعليم ۽ اُن جا اثر

ءِ سنڌ ۾ هڪ آرٽس ڪاليج قائم ڪرڻ جي لاءِ گذارش (اپيل)

طرفان

**ڏيارام گدومل سول سروس**

ڪراچي

ڪمرشل پريس ۾ ڇپيل

ڪيمبل اسٽريٽ، بندر روڊ، ڪراچي.

1985ع

اَرپيان ٿو محترم هارٽ ڊيويز سول سروس جي نانءُ

(ڏيارام گدومل جي هن انگريزيءَ ۾ لکيل عرضداشت جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏيڻ لاءِ ادارو محترم گل محمد عمراڻيءَ جو ٿورائتو آهي)

مقصود گل

# پرنٽ ميڊيا جي اهميت ۽ اخبارن ۾ ڪم ايندڙ ٻوليءَ جو سرسري جائزو

اڪثر ماڻهن جو اهو خيال آهي تہ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي متعارف ٿيڻ ڪان پوءِ پرنٽ ميڊيا جي اهميت ۽ افاديت متاثر ٿيندي. پر ائين هرگز نہ ٿيو آهي ۽ نہ وري مستقبل ۾ ائين ٿيڻ جو ڪو امڪان نظر ٿو اچي. اليڪٽرانڪ ميڊيا ڀلي ڪيتري بہ ترقي ڪري، نوان ٽي وي چئنل متعارف ۽ مشهور ٿين، پر اخبارن رسالن ۽ ڪتابن جي پنهنجي جاءِ تي ساڳي اهميت رهندي ۽ انهن جي ضرورت محسوس ڪئي ويندي.

جيئن ٽيليويزن جي اچڻ جي ڪري ريڊيو جي اهميت پنهنجي جاءِ تي ساڳي رهي آهي ۽ انٽرنيٽ جي متعارف ٿيڻ ڪان پوءِ لائبررين ۽ ڪتابن جي اهميت متاثر نہ ٿي آهي، تيئن ٽي وي چئنلن جو اخبارن ۽ پرنٽ ميڊيا تي ڪو وڏو اثر نہ پوندو.

ها، ايئن ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ جيڪي ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان اليڪٽرانڪ ميڊيا سان واڳيل آهن يا جن کي ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي سهوليت ميسر آهي، اهي ماڻهو پرنٽ ميڊيا ڪان ڪناره ڪش ٿي وڃن ۽ پرنٽ ميڊيا جي استعمال جي شرح ٿوري گهٽي متاثر ٿي هجي.... پر وڌندڙ آباديءَ جو تناسب (ratio) ٻڌائي ٿو تہ پرنٽ ميڊيا کي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ڪري ڪنهن بہ قسم جو نقصان پهچڻ جو ڪوبہ امڪان نہ آهي.

ڪو زمانو هو جو برصغير جي سنڌي مسلمانن جي ترجمان صرف هڪ ئي سنڌي اخبار "الوحيد" هئي، پر جيئن جيئن دورُ بدليو ۽ آبادي وڌي ۽ مطالعي جو شعور ۽ تعليم جي فراواني ٿيندي وئي، تيئن تيئن پرنٽ ميڊيا، اخبارون ۽ رسالا بہ تعداد توڙي معيار جي بلنديءَ طرف تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌندا ويا.

بهرحال ماضيءَ جي جهروڪن ۾ واجهائي ڏسنداسين، تہ بہ پاڪستان ڪان پوءِ صرف چند اخبارون ئي ڏسڻ ۾ اينديون، پر هن وقت اخبارن جو وڌندڙ تعداد ٻڌائي ٿو تہ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي آمد جي ڪري ڪنهن بہ حوالي سان پرنٽ ميڊيا تي ڪوبہ اثر نہ ٿيو آهي. نہ ان جي اهميت ۽ افاديت ۾ ڪا ڪمي پيشي آئي آهي ۽ نہ وري ڪم ۽ ڪارڪردگيءَ ۾ ڪا گهٽتائي بہ آئي آهي.

ها، باقي جيڪڏهن ڪا ٿوري گهڻي اخبارن يا پرنٽ ميڊيا ۾ ڪمي ۽ ڪمزوري پيدا ٿي آهي تہ اها آهي اخبارن ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ ۾ گرامر ۽ لفظن جي استعمال جون ڪجهہ غلطيون، جن کي اخبارن جا ايڊيٽر پنهنجي ٿوري ڌيان سان رفع دفع ڪري سگهن ٿا.

پرنٽ ميڊيا ۾ ٻوليءَ جي استعمال تي گهري نظر رکندڙ ٻولي دانن ۽ ماهرن جو چوڻ آهي تہ اخبارن جي اجراءَ ۾ ايڊيٽر صاحبن جي تمام گهڻي ۽ وڏي ذميواري آهي، جيڪڏهن اُهي پنهنجون فني، فڪري ۽ ماهرانہ صلاحيتون استعمال ڪن تہ اخباري ٻوليءَ جي استعمال کي بهتر ڪان بهتر بڻائي سگهجي ٿو. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ يا تہ وٽن ٻوليءَ جي جاڻ ۽ ترجيح نہ آهي، يا وري هو پنهنجي جوابداري محسوس ڪونہ ٿا ڪن. آءٌ هيٺ اخبارن ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ بابت ڪجهہ چوڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو:

اخبار جي ٻوليءَ جو جيڪڏهن جائزو وٺبو تہ معلوم ٿيندو تہ اسان جي اخبارن ۾ گهڻي ڀاڱي، معياري ٻوليءَ جو استعمال ٿئي ٿو. پر ڪڏهن ڪڏهن گرامر جون يا لفظن جي استعمال جون اهڙيون تہ غلطيون پڙهڻ جي لاءِ ملن ٿيون جو انهن جي پڙهڻ سان کِلڻ سان گڏ رُوئڻ تي بہ ماڻهو مجبور ٿيو وڃي ٿو.

روزمره جي زندگيءَ ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻوليءَ ۾ ۽ ٻهراڙيءَ جي ماڻهن ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻوليءَ جو معيار، لکي ۽ پڙهي ويندڙ ٻوليءَ ڪان هر حالت ۾

گهٽ آهي. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ ڳالهائي ويندڙ ٻوليءَ ۾ ماڻهن جا پنهنجا پنهنجا تڪيہِ ڪلام بہ شامل هوندا آهن تہ وري لفظن جو غلط استعمال بہ شامل هوندو آهي. ان کان سواءِ مختلف علائقن، شهرن ۽ خِطن جا مختلف لهجا بہ ڳالهائڻ واري ٻوليءَ ۾ ڳالهايا ۽ ٻڌايا ويندا آهن.

پر ڇپائيءَ واري ڪتابي ٻوليءَ جا ڪجھ قدر ۽ معيار مقرر ڪيل آهن. جن تي اسان جا سنڌي ٻوليءَ جا سڀ ماهر ۽ عالم متفق آهن. انهيءَ لکي، پڙهي ۽ پڙهيل ماڻهن ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻوليءَ کي معياري يا ڪتابي ٻولي بہ سڏيو وڃي ٿو.

عالمن جي راءِ موجب ساهتي پرڳڻي جي علائقن ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻوليءَ کي معياري ٻولي ڪوٺيو ويو آهي، اُن ۾ حيدرآباد، ڪوٽڙيءَ کان دادو، نوشهري فيروز ۽ ڀريا جا علائقا شامل آهن. مطلب تہ سنڌي ٻولي، سنڌ جي وچولي وارن حصن ۾ معياري ۽ صحيح تلفظ سان ڳالهائي وڃي ٿي (گهڻي ڀاڱي) ان ڪري سنڌ جي وچولي واري ٻوليءَ کي معياري سمجهي لکڻ پڙهڻ جي لاءِ بہ ان ٻوليءَ کي مروج ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي.

پرنٽ ميڊيا ۾ سامهون ايندڙ غلطين کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

(1) فني غلطيون ۽ (2) ٻوليءَ جون غلطيون

فني غلطيون، پروف جون غلطيون ئي آهن. جيتوڻيڪ هي غلطيون ڏسڻ ۾ ننڍڙيون غلطيون آهن، پر جيڪڏهن انهن جو تعداد ۾ اضافو ٿي وڃي ٿو تہ، اخبار جي معيار کي متاثر ڪن ٿيون ۽ ٻولي بہ بي مزي ٿي پوي ٿي.

فني يا پروف واري غلطيءَ کي درست ڪرڻ لاءِ پروف ريڊنگ واري عمل کي بهتر بنائڻ جي ضرورت هوندي آهي.

**پروف جي غلطين جا ڪجھ مثال:**

گهڻو اڳي هڪ اخبار ۾ ٻارن جو صفحو ’گلن جهڙا ٻارڙا‘ نالي سان شايع ٿيندو هو. هڪ ڀيري پروف جي غلطيءَ سبب ’گ‘ جي بدران ’ٻ‘ ڇپجي وئي ۽ گلن جهڙا ٻارڙا جي جاءِ تي ’ٻلن جهڙا ٻارڙا‘ شايع ٿي ويو.

اهڙيءَ طرح پروف جي غلطين سبب نہ صرف اکر ۽ لفظ تبديل ٿي وڃن ٿا، پر جملن جي معنيٰ مَٽجي وڃڻ جي ڪري، ٻولي بہ متاثر ٿئي ٿي.

جڏهن پروف جي غلطين سبب ”لغاريءَ“ جي جاءِ تي ”تغاري“، ”سلامت“ جي جاءِ تي ”ملامت“، محبت جي جاءِ تي ”صحبت“ ۽ ”جلوي“ جي جاءِ تي ”حلوي“ جا لفظ ڇپجي وڃن ٿا، تڏهن جملي جو مقصد ئي مٽجي وڃي ٿو پر ٻولي بہ اثرانداز ٿئي ٿي.

مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيل پروف جي غلطين واريون خبرون ڪجھ هن ريت پڙهڻ ۾ آيون.

(1) ”شاھ رڪن عالم ريل گاڏيءَ جون ٽي **<u>بگيون</u>** پٽڙيءَ تان لهي ويون“

(2) ”شوال جو چنڊ تہ نظر آيو... عيد **<u>اربع</u>** تي ٿيندي“.

(3) ”برسات سبب سرديءَ ۾ **<u>واڌ“</u>**

(4) **<u>جهمپر</u>** مان چوريءَ جا **<u>جواب دار</u>** گرفتار.

ڪي غلطيون وري پراڻيون غلطيون هونديون آهن، جيڪي گذريل ڪيترن ئي سالن کان ورجائبيون ايندڙيون آهن. ۽ اُهي گهڻي وقت کان مروج غلطيون اهڙيون تہ مانوس ٿي وينديون آهن، جيڪي غلطين هجڻ جي باوجود بہ غلطيون محسوس ئي ناهن ٿينديون. اهڙيون غلطيون هرهر ورجائجي، غلط العام صحيح جي زمري ۾ اچي وينديون آهن، پر ڪڏهن بہ جيڪڏهن انهن تي غور ڪري ڏسبو تہ، اهي ضرور غلطيون محسوس ٿينديون. ڇاڪاڻ تہ اهي هونديون تہ غلطيون ئي آهن.

اهڙي غلطيءَ جو هڪ مثال هي بہ آهي تہ:

جيڪڏهن ڪنهن شخصيت جي خدمتن جي اعتراف طور جڏهن ان کي ڪو اوارڊ جا تمغو پيش ڪيو ويندو آهي تہ اسان جون اخبارون اها خبر هن ريت ڇاپينديون آهن تہ،

”محترم ...... کي سندس بي بها ادبي خدمتن جي اعتراف ۾..... ايوارڊ سان نوازيو ويو.“ ”نوازيو“...... لفظ ”نوازش“ مان نڪتل آهي. نوازش

معنيٰ مهرباني، عنايت، ڪرم يا احسان. ۽ ”نوازيو“ لفظ جي معنيٰ ٿيندي، مهرباني ڪرڻ، عنايت ڪرڻ، يا ڪرم يا احسان ڪرڻ.

هاڻي، جڏهن ڪنهن شخصيت جي خدمتن جي اعتراف ۾ ميڊتا طور ڪا پيڻا پيش ڪجي ته انهيءَ کي احسان، ڪرم يا مهرباني چئي سگهجي ٿو؟ .... منهنجي خيال ۾ هرگز نه.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي ڪمالِ فن اوارڊ مليو هو ته هڪ معتبر اردو اداري جي خبرنامي ۾ اها خبر لڳ ڀڳ ڪجهه هنن ئي اکرن ۾ شايع ٿي هئي. ”ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ باڪمال ادبي شخصيت کو ڪمالِ فن ايوارڊ سي نوازا گيا“.

منهنجي خيال ۾ ميڊتا ڪنهن جي ايوارڊ جي محتاج ناهي، پر اوارڊ ئي ميڊتا جو محتاج هوندو آهي.

هڪ ڀيري ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ کي ڪنهن اوارڊ ملڻ تي مون کيس ٽيليفون تي مبارڪ ڏني هئي، ته ڊاڪٽر صاحب موٽ ۾ پنهنجي ئي مختصر شعر جون هي ٻه سٽون پڙهيون هيون ته:

مون ته گلاب لڳايا آهن،
پوپٽ پاڻهي آيا آهن.

هاڻي جيڪڏهن ڊاڪٽر صاحب جي هن ننڍڙي شعر کي غور سان ڏسنداسين ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته اسان تي پوپٽ ۽ گل جي تمثيل، ميڊتا ۽ اوارڊ جي حقيقت کي واضح ڪندي.

جيئن پوپٽ، گلَ جي خوشبوءِ جي طرف ڇڪجي ايندو آهي، اها پوپٽ جي پنهنجي ضرورت هوندي آهي، ان جو گل تي ڪو احسان نه هوندو آهي. ساڳيءَ طرح ڪنهن اداري يا فرد کي اها خوش فهمي نه هجڻ گهرجي ته ڪنهن شخصيت جي بي بها خدمتن کي ميڊتا ۽ پيڻائون پيش ڪري ان تي احسان ٿو ڪيو وڃي.

نوازڻ ۽ نوازش ڪرڻ، اها ته درٻاري ٻولي آهي. اڳي جڏهن مغل شهنشاهن جا درٻاري شاعر شهنشاهن جي شان ۾ قصيده خواني ڪندا هئا.... يا وري شهنشاهه جڏهن درٻاري ۽ فتويٰ فروش مفتين کان ڪنهن سرمد ۽ منصور جهڙن سچ گُو مجاهدن کي مارائڻ جي پنهنجي مرضيءَ مطابق فتويٰ لکرائيندا هئا ته انهن قصيده خوان شاعرن ۽ مُلن تي هيرا موتي نڇاور ڪري، خلعتون ۽ تمغا ڏئي، انهن تي نوازشون ڪيون وينديون هيون. تنهنڪري ڪنهن جي محنتن جي ميڊتائن ۽ پيڻائن کي نوازش ڪوٺڻ واري روش ختم ڪري، پرنٽ توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا کي چيو وڃي ته اهي خدمتن جي اعتراف وارا لفظ لکن ۽ پڙهن.

گرامر ۽ ٻوليءَ جون ڪجهه اهڙيون غلطيون جيڪي روز بروز اخبارن ۾ شايع ٿين ٿيون، جيڪي نه صرف ٻوليءَ جي سونهن بگاڙين ٿيون، پر ڪنهن به صورت ۾ هضم نه ٿيون ٿي سگهن، انهن جو وچور توڙي ڪجهه هن ريت آهي:

**جمع ۽ واحد جون غلطيون:**

’غزل‘ جو جمع ’غزلون‘، ’نظم‘ جو جمع ’نظمون‘، ’ڪتاب‘ جو جمع ’ڪتابون‘، ’ڪاليج‘ جو جمع ’ڪاليجون‘ ۽ اهڙا ٻيا بيشمار لفظ جيڪي روزمره جي اخبارن جي زينت بڻبا رهن ٿا، اهي سڀ اهڙيون غلطيون آهن، جن کي سڌارڻ جي اشد ضرورت آهي.

اهي لفظ جڏهن اخبار ۾ ڪنهن خبر جي سرخي بڻجن ٿا ته اِجهو هيءَ صورت اختيار ڪري ٿا بيهن.

(1) ساماري ۾ غريب ٻارڙن ۾ مفت ٿيلها ۽ ڪتابون تقسيم ڪيون ويون.
(2) گڏجاڻيءَ ۾ چار نظمون ۽ ٻه غزلون تنقيد جي لاءِ پيش ڪيون ويون.
(3) اسان جون ڪاليجون اجا نه ڪليون آهن.

اهڙيءَ طرح گرامر جي حوالي سان ۽ مؤنث مذڪر جي حوالي سان ٻه پرنٽ ميڊيا ۾ ڇپجندڙ خبرن جون سرخيون، ته ڪڏهن شهه سرخيون ٻه

پڙهڻ لاءِ ملن ٿيون. جيڪي ڪنهن به صورت ۾ مناسب نٿيون لڳن. انهن مان ڪجهه مثال هي به آهن:

(1) ڪراچي ٻري رهيو آهي ۽ ماڻهو سڙي رهيا هئا.

(2) مريل ماڻهن جون 'لاشون' عباسي شهيد اسپتال ۾ پهچايون ويون.

(3) قربانيءَ "جون" کلن تان ٻن مذهبي ڌرين ۾ جهيڙو.

(4) اسان دهشت گردي جي خلاف جنگ "هارجي" وياسين ته اها دنيا جي شڪست هوندي.

پرنٽ ميڊيا ۾ شايع ٿيندڙ بگڙيل ٻوليءَ جو ڪير گهڻو ذميوار آهي؟ ان سوال جو جيڪڏهن جواب تلاش ڪبو ته اسان کي ان جا هڪ به نه پر گهڻا ماڻهو جوابدارن جي ڪٽهڙي ۾ بيٺل نظر ايندا. اهو هڪ الڳ ۽ وسيع موضوع ۽ بحث آهي. هتي مختصر طور ٿوري نشاندهي ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي.

اهو سوال جڏهن مون هڪ اخبار سان وابسته صحافي دوست کان پڇيو ته هن چيو ته "جيڪي دوست اخبارن جا رپورٽر آهن، اهي خبرون لکڻ وقت ٻوليءَ جون غلطيون ڪن ٿا. اسان ڇا ڪريون...؟

مون ڪانئس ٻيو سوال ڪيو ته نيوز ايڊيٽر جي به ڪا جوابداري آهي، اهو درستي ڇو نٿو ڪري...؟

چيائين ته ايترو وقت ڪٿي آهي اسان کي...!

بهرحال اسان جو اخباري صحافي، ايڊيٽر، نيوز ايڊيٽر يا سب ايڊيٽر پڇيل سوالن جا اهڙا جواب ڏئي، ڪڏهن به پاڻ کي جوابداريءَ کان آجو ڪري نٿو سگهي.

منهنجي خيال، کوج ۽ سوچ مطابق ڪجهه فرد ۽ ڪجهه ادارا اسان جي پرنٽ ميڊيا جي ٻوليءَ جي بگاڙ جا ذميوار آهن.

پهريون ۽ اهم سبب ٻوليءَ جي بگاڙ جو اسان جو ڪرندڙ تعليمي معيار آهي، جنهن ڪري نه صرف اسان جي پرنٽ ميڊيا جي ٻولي متاثر ٿئي ٿي، پر هر شعبي ۾ جڏهن ڪرندڙ معيارِ تعليم سبب اڌ پڙهيا ماڻهو جنهن اداري يا شعبي ۾ داخل ٿين ٿا ته اهو ادارو يا شعبو ضرور متاثر ٿئي ٿو.

روزگار جي ڪميءَ سبب اسان جا دوست روزگار جي لاءِ هاڪر بڻجي اخبارن سان منسلڪ ٿين ٿا ۽ ڪجهه ڏينهن، اخبارون کپائڻ کان پوءِ ساڳيا دوست صحافي به بڻجي ٿا وڃن ته اخبارن جا رپورٽر به. پوءِ اهي جيڪي درست خبرون ناهيندا، انهن جو اهو حشر نه ٿيندو ٻيو ڇا ٿيندو.

جڏهن ته صحافت پنهنجي جاءِ تي هڪ آرٽ به آهي ته هڪ علم به، باقاعدي صحافت جي ڊگري آهي، جڏهن ڪو ماڻهو صحافت ۾ ايم. اي/ ايم. ايس ڪري ٿو تڏهن وڃي هو جرنلسٽ يا صحافي سڏائڻ جو حقدار ٿئي ٿو.

اخبار جي ايڊيٽرن جي به وڏي جوابداري آهي، جيڪڏهن اهي پنهنجي جوابداري سهڻي نموني نڀائين ته ڪافي قدر اخباري ٻوليءَ ۾ سڌارو اچي سگهي ٿو.

بهرحال هن وقت اخباري ٻوليءَ جي سڌاري لاءِ ضروري آهي ته ڪي جلد ۽ مؤثر اُپاءَ ورتا وڃن. اهڙن اپائن وٺڻ لاءِ وري به اسان جي سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ کي اڳتي اچڻو پوندو ۽ آئي به آهي. اهڙي قسم جا سيمينار جن ۾ ٻوليءَ جي سڌاري جون تجويزون سامهون اچن، بحث ۽ مباحثا ٿين، انهن جي پبلسٽي ٿئي، ان ڏس ۾ ورڪشاپ ۽ سيمينار ضرور نتيجا خيزَ ثابت ٿيندا.

ان ڏس "سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ" طرفان

(1) تفصيلي خط لکي اخبارن جي مالڪن ۽ ايڊيٽرن کي اخبارن ۾ شايع ٿيندڙ غلطين کان نه صرف آگاهه ڪجي، پر معياري ٻوليءَ کان واقف ۽ متعارف به ڪرايو وڃي.

(2) اخبارن جي ايڊيٽرن سان اٿارٽي ميٽنگون ڪري روبرو ڪين اخباري ٻوليءَ جي سڌاري جون تجويزون ڏئي.

(3) ٻوليءَ جي ماهرن جا ليڪچر ڏيارڻ جو بندوبست ڪري، اخباري نمائندن کي دعوت ڏئي گهرائي، ڄاڻ ڏني وڃي.

ان کان سواءِ، اديبن، ٻوليءَ جي ماهرن سينئر صحافين ۽ استادن کي ٻہ گھرجي تہ ٻوليءَ جي سڌاري بابت مضمون ۽ مقالا لکي، مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ڪرائن تہ جيئن پڙهندڙن ۽ اخباري ماڻهن کي صحيح ٻوليءَ جي خبر پوي:

بهرحال:

پير ئي پير ڪجي، پر جي لڳاتار ڪجي،
هجي ڪيڏي بہ ڏگهي راهہ ڪٽي پوندي آ.

—

(هي سمورا مقالا ۽ مضمون، 25 نومبر 2011ع تي، اڪادميءَ پاران 'ڊاڪٽر تنوير عباسي سيمينار' ۾ پڙهيا ويا هئا)

ڊاڪٽر غلام علي الانا

# تنوير عباسي: فنونِ لطيفہ جو هڪ پارکو

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ جتي فطرت جو رنگ، ٻوليءَ جي حسناڪي، رواني ۽ غنايت موجود آهي، اُتي هن سادي سلوڻي، نج ۽ دل کي وڻندڙ ٻولي ڪم آڻي، پاڻ کي سنڌي ٻوليءَ جي اعليٰ معيار وارن نثرنگارن جي صف ۾ بيهاري ڇڏيو آهي. سندس معياري نثر نويسيءَ ۾ بہ اُهي سڀ خوبيون ۽ خصوصيتون نظر اچن ٿيون، جن جي ڪري کيس سنڌي ٻوليءَ جو بهترين نثرنگار، نقاد، محقق، تجزيہ نگار، حقيقت شناس، واقع نگاريءَ جو ماهر نثر نويس، ۽ اعليٰ معيار جو 'لطيف شناس' ۽ سچل شناس چئي سگهجي ٿو.

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ سفرناما پڻ لکيا آهن، پر سندس لکيل سنڌي ادب جي هن صنف جي باري ۾ ڪنهن بہ نقاد يا ڪنهن بہ 'تنوير شناس' ڪابہ نشاندهي نہ ڪئي آهي.

هتي آءٌ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي سفرناما نويسيءَ جي باري ۾ مختصر جائزو پيش ڪرڻ چاهيان ٿو:

ڊاڪٽر عباسيءَ جا ٻہ سفرناما اهم آهن. جن مان پهريون سفرنامو 'چنڊ ٻہ ٽڪر' جي عنوان سان لکيل آهي، جيڪو دراصل 'دُبئيءَ' جي سفر جي باري ۾ آهي، ۽ سندس ٻئي سفرنامي جو عنوان آهي: 'ڏوري ڏوري ڏيهہ'. سندس اهو سفرنامو سهڻي پبليڪيشن طرفان 1984ع ۾ شايع ڪيو ويو هو. هن سفرنامي جي گهري مطالعي کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ جو هي قداور دانشور وڏي مطالعي وارو ماڻهو هو. کيس يورپ جي ملڪن جي سماجي، ثقافتي، علمي ۽ ادبي تاريخ جو وڏو مطالعو هو. هن ڪتاب جي

مطالعي کان پوءِ ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ ڊاڪٽر تنوير عباسي فنون لطيفہ جي فن ۽ تاريخ ۾ ڪيتري قدر نہ اعليٰ ڄاڻ رکندو هو. خاص ڪري مجسمہ سازيءَ جي فن جي حوالي سان. هن فن بابت ڊاڪٽرصاحب ڪيتري قدر نہ مهارت رکندو هو! هڪ شاعر جي حيثيت ۾ هُو هڪ حساس دل جو تہ مالڪ هئو ئي، پر هن ڪتاب جي مطالعي کان پوءِ آءٌ تہ انهيءَ راءِ جو آهيان تہ ڊاڪٽر تنوير عباسي، شاعر کان بہ وڌيڪ فنونِ لطيفہ جو هڪ وڏو آرٽسٽ هو. هن مختصر مضمون ۾، ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي سفرناما نويسيءَ جي حوالي سان، سندس فنون لطيفہ جو هڪ وڏو پارکو هجڻ جو وڏو ثبوت ملي ٿو. هيٺ ڪي مثال پيش ڪجن ٿا:

(1) ”سينٽ پال جي گرجا، ٽين صديءَ عيسويءَ ۾ ٺهي، 1826ع ۾، باهہ لڳڻ سبب سڙي وئي، ڇوتہ اُن جي ڇت ڪاٺ جي هئي. اُن جي ٻيهر مرمت ڪرائي وَئي. اُن گرجا ۾ 266 پوپن جون تصويرون آهن. اُن گرجا جو هڪ دروازو ’مقدس در‘ (Holy door) آهي، جيڪو هر پنجويهين سال کلندو آهي. هاڻي اهو در وري سن 2000ع ۾ کلندو. نيپوليئن جي دور ۾، گرجائن کي اونداهو ڪيو ويو. اُن ڪري هن گرجا جي هڪ ڇڏي ٻي دري بند ڪئي وَئي. اهو ان ڪري ڪيو ويو تہ، جيئن ماڻهن کي مذهبي عمارت ۾ گهڙڻ سان خوف ۽ هيبت جو احساس ٿئي. اُتي مون کي سمجهہ ۾ آيو تہ سنڌ ۾ اڪثر پيرن جون درگاهون، اونداهيون ڇو هونديون آهن. ائين ٿو لڳي تہ ماڻهن تي مذهب جي هيبت وجهڻ وارو فن، مشرق توڙي مغرب ۾ ساڳيو آهي.

اُن کان پوءِ ’نيرو‘ (Nero) جو سونو گهر ڏٺوسين. نيرو قديم روم جو بادشاهہ هو، جنهن جو ڪردار، انگريزي فلم Quo vadis ۾ چٽو پيش ڪيو ويو هو. هُن فقط ٻرندڙ شهر جو منظر ڏسڻ لاءِ، روم کي باهہ ڏياري، ۽ ان نظاري جو لطف وٺندو رهيو ۽ بئنسري وڄائيندو رهيو. چوڻي آهي تہ: Rome was burning and he was fiddeling يعني روم ٻريو پئي ۽ نيرو بئنسري پئي وڄائي.

بس ڦرندي ڦرندي اچي هڪ گرجا وٽ بيٺي، جتي ماڻهو تہ ٺهيو پر ٽوئرسٽ بسن جو هجوم وڌيڪ هو. اُتي دنيا جي عظيم بت تراش، مائيڪل اينجلو جو جڳ مشهور فن پارو، ’موسيٰ‘ (Moses) رکيل آهي. اهو مجسمو، حقيقت پسندي (Realism) جو هڪ اهڙو تہ نمونو آهي، جنهن کي اڄ تائين ڪو شهہ نہ ڏيئي سگهيو آهي.

سنگمرمر جو هي اڇو پٿر، مائيڪل اينجلو جي ڇيڻيءَ جي نوڪ ۽ مترڪن جي ضربن سان جيئرو جاڳندو ٿو لڳي. عجب اهو ٿو لڳي تہ هُو ساهہ ڇو نٿو کڻي! مشهور آهي تہ اُن کي مڪمل ڪرڻ بعد، مائيڪل اينجلو، خود اُن کي چيو تہ: ”هاڻ ڳالهاءِ.... ڳالهائين ڇو نٿو؟“

جنهن جلال ۽ غصي مان، ڪُرسيءَ تان اُٿڻ جي پوز ۾ اهو بت ٺهيل آهي، اُن کي، اهو انتظار ٿو رهي تہ اِجهو ڄاڻ اُٿيو. هيءُ بت، انسان جي سائيز کان بہ وڏو آهي؛ اُن جو تاثر اهو آهي تہ جڏهن حضرت موسيٰ کي ٻڌايو ويو تہ سندس قوم وري ڳابي جي پوڄا شروع ڪئي آهي تہ هُو ڪاوڙ ۾ اُٿيو. ڏند پڪوڙيل، ڄاڙين جون مشڪون اُٿيل، ڊگهي، شانائتي ۽ گُهنډيدار سونهاري، هڪ پير اڳتي تہ هڪ پير پوئتي؛ ٻانهن جون رڳون بہ جوش کان ڦيريل؛ هڪ هڪ مشڪ متناسب، خوبصورت ۽ طاقتور؛ هڪ هڪ عضوي ۾ رعب، شان ۽ تقدس. ائين ٿو لڳي تہ ان مجسمي ۾ اٿاهہ طاقت ڀريل آهي. منهن ۾ ڪاوڙ جوش، دٻدٻي ۽ معصوميت جي امتزاج جو تاثر.

”مائيڪل اينجلو وٽ حقيقت پسندي، اوج تي پهتي. هن گهڻي حياتي، غربت ۽ ڀاڄ ۾ گذاري. ائناٽاميءَ جي ڄاڻ لاءِ هن هڪ رحمدل پادريءَ سان رستو رکيو، جيڪو کيس تازن پوريل مُردن کي چيرڻ جي اجازت ڏيندو هو. اڌ رات کان اسر تائين، ان ڪم لاءِ گهران چوريءَ نڪري اچڻو پوندو هوس؛ مائٽن کي سندس لباس ۽ جسم مان، ’مردن جي ڌپ اچڻ لڳي تہ اُن کي لڪائڻ لاءِ هن موٽندي وقت ڪپڙن تي شراب ڇڙڪائڻ شروع ڪيو تہ جيئن مائٽ کيس شرابي سمجهن ۽ سندس مردن چيرڻ وارو راز، راز ئي رهي. سندس همعصر ۽ عظيم جڳ مشهور فنڪار، ’مونا ليزا‘ جو

خالق، ’ليونارڊو ڊاونچي‘ ڪيس گهٽ سمجهندو هو ۽ چوندو هو ته: ”چيٽي ۽ مترڪي مان ته مزدور ڪم ڪندا آهن. فنڪار جو شان ته رنگ ۽ برش آهن“. پر مائيڪل اينجلو ڪي سنگتراشي وڏيڪ وڻندي هئي، چوته اُن ۾ ’ٽيئي پاسا‘ (Three dimensims) پڌرا ٿيندا آهن.“

انهن چند مثالن مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته فنونِ لطيفه ۽ سنگتراشيءَ جي فن جي باري ۾ به سنڌ جو هي دانشور وڏي ڄاڻ رکندو هو. هن ڏس ۾ فائِن آرٽس جو ڪو ڄاڻو پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري ته بهتر.

—

امداد حسيني

# تنوير ئي ته اسان جو مستبقل آهي

عشق ۾ تنهنجي هي ’تنوير‘ ڪي ڇا ٿي ويو آ،
جهڙو اڳ ۾ هئو، هاڻي رهيو اهڙو ناهي.

’تنوير‘ جي جنهن غزل جي اها مقطع آهي، اُهو سندس مجموعي ’شعر‘ ۾ ڇپيل آهي. ان غزل جا ٻيا به شعر ته ليڪيل آهن، پر اها مقطع نه. تنوير جهڙي شاعر جي فن ۽ فڪر تي لکڻ لاءِ، جڏهن سندس شاعري پڙهجي ٿي، تڏهن اهو مسئلو آڏو اچي ٿو ته ڪهڙو شعر ڪڍجي ۽ ڪهڙو ڇڏجي! مثال طور سندس اهو غزل ئي ڏسو. غزل اصل ۾ اُهوئي غزل آهي، جنهن ۾ لوازمات جو خيال رکيو ويو هجي. جنهن جا سمورا شعر سٺا هجن. جيئن مٿيون غزل آهي. اهو ضروري نه آهي ته ان غزل جي مڙني شعرن تي لکيو وڃي. ها، اهو تڏهن ممڪن آهي، جڏهن تنوير جي غزل جو ڊار اپياس لکيو وڃي. جنهن جو رواج اسان وٽ نه آهي. ان ريت تنوير جي وائيءَ، نظم، گيت ۽ هائيڪو بابت به ساڳي ڳالهه چئي سگهجي ٿي.

ان مقطع ۾ پهرين سِٽ جو پهريون لفظ ’عشق‘ آهي ۽ پوري شعر جي اوڄي لاءِ تاڄي پيٽي وارو استعاراتي ڪردار ادا ڪري ٿو. ’عشق‘ زندگيءَ جو هڪ مکيه مرحلو آهي ۽ شاعر جي، ان مرحلي مان گذرندي، جيڪا ڪيفيت ٿئي ٿي، ان بابت هن وٽ به هڪ سوال آهي ته هن ڪي الائي ڇا ٿي ويو آهي؟ مصرع ثانيءَ ۾ به هن وٽ ان سوال جو جواب رڳو ايترو آهي ته هو تبديل ٿي ويو آهي. اڳ جهڙو نه رهيو آهي. ’اڳ‘ ۽ ’هاڻي‘ لفظن سان هُو ماضيءَ ۽ حال جي سلسلي کي ڇني به ٿو ته ڳنڍي به ٿو. اصل ۾ اها شاعريءَ جي ’ڇنڻ ڳنڍڻ اُن جو‘ واري معجزاتي سگهه آهي، جيڪا نه رڳو شاعر ۽ سندس شاعريءَ کي تبديل ڪري ٿي ڇڏي، پر اُن پوري دور کي به تبديل ڪري ٿي ڇڏي. جنهن سان هُو لاڳاپيل هوندو آهي. تنوير جنهن دور ۾ هڪ

شاعر جي حيثيت سان اُڀريو. اُهو ورهاڱي کان پوءِ وارو ۽ خاص طور ون يونٽ وارو دور هو. جڏهن سنڌ کي هڪ مفتوح علائقو سمجهيو ويو. رهي کهي ڪسر ون يونٽ ٽاڪي ڪڍي وئي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي پنجن درجن تائين واڙيو ويو ۽ هزارها سالن کان قائم دائم سنڌ جو نالو ميساريو ويو. اهوئي اُهو دور هو جڏهن تنوير روايتي شاعريءَ جي بند ڪمري مان نڪري کليل ميدانن ۾ اچي ويو ۽ عملي طور سنڌي ٻوليءَ جي حقن جي بحاليءَ ۽ ون يونٽ مخالف تحريڪ ۾ شامل ٿي ويو. هتي ان ڏس ۾ صرف ايترو چوندس ته ون يونٽ ٽٽڻ سان، سنڌ جا سُور ختم نه ٿيا آهن، پر پاڙ وڌيا آهن. هڪ شاعر کان وڌيڪ ان صورتحال جو ادراڪ ٻئي ڪنهن کي ٿي سگهي ٿو؟ هڪ شاعر مستقبل ۾ صدين تائين گهُوري سگهندو آهي. تنوير به هڪ اهڙو شاعر آهي. هُو هر صورت ۾ انسان کي انسان هٿان تباهه ٿيڻ کان بچائڻ گهري ٿو! نفرت جي آڙاهه کي وسائڻ گهري ٿو:

دڙڪو ورندو دڙڪو ٿي، گار ٿي ورندي گار،
رت ورندو رت ٿي، پيار ٿي ورندو پيار،
گولي ورندي گولي ٿي، هار ٿي ورندو هار،
پوءِ اي منهنجا يار، نفرت چو پوکيون هتي!

(”هيءَ ڌرتي“ کان پوءِ، ص 31، ”تنوير چئي“ ص 525)

مٿيون بيت ”اورنگي“ جي عنوان سان چيل بيتن مان هڪ آهي.
انهن بيتن ۾ هڪ بيت سورٺي- دوهي فارم ۾ به آهي:

گل ته آهي گل، کهڙي پي رنگ جو هجي،
اُسري جنهن به مٽيءَ مان، ان جو وڌو مُل.

تنوير انسان هٿان انسان جي قتلام تي رت ٿو روئي. هُو صحيح معنيٰ ۾ انسان پرست شاعر آهي:

توکي ڏسندي ئي تنوير،
سکيو انسان پرستي يار!

تنوير سماج کي تياڳي نه ٿو بلڪ ان ۾ رهي ظلم ۽ ناانصافيءَ سان مهاڏو اٽڪائي ٿو. شاعريءَ ۾ عواميت جي معنيٰ قطعي اها نه آهي ته روشن ڏيئي کي عوام جي پيرن ۾ وجهي رکجي! شاعريءَ ۾ عواميت جي معنيٰ اها آهي ته عوام کي ڏيئي جي روشنيءَ تائين مٿي کڻي اچجي:

مون ته مشعل آهي پنهنجي هٿ ۾ کنئي،
پوءِ به ڪافي ناهي اُن جي روشني،
سمنڊ اونداهيءَ جو آهي بيڪران،
تون به ڪا مشعل کڻي اوري ته آءُ
لاٽ مان ٻي لاٽ ٻاري ڪر اُلاءُ.

(”شعر“ ص 98“ ”تنوير چئي“ ص 294)

هڪ شاعر پاڻ ٻاري به ٻاٽ ۾ لاٽ روشن ڪري ٿو. هُو پنهنجين سٽن ۾ لفظن جا ٽانڊاٽا ٽمڪائي ٿو. سٽن ۾ ستارا ٽانڪي ٿو ۽ معنيٰ جي جوت جلائي ٿو:

جوت ڏيان مان واٽهڙن کي ڏيئي مثل ٻران،
مارڳ منجهه مران!

—

جتي ٻرون اُت آهي لاٽ.

—

جوت جلندي رهي،
لاٽ ٻرندي رهي.

تنوير رنگن، خوشبوئن ۽ روشنين جو شاعر آهي ۽ هو نفرت ۽ ڪٽرپڻي کي ڌڪاري ٿو. پيار ۽ ماٺيپي جو پرچار ڪري ٿو. سندس شاعريءَ ۾ دائميت ۽ آفاقيت جو عنصر آهي. ’پرک جي تنوير عباسي نمبر‘ ۾ تنوير جي مشهور نظم ’هرڪو ماٺهو موتيءَ داڻو‘ ۾ سندس هڪ شعر:

جنهن جنهن ڳوڙها ڳاڙيا،
سوئي موتي ميڙيا!

جي حوالي سان مون تنوير جي شاعريءَ ۾ تضادن جي ڳالهه ڪندي لکيو هو ته ”شاعريءَ ۾ اهي تضاد سياويڪ آهن، ڇاڪاڻ ته اهو تضاد خود زندگيءَ ۾ به موجود آهن.“ ان حوالي سان تنوير جا هتي به شعر ڏيڻ چاهيان ٿو. اهي ٻئي شعر ’هيءَ ڌرتي‘ (ڪتاب) ۾ آهن:

پيو ايڏو مدهوش ٿياسين جو سارو جڳ وسري ويو،
تڏهن به تنهنجو نانءُ ۽ تنهنجي گهر جو رستو ياد رهيو.

(”هيءَ ڌرتي“، ص 54، ”تنوير چئي“ ص 366)

۽ هي شعر ڏسو:

انهيءَ رات ڏاڍو گهڻو پِيو ويس مان،
سنڌءِ گهر جو رستو به ڀلجي ويس مان.

تنوير جي شاعريءَ ۾ اهي تضاد يا ٻيا ڪيترائي موضوع ٿي سگهن ٿا، جيئن: ٻولي، لفظيات، موضوع ۽ گهاڙيٽا ۽ صنفون. انهيءَ دور جي شاعريءَ جي آسمان تي شاعرن جي هڪ ڪهڪشان روشن آهي، جنهن ۾ هر ستاري جي پنهنجي روشني آهي. سحر امداد اُن ڪي شاعرن جي ’سوني سنگهر‘ چيو آهي، ۽ تنوير انهيءَ ڪهڪشان جو هڪ روشن ستارو آهي ۽ انهيءَ ’سوني سنگهر‘ جي هڪ مضبوط ڪڙي آهي، جيڪا پاڻ کان اڳين ۽ پوئين ڪڙيءَ ڪي مضبوطيءَ سان جهلي بيٺي آهي. ”تنوير“ ڪي ڏيمي لهجي ۽ مٺو سُرن جو شاعر سڏيو وڃي ٿو ته ان مان مراد اها آهي ته هُو فن/ آرٽ/ ڪلا ڪي هٿان نه ٿو ڇڏي ۽ هُن جو سُر ڪٿي به بي سُرو نه ٿو ٿئي. هو جڏهن ’ڪيڏارو‘ چئي ٿو ته بيت جي گهاڙيٽي ۾ چئي ٿو تنوير ڪلاسيڪل زنده روايتن ڪي آڏو رکندي، پنهنجون روايتون به قائم ڪري ٿو. تنوير جي لهجي ۾ ڪڏهن، ڪٿي ڪڙاڻ اچي به ٿي ته اُها مٺ جي ڪڙاڻ وانگر آهي. ان حوالي سان ”تنوير“ جو نظم ”ميڻ جي ماڙي“ پڙهڻ جهڙو ۽ پُرجهڻ جهڙو نظم آهي. ان ۾ هو سرڪار، شاگردن، ڪامورن، پيرن وڏيرن، اسيمبلي، وزيرن... جو ذڪر ڪري ٿو. ان نظم جا ڪجهه بند:

نئين نسل جي ڪوپرين ۾ علم بجاءِ آ بُوسو،
يونيورسٽين ۾ هر مند جِهل جو فصل پچي ٿو،
پير وڏيرا پنهنجي خاطر وڏي ڪرامت ڪن ٿا،
سياست ۽ سرڪار ٻنهي ڪي پنهنجي هٿ رکن ٿا،
سنڌ اسيمبلي بلڊنگ ڄڻ ڪا ميڻ جي آهي ماڙي،
جنهن ۾ ڪٺ پتلين جو تماشو رهندو آهي جاري،
هنن وزيرن جي طاقت جي ڳالهه ٻڌايان ڇا ڇا،
هنن کان وڌ طاقتور آهن تاس جي راند جا گولا!

(”هيءَ ڌرتيءَ“ کان پوءِ، ص 25، ”تنوير چئي“ ص 519)

نظم ۾ هو ڪامورن ڪي اڳڙين جو گڏو ٿو چئي ۽ تعليم جي تباهيءَ جو ماتم ٿو ڪري. هُو درسگاهن جي پٽ وائڪي ڪري ٿو جتان علم بدران جِهل ٿو پچي. پيرن وڏيرن جي ڪردار ڪي ننڌي ٿو. ۽ وزير، گولا جي گولن جا، تن جا خاص غلام! انهن جي حيثيت تاس جي گولن جيتري به نه آهي. تنوير جون سڀ اميدون نئين ٽهيءَ سان واڳيل آهن. ان جو ذڪر اهو انتهائي سڪ اُڪير سان ٿو ڪري:

تون جئين جي ته هيءَ سنڌ
توسان جيئي
تون مرين سنڌ جي لاءِ
ته به هوءَ جيئي
تون مرين، شل انهيءَ کان
اڳي مان مران،
سنڌ جي نئين ٽهيءَ
لاءِ قربان ٿيان!
تون وڏين مان تران،
تون وڏين مان تران،
مان مران تون جِئين،

مان مران تون جِئين!
منهنجون سڀ خواهشون
تون ئي پوريون ڪرين،
شال جڳ جڳ جئين
شال جڳ جڳ جئين!
تنوير نئين نسل کان مايوس نہ ٿو ٿئي، ڇوتہ اُهي ئي مستقبل آهن.

—

ڊاڪٽر نور افروز خواجہ

# تنوير عباسي هڪ لافاني شاعر

ڊاڪٽر تنوير عباسي، سنڌي علم ادب ۾ هڪ گهڻ رُخي شخصيت جو مالڪ هو. هو شاعر بہ هو تہ نثر نويس بہ هو. تخليقڪار بہ هو تہ نقاد بہ هو. هو هڪ ڊاڪٽر طور مريضن جو علاج بہ ڪندو هو تہ سنڌي قوم ۾ ايڪتا ۽ همت پيدا ڪرڻ جا ڏس بہ ڏيندو هو. هن سنڌي شاعريءَ سان گڏ نثر ۾ بہ ڪيترا ڪتاب لکيا آهن، جن ۾ خاڪا، سفرناما، مضمون ۽ شاهہ لطيف جي شاعريءَ تي ڪتاب سندس وڏو ڪارنامو آهن. ورهاڱي کان پوءِ جي شاعريءَ ۾ هُو اهم مقام رکندڙ شاعر هو. جديد دور جي شاعرن ۾ شيخ اياز کان پوءِ تنوير عباسيءَ جو نالو وڏو مقام رکي ٿو. هو جيتوڻيڪ روايتي دور جي شاعريءَ جي پيداوار هو، پر جلد جديد شاعر جي حيثيت ۾ اُڀري آيو. ڪيس شاعريءَ جي علم ’بحر وزن‘ ’هندي ڇند‘ ۽ ’انگريزي metere‘ تي عبور حاصل هو. اڳتي هلي تنوير عباسي، ترقي پسند شاعرن جي صِف ۾ شامل ٿي ويو. هن شاعريءَ ۾ جدت ۽ نواڻ آندي، نئون ماحول آڻي، نون موضوعن کان متعارف ڪرايو. هن شاعريءَ ۾ ايراني ماحول جي بجاءِ، سنڌ جي ماڻهن جي روزمره جي زندگي، سنڌ جي مسئلن ۽ سنڌ جي تهذيب، تمدن ۽ روايتن کي پنهنجو ورثو ٻڌائي پيش ڪيو تہ جيئن سنڌ جا ماڻهو سندس پيغام کي پنهنجي ئي ٻوليءَ ۾ سمجهي سگهن. انهيءَ جو اظهار ڪندي، هن پاڻ لکيو آهي تہ: ”ايراني اثر واري شاعريءَ کان ڪان مون کي هي نمونو وڌيڪ سهڻو لڳو، ڇوتہ ان طرح مان پنهنجا خيال چڱيءَ طرح ظاهر ڪري ٿو سگهان ۽ منهنجا هم وطن انهن کي پوريءَ ريت پروڙي ٿا سگهن. (تنوير: ’رڳون ٿيون رباب‘، 1958_1972) هن سنڌ جي روزمره جي زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن، علامتن، تشبيهن، تمثيلن، اصطلاحن، پهاڪن ۽

چوٽين کي شاعريءَ ۾ استعمال ڪيو ۽ فارسي لب لهجي ۽ غنائيت بدران سنڌي لهجو موسيقيت، لئي، ماحول ۽ موضوع شاعريءَ ۾ پيش ڪيا. ان بابت خود لکي ٿو تہ ”سنڌيءَ کي پنهنجو لهجو ۽ پنهنجي مخصوص لئہ آهي، فارسيءَ جو لهجو ۽ موسيقيت سنڌي شعر ۾ اجنبي پيا لڳن. ان ڪري نون غزلن ۾ سنڌي لهجي ۽ موسيقيت کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم ۽ ان سان گڏ موضوع پڻ سنڌي ماحول مان چونڊيا اٿم. (تنوير: ’تنوير چئي‘، 1989ع) تنوير سنڌي شاعريءَ جي سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. هن غزل، گيت نظم کان علاوه نين صنفن کي پڻ سنڌي شاعريءَ ۾ متعارف ڪرايو. سندس شاعريءَ ۾ لفظن جو جڙاءُ، موسيقيت جو ترنم ۽ لئي، جذبن ۽ خيالن جي بي ساختگي گڏجي، جديد شاعريءَ واريون خوبيون پوريون ڪن ٿيون. هو چوي ٿو:

تڏهن شعر تنوير لکبو آ پاڻهين،
جڏهن گهاءُ دل تي ڪوئي ڪائبو آ.

تنوير پنهنجن گيتن ذريعي سنڌي ماڻهن جي تڪليفن جا دل تي لڳل زخم سهي پيار ۽ محبت جو درس ڏيندو رهيو آهي. هو چوي ٿو تہ:

جوت جلندي رهي، لاٽ ٻرندي رهي،
جي ننڍا مچ مچائي سگهو دوستو!
چڻنگ چولي، ۾ پنهنجي لڪائي هلو
روشني زندگي آ، اها زندگي آ،
ڪنهن امانت جان دل سان لڳائي هلو!

تنوير عباسي سنڌ جو شاعر هو هو سنڌي ماڻهن جو هڏ ڏوکي، همدرد، ساٿي ۽ هر وقت سندن مددگار رهيو ون يونٽ ۽ مارشل لا وارن دورن ۽ ٻين قوتن جي سنڌي ماڻهن تي ٿيندڙ نا انصافين ۽ ظلمن وقت هو سندن ڏک سُک جو ساٿاري هو ۽ سندن مصيبتون ۽ تڪليفون ختم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪندو، لُڇندو ۽ ڦٿڪندو رهيو آهي:

اوهان ٿا ڪُهو جن کي اُبتي ڇُريءَ سان،
اهي ڪجهہ تہ لُڇندا، اهي ڪجهہ تہ ڪڇندا!

تنوير کي سنڌ جي ماڻهن جي مستقبل جو گهڻو اونو هوندو هو. هو جڏهن سنڌي ماڻهن کي ڏکن ۽ تڪليفن جي گهاڻي ۾ پيڙجندي ۽ پيسجندي، نااُميد ٿي تباهہ ۽ برباد ٿيندي ڏسندو هو تہ ان وقت منجهن همت ۽ حوصلو پيدا ڪري پنهنجي منزل ۽ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ۽ قربانيءَ پيار ۽ محبت جو درس ڏيندو رهيو. هو چوي ٿو:

جن جن لهرن سان لنو لاتي،
تن ئي ماڻي آهہ حياتي،
جن موجن مان جهاتي پاتي،
آهي تن جو ماڳ، پيارا!
پيار جو سمنڊ اجهاڳ.

هن سنڌي قوم جو رهبر ۽ رهنما بڻجي، انهن ۾ اُتساهہ پيدا ڪيو ڪين صحيح راهہ ڏيکاري. هن پنهنجي قلم ذريعي پنهنجي قوم جي ماڻهن کي غفلت، ڪاهلي، ڊپ ۽ خوف مان ڪڍي انهن لاءِ نيون راهون ۽ نوان رستا گهڙيا، انهن جو حوصلو بلند ڪندو رهيو منجهن نئون جذبو ۽ نوان اُمنگ پيدا ڪندو رهيو. هو چوي ٿو تہ:

هيءَ زنجير ٽٽڻ ڪا مشڪل ناهي،
ٻانهُن ۾ ايڏو ٻَل رکٽو آهي،
ڪنهن غاصب کي همت ڪين وري ٿئي،
۽ جي ٿئي تہ انهيءَ کي اتي ئي ڇتجي!

هن مارئيءَ جي همت ۽ حوصلي جو مثال ڏيندي چيو آهي تہ:

ڪالهہ عمر کي ٿي مجاياڻين روئڻ سان ليکن،
اڄ اهي لُڙڪ ڦِري چڻنگون ٿيڻ تي آهن،
مارئي ڪالهہ ئي سُڏڪا ڀريا ڪوٽن ۾ ٻر،
اڄ سندس آڳ ۾ هي ڪوٽ جلڻ تي آهن.

تنوير هڪ انقلابي شاعر آهي، هن پنهنجي شاعريءَ ذريعي، سنڌي قوم ۾ انقلاب آڻڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. انقلاب آڻيندڙ رهبرن ۽ رهنمائن کي، جي پنهنجي قوم جي حقن حاصلن ڪرڻ لاءِ ۽ آزاديءَ جي نعمت کي ماڻڻ جا خواهشمند هئا، انهن جي قربانيءَ واري جذبي کي ساراهيو آهي. هو لکي ٿو ته:

هي جو رت وهيو، ٿيو امرت ساري سنڌ لئه،
سِر گهوريو جنهن ديس تان، مري نه سگهندو سو،
پاڻ به جيئندو، ۽ جياريندو ديسَ کي.

هو لکي ٿو ته ”پنهنجي ٿوري عمر آهر، مون به جيڪي ڪجهه ڏٺو وائٺو آهي، جيڪي واقعا منهنجي اکين آڏو گذريا آهن، جيڪي ڪجهه به منهنجي احساسن کي اٿاري ۽ جذبن کي جاڳائي سگهيو آهي، جنهن به نظاري اکين کي آرام ڏنو اٿم، ان کي ڪوشش ڪري اهڙيءَ ريت لکيو اٿم، جيئن ٻين جي دل ۾ به اهڙائي احساس اُٿن ۽ اهڙائي جذبا جاڳن. جيڪي منهنجي دل ۾ جاڳيا، جي پنهنجي ڏکندڙ ڏيئي وسامڻ کان اڳ ۾، ان جي لاٽ مان ڪي ٿورائي ڏيئا ٻاري سگهيس ته منهنجو جيئڻ سجايو آهي.

(تنوير: ’رڳون ٿيون رباب‘)

مون کي ڏيو باهه ته مان پاڻ جلان،
ڏيئو آهيان مان ٻرڻ ٿو چاهيان!

هو هڪ جذباتي شاعر آهي، سنڌ جي ماڻهن تي ٿيندڙ ظلم ڏسي جذباتي ٿيو وڃي. هو پنهنجي پيڙا ۽ تڪليف ۾ ٻين جي پيڙا ۽ تڪليف ٿو محسوس ڪري. سندس شاعري ديس جي سانگيئڙن جي جذبن ۽ اميدن جي ترجمان آهي، هو قلم ذريعي انهن جو حوصلو بلند ٿو ڪري، هو انهن مان مايوسيءَ کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو:

روز هڪڙي نئين جفا آهي،
روز هڪڙو نئون ستم آهي،
سنڌ ۾ نيٺ انقلاب ايندو،
منهنجي هٿ ۾ اجا قلم آهي.

تنوير انسانيت کي مات ڏيندي چوي ٿو:

مضبوط جهوپڙيون ۽ ڪمزور محل ماڙيون،
سو ڏينهن آهه ويجهو ٿينديون اُپيون ڪهاڙيون،

—

مات ٿياسين تون ۽ مان مات ٿي انسانيت!

تنوير چوي ٿو ته هوشو يا هيمون يا دودو هڪ ڪونهي، پر سنڌ جو هر ٻار چام آهي، هوشو آهي، هيمون آهي، درياخان ۽ عبدالرزاق سومرو آهي. تنوير عباسي هڪ قوم پرست شاعر آهي، سندس شاعريءَ جو سورما سنڌي قوم جا مظلوم فرد آهن، جن پنهنجي سنڌ ۽ سنڌي قوم جي بچاءَ خاطر پاڻ شهيد ٿيڻ قبوليو پر پنهنجي سنڌ امڙ کي ڌارين جي بُري نظر کان بچايو. هن هوشو دودي، درياخان ۽ عبدالرزاق سومري کي پنهنجي شاعريءَ ذريعي خراج تحسين پيش ڪيو آهي:

4 مارچ تي تنوير ’ڪيڏارو‘ بيت ۾ چوي ٿو ته:

هيءَ ڌرتي آ سنڌ جي، جنهن هوشوءَ رت سانديو،
هيءَ ڌرتي آ سنڌ جي هن کي آهي سلام،
هڪڙو چام نه آهي، هتي ڄمندا ڪي ئي چام،
هوشوءَ واري هام، هڻندا رهندا هر طرف.

تنوير هڪ رومانوي شاعر به آهي، هو فطري حسن جو شاعر آهي، هو پيار ۽ محبت ڪندڙ شاعر آهي. هو چوي ٿو ته:

اوهان به پارس ناهيو سائين! اسين به پارس ناهيون،
پيارُ ڇهُي ويو پاڻ ٻنهي کي، سونا ٿي پيا آهيون.

—

تنهنجي محفل ۾ اچڻ ٿو چاهيان،
تُنهنجو ديدار ڪرڻ ٿو چاهيان،
توسان عشق جو اظهار ڪري،
تُنهنجي حيراني ڏِسڻ ٿو چاهيان.

تنوير پنهنجي قوم کي آزادي ڏيارڻ چاهي ٿو. آزادي قرباني گهري ٿي ۽ سنڌي قوم کي جيڪا آزادي ملي آهي، انهيءَ بابت ”آزاديءَ جي عيد“ عنوان سان شعر ۾ چوي ٿو:

آزادي افلاس جي ماريل، ويني آهي آس لڳايو،
چپ تي اُن جي آهہ صدا هيءَ، آزاديءَ کي ڪجهہ تہ ڏياريو،
هيءَ آزادي آهہ اگهاڙي، آزاديءَ کي ڪجهہ پهرايو،
هيءَ آزادي آهہ بُکايل، آزاديءَ کي ڪجهہ کارايو،
ميرن قاتل ڪپڙن ۾ هوءَ، عرض ڪري ٿي، عرض اگهايو،
آزاديءَ جي اُڃ کي اجهايو، آزاديءَ کي خون پيياريو،
دوست اسان آزاديءَ جي لئہ، ڇا قربان ڪيو هو ٻڌايو،
آزادي اڄ قربانيءَ جو قرض گهُري ٿي، قرض چڪايو!

نصير مرزا، تنوير بابت چوي ٿو تہ:

”تنوير هڪ آدرشي شاعر آهي ۽ هڪ آدرشي شاعر پنهنجي وقت ۽ وقت جي دکدائڪ حالتن کان ڪڏهن بہ منهن موڙي نہ سگهندو آهي.“

تنوير عباسي لافاني شاعر آهي، هو سنڌ جي هر ماڻهوءَ کي هر وقت ياد رهندو ۽ هو سنڌن دلين هميشہ زنده جاويد رهندو.

—

ڊاڪٽر ادل سومرو

# تنوير عباسيءَ جي خاڪانگاري_ هڪ جائزو

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي سڃاڻپ جو اهم حوالو تہ شاعري آهي، پر تحقيق، لطيف شناسي ۽ سفرنامن جي نسبت سان بہ سندس انفرادي سڃاڻپ آهي. ادبي حلقن، تنوير عباسيءَ جي انهن نثري ڪمن جي بہ واکاڻ ڪئي آهي ۽ خاص طور لطيف شناسيءَ واري سندس ڪم کي، مٿانهون درجو ڏنو ويو آهي. مجموعي طرح سندس نثر جي اڪثر تعريف ٿي ٿي آهي.

تنوير عباسيءَ مختلف شخصيتن جا خاڪا بہ تحرير ڪيا آهن، جيڪي بہ سندس بيان لکڻين وانگر منفرد ۽ دلچسپ آهن. ڪنهن بہ شخصيت بابت لکيل خاڪو نہ صرف واسطيدار شخصيت جي مختلف پاسن کي اُجاگر ڪري ٿو پر هڪڙي دؤر جي نسبت سان، ماضيءَ جي يادگار واقعن، ميڙاڪن، سياسي ۽ سماجي حالتن کي محفوظ ڪرڻ جو بہ هڪ وسيلو بڻجي ٿو.

تنوير عباسيءَ جن بہ شخصيتن جا بيت پورٽريٽ يا خاڪا لکيا آهن، اُنهن سان سندس دوستي، وابستگي ۽ خُلوص نمايان نظر اچي ٿو. هُن خاڪي لکڻ لاءِ اهڙين شخصيتن جي چونڊ ڪئي آهي، جن جي سماجي ۽ نجي گهريلو زندگيءَ کان هو چڱيءَ ريت واقف هو ۽ هُن پنهنجي بي تڪلف ۽ پنهنجائپ واري اظهار وسيلي اِها ڪوشش ڪئي آهي تہ پڙهندڙن کي واسطيدار شخصيت جي خوبين توڙي خامين بابت ڄاڻ ڏئي.

تنوير عباسيءَ جن شخصيتن جا خاڪا لکيا آهن، اُنهن ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، پير حسام الدين راشدي، غلام محمد گرامي، مقبول ڇتي، رشيد ڀٽي، نسيم کرل، عابده پروين،

ڏاڏا شاهه، مائٽ لعل، ڊيٽزي، عمر بورچي ۽ ڪينٽين جو مئنيجر شامل آهن. اِهي خاڪا، مختلف رسالن ۾ ڇپيا ۽ ڪتابي صورت ۾ ”منهن تنين مشعل“ جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا. مخدوم طالب المولىٰ بابت به سندس هڪ نامڪمل خاڪو لکيل هو. علامه قاسميءَ واري خاڪي ۾ ڪجهه سِٽون اهڙيون آهن، جو شايد ئي ڪو ايڊيٽر ان کي جيئن جو تيئن شايع ڪري سگهي.

علامه آءِ آءِ قاضي هڪ بااُصول ۽ بيباڪ عالم هئڻ سان گڏ انتظامي معاملن ۾ مصلحتن کان ڏُور هڪ خوددار فرض شناس انسان هو. سندس حوالي سان، تنوير عباسي لکي ٿو:

”هڪ ڀيري، مشتاق احمد گُرماني، جو اُن وقت اولهه پاڪستان جو گورنر هو، يونيورسٽيءَ پئي آيو علامه صاحب کي چيو ويو ته گُرماني سخت مزاج جو ماڻهو آهي ۽ ڀيو ته اوهان وائيس چانسلر به آهيو. اوهان اسٽيشن تي هلي سندس استقبال ڪريو. ته علامه جن فرمايو ته بيشڪ مون کي نوڪريءَ مان ڪڍيو وڃي، ليڪن اِهو منهنجي مزاج جي خلاف آهي، ته مان گورنرن جا استقبال ڪندو وتان. بعد ۾ علامه، گورنر کي يونيورسٽيءَ جي دروازي تي رِسيو ڪيو.“

اهڙن خوددار انسانن جي ڪري اسان جي علمي ادارن جو تقدس ۽ وقار بلند هو. هنن پنهنجي مقصد کي هميشه اوليت ڏني ۽ ڪرسيءَ کي ڪڏهن به پنهنجي ڪمزوري نه بڻايو. موجوده سنڌ جي تعليمي ادارن جي سربراهن جو ڪردار به اوهان جي سامهون آهي. اهوئي سبب آهي، جو سنڌ ۾ تعليمي زوال بابت سيمينار ڪوٺائڻ جي ضرورت پيش اچي ٿي. اسان جي سامهون سنڌ جا اهڙا آئيڊيل ڪردار موجود آهن، پر اُنهن جي رستي تي هلڻ کان اسان لنوايون ٿا.

شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي حوالي سان تنوير عباسي لکي ٿو ته:

”ون يونٽ قائم ٿيو ته اسان نوجوان ڪجهه مايوس ٿي وياسين ته هاڻي ڇا ٿيندو؟ سنڌ جي صدين جي تهذيب، تمدنُ، زبان، سَڀُ ختم ٿي ويندو، پر جڏهن شيخ صاحب سان ملياسين ۽ هُن سان پنهنجن جذبن جو اظهار ڪيوسين ته هنن پنهنجي روايتي انداز ۾ کلندي چيو:

”هِي به هڪ دؤر آهي. سنڌ تي اهڙا ڪيئي دؤر آيا ۽ گُذري ويا. هي به گُذري ويندو.“

نوجوانن کي همت ۽ حوصلو ڏيندڙ اهڙن پراُميد اڳواڻن جي موجودگيءَ سبب ئي، سنڌُ، اُنهيءَ ڪاري دؤر مان پار پئجي وئي.

ڪامريڊ حيدربخش جتوئي، برطانوي دؤر ۾ مئجسٽريٽ جي نوڪري ٺُڪرائي، ڪل وقتي ڪارڪن بڻجي ويو هو. هُن پنهنجي سڄي حياتي، هارين لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. چين جو وزيراعظم چُو اين لائي، جڏهن حيدرآباد آيو هو ته ڪامريڊ کي خصوصي پيغام اُماڻي، هُن ساڻس نهايت پنهنجائپ واري ملاقات ڪئي هئي. ڪامريڊ تي لکيل خاڪي ۾، تنوير، ساڻس پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو ڀرپور اظهار ڪيو آهي.

ڪامريڊ کي جيل ۾ سدائين سِي ڪلاسَ ۾ رکندا هئا ۽ هُن ڪڏهن به اَي يا بَي ڪلاس لاءِ ڪوشش نه ڪئي. ايوب خان، ون يونٽ جي مخالفن جو دشمن هو. سندس دؤر ۾ ڪامريڊ کي سياري ۾ مڇ جيل ۾ رکيو ويو هو. جتي سياري ۾ سخت سيءُ هوندو آهي. ايوب خان جڏهن لاڙڪاڻي آيو هو ته ڪنهن هُن کي چيو هو ته ڪامريڊ کي ڪنهن به ڏوهه کان سواءِ جيلَ ۾ رکيو ويو آهي، ته ايوب خان وراڻيو هو ته:

”حيدربخش جتوئيءَ جو ون يونٽ جي مخالفت ۾ دماغ گرم ٿي ويو آهي، مون سندس دماغ کي ٿڌي ڪرڻ لاءِ هُن کي مَڇ جيل ۾ رکيو آهي. هُن کي به ڪمبل ڏين ٿا، پر هاڻي هُن کان هڪ ڪمبل واپس وٺنداسين ته جيئن سندس دماغ جلدي ٿڌو ٿئي.“

ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جي پنهنجي ديش سان سچائي ۽ پنهنجي مقصد ۽ نظريي سان سچي وابستگي، سنڌ جي سياسي تاريخ جو هڪ اعليٰ مثال آهي.

پير حسام الدين راشدي تاريخ ساز شخصيت هو. هُو روايتي سنڌي پيرُ نہ، پر هڪ روشن خيال ۽ وسيع القلب تاريخدان ۽ عظيم انسان هو. ڊاڪٽريٽ جي ڊگريءَ لاءِ ريسرچ ڪندڙ محققن جو رهنما هو ۽ پي. ايچ ڊيءَ جي اعزازي ڊگري بہ کيس ملي، پر ڪڏهن بہ اُن تي ڪو گهُمنڊ نہ ڪيائين.

تنوير عباسي لکي ٿو تہ: ”ممتاز حسن، ڊاڪٽر شوڪت سبزواري، جميل الدين عالي، رئيس امروهيءَ جهڙا مشهور عالم ۽ اديب سندس حلقي ۾ رهيا. ان کان سواءِ ڪيترائي شاگرد بہ وٽس ايندا رهندا هئا. ڪنهن کي ڪو حوالو گهُربل هوندو هو تہ ڪنهن کي وري ڪنهن قلمي نسخي جي ڳولا هوندي هئي ۽ پير صاحب مهمان نوازيءَ جا سيئي فرض سرانجام ڏيندو رهندو هو. پهرين ئي ملاقات ۾ هُو مون کي روشن خيال، بي تعصب ۽ وطن دوست محسوس ٿيو. هُو هر معاملي ۾ مهذب شخص هو. اُٿڻ ويهڻ کائڻ پيئڻ، لکڻ پڙهڻ، مطلب تہ هر معاملي ۾ هو. شائستگيءَ ۽ رک رکاءُ جو اهتمام ڪندو هو ۽ ٻين مان بہ مُهذب ٿيڻ جي اُميد رکندو هو.“

موجوده نئين ٽهيءَ جا دوست، جن فقط راشدي صاحب جي باري ۾ ٻُڌو آهي، تن کي تنوير عباسيءَ جو هي خاڪو ضرور متاثر ڪندو تہ اهڙا عظيم انسان بہ سنڌ ڌرتيءَ تي موجود هئا، جن پنهنجي سڄي زندگي علم ادب کي ارپي ڇڏي. تاريخ ۽ تحقيق جهڙي خُشڪ مضمونن سان لاڳاپيل هوندي بہ هُو پنهنجي رويي ۾ ڪيترا نہ ٻاجهارا هُئا. افسوس آهي تہ راشدي صاحب جي ڪيل تحقيق ۽ تاريخ واري ڪم سان ڪو سِلسلو جُڙي سگهيو.

ناميارِي عالم ۽ اديبَ مولانا غلام محمد گراميءَ جون سنڌي ادبي بورڊ لاءِ ڪيل خدمتون سدائين ياد رهنديون. ترقي پسند شاعريءَ جي حمايت ۾ سندس لکيل طويل مقالو ”مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات“ هڪ فڪر انگيز تحرير آهي. گرامي صاحب تي لکيل خاڪي ۾ تنوير عباسي لکي ٿو: ”1952ع جو زمانو هو. منهنجي عمر تقريباً 17 سال هئي. مرحوم شيخ عبدالله، منهنجن ڪجهہ شعرن جي اصطلاح ڪرڻ بعد، مون کي ڏيندي چيو تہ مان توکي اهڙي شخص سان ملايان ٿو، ڪاش مان بہ جيڪر هُن کان اصلاح وٺان ها. آئيندي تون پنهنجا شعر گرامي صاحب کي ڏيکاريندا ڪريو.“

گرامي صاحبُ هڪ بزرگ اديب هو پر بنا ڪنهن پيڙهي وڇوٽيءَ واري فرق جي، نوجوانن سان رِلي مِلي ويندو هو. انهن سان پوڳَ چرچا ڪندو هو ۽ ڪڏهن بہ اُنهن تي پنهنجي بُزرگيءَ ۽ برتريءَ جو رُعب نہ ويهاريندو هو. هُو تمام خوش مزاج انسان هو. هُن نهايت خاموشيءَ سان ادب جي خدمت ڪندي، نئين نسل کي صحيح واٽ ڏيکاري.

مقبول پٺيءَ تي لکيل، تنوير جو خاڪو بہ دلچسپ آهي، هُو شاعر موسيٰ ’رازَ‘ جو پٽُ هو. سنڌي ادبي سنگت جو اهمُ ۽ سرگرم ڪارڪن هو. شاعريءَ ۾ ’دانش‘ تخلص استعمال ڪندو هو. هن خاڪي ۾ مقبول پٺيءَ جي حوالي سان تنوير، ڪجهہ واقعا بہ بيان ڪيا آهن: هڪ ڀيري مقبول، تنوير عباسيءَ کي، بجليءَ جي ڪرنٽ لڳڻ کان بچايو هو. تنوير لکيو آهي تہ جيڪڏهن مقبول پٺي ڪوشش نہ ڪري ها تہ هُو شايد زنده نہ بچي ها. مقبول، سنڌي ڪتابن جي وڪري جي کوٽ کي محسوس ڪندي، هڪ بُوڪ اسٽال ’سنڌي ڪتاب گهر‘ جي نالي سان حيدرآباد ۾ قائم ڪيو هو. جيڪو فقط ڪتاب گهر نہ، پر اديبن ۽ شاعرن جي رابطي جو بہ مرڪز هو. ڊاڪٽر خليل، محمد عثمان ڏيپلائي، ظفر حسن، مظفر حسين جوش، منظور نقوي، سرور علي سرور، غلام محمد گرامي، عبدالله خواب، عبدالقيوم صائب، شمشيرالحيدري، نياز همايوني، مصطفيٰ قريشي، ۽ ڪيئي سُڄاڻ ماڻهو، اديب، شاعر ۽ وڪيل، انهيءَ ڪتاب گهر تي ايندا رهندا هئا. جتي ڪتاب بہ ملي ويندا هئا تہ اديبن ۽ شاعرن سان ملاقات بہ ٿي ويندي هئي.

مقبول پٺيءَ جي تحقيقي ڪم جي حوالي سان تنوير لکي ٿو تہ:

”مقبول پٺيءَ، ڪافيءَ جي بادشاهہ مصري شاهہ تي جيڪو ڪم ڪيو آهي، اُهو هڪ يادگار ڪم آهي ۽ اَڄُ تائين، مصري شاهہ تي ان کان

بهتر ڪم نہ ٿيو آهي. مقبول جنهن نموني، مصري شاهہ جي ڪلام ۽ سندس سوانح حيات حاصل ڪرڻ جون ڪاوشون ڪيون آهن، اُنهن کي ادبي تاريخ نويس ۽ نقاد ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندا.“

اسان جڏهن ٻين ڪيترن اديبن ۽ شاعرن وانگر مقبول پٺيءَ کي بہ وساري ويٺا آهيون تہ پوءِ ڪير مقبول پٺي تہ ڪهڙو مصري شاهہ تي ڪيل سندس ڪم؟!

رشيد ڀٽي، تنوير عباسيءَ جو تمام ويجهو ساٿي هو. 1955ع ۾ رباني، تنويرَ، حفيظ ۽ رشيد جي دوستي، ادبي دنيا جي هڪ مثالي دوستي هوندي هئي. حفيظ لاڏاڻو ڪري ويو، رباني اسلام آباد ۽ حيدرآباد ۾ رهيو، ليڪن تنوير ۽ رشيد جو تعلق، رشيد جي وفات (1988ع) تائين قائم رهيو. رشيد ڀٽي، هڪُ ڪميٽيڊ اديب هو. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ سان گڏ، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌ جي حقن خاطر هُن جيل جون سختيون برداشت ڪيون، پر ڪڏهن بہ مايوسيءَ يا نااُميديءَ جو شڪار نہ ٿيو.

وفات کان هڪ هفتو پهريان، جڏهن تنوير عباسي، امرجليلَ سان گڏجي. رشيد ڀٽيءَ جي عيادت لاءِ اسپتال ويو هو تہ هُو اسپتال ۾ بہ، ڪنهن ڪتاب جي ترجمي ڪرڻ ۾ مصروف هو. تنويرُ، اڪثر ڪري ساڻس سڪر ملڻ ويندو هو. سندس باري ۾ تنوير، لکي ٿو تہ:

”منهنجي خيالَ ۾ رشيدُ ڀٽي، سنڌي اديبَ لاءِ هڪ ماڊل هجڻ گهرجي، تہ ڪيئن هو پنهنجي ضمير کي قائم رکندي، مرڻ تائين، پنهنجي ٻوليءَ ۽ عوام لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪندو رهيو. سياسي ڪاڪنن جي حيثيت ۾ بہ هُو هڪ بهادر انسان هو.

رشيد ڀٽي هڪ اهڙو ارڏو انسان هو جنهن ڪڏهن بہ اصولن تي سوديبازي نہ ڪئي. پنهنجن لکڻين توڙي ڪردار ۾ هو هڪجهڙو هو. جڏهن تہ اسان اديبن ۽ شاعرن جي گهڻائي اهڙن تضادن جو شڪار آهي.

نسيم کرل ۽ تنوير عباسي پاڻَ ۾ ڀڳوتائي هُئا. تنوير چواڻي تہ شڪل صورت ۽ عادتن مان هُو وڏيرو لڳندو هو. ڪوئي ڪيس ڏسي تہ پڪَ ئي نہ ٿئيس تہ هي ڪو ڪهاڻيڪار بہ ٿي سگهي ٿو. نسيم کرل تي لکيل تنوير جو خاڪو مختصر، مگر پرپُور آهي ۽ تنويرَ هُن جو مڪمل پين اسڪيچ ٺاهيو آهي. نسيم کرل جا جڏهن افسانا شايع ٿيڻ لڳا تہ، ادبي حلقن ۾ نالي جي ڪري، هرڪو ڪيس خاتون سمجهندو هو. تنوير جي ذهن ۾ بہ، ملاقات کان پهريان نسيم بابت اِهوئي تصور هو.

هُو لکي ٿو تہ:

”ڪراچيءَ ۾ پير حسام الدين راشديءَ وٽ ويٺو هوس، تہ هنن نسيم کرل جي ڪنهن افساني جي تعريف ڪئي تہ مون سوچيو تہ پيرصاحب تہ تاريخ نويس آهن، انهن کي افساني جي ڪهڙي خبر؟ جڏهن سنڌي ادبي سنگت خيرپور جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾، نسيم کرل پنهنجو افسانو ’ڪافر‘ پڙهيو تہ حسام الدين راشديءَ جي افسانہ شناسي ۽ نسيم کرل جي افسانہ نگاري، ٻنهي جو قائل ٿي ويس“.

نامور فنڪاره عابده پروين سان، تنوير عباسيءَ جي گهڻي پنهنجائپ هئي. جڏهن هوَ فن جي دنيا ۾ نئين نئين آئي تہ تنوير عباسيءَ سندس ڪافي همت افزائي ڪئي هئي. 1983ع ۾ جڏهن سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن پاران ڪراچيءَ ۾ عابده پروين سان شام ملهائي وئي تہ ان موقعي تي تنوير عباسيءَ سندس فن ۽ شخصيت بابت انگريزيءَ ۾ مضمون پڙهي، ڪيس وڏي مڃتا ڏني هئي. انهيءَ شام ۾ فقط تنوير عباسيءَ جو ئي هڪڙو پيپر عابده بابت رکيل هو، جنهن ۾ سنڌي موسيقيءَ جي روايتن کان وٺي عابده جي فن ۽ آواز جي اؤسر تائين، جو ذڪر ٿيل هو تہ ڪيئن عابده پروين مختلف مرحلن مان گُذري، انهيءَ مقام تي پُهتي هئي.

عابده پروين جي باري ۾ تنويرُ هڪ هنڌ لکي ٿو:

”ڪلام جي چونڊ بہ بهتر ڪري ٿي، سندس خيالَ ۾ ڪلام معنيٰ خيز ۽ گهرو هئڻ گهرجي، هلڪو ۽ بازاري نہ هجي. ڳائڻ وقت هُوءَ لفظن ۾ جان پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، هُوءَ منفرد فنڪاره آهي، جنهن، شاهہ لطيف، سچل سرمست، بُلهي شاهہ، خواجہ فريد، نبي بخش قاسم، خيرمحمد

هيسباڻيءَ، شاهہ نصير، مير سانگي، ٻُڍل فقير ۽ ٻين ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام کي ڳايو آهي.“

ڏاڏا شاهہ خيرپور جي ڄاتل سُڃاتل ۽ هڪ انوکي شخصيت هئي. هُن جي باري ۾ تنويرَ نهايت محبت سان لکيو آهي ۽ سندس ڪردارنگاري ڪجهہ اهڙي ريت ڪئي اٿائين، جو خاڪو پڙهندي ايئن محسوس ٿئي ٿو ڄڻ ڏاڏا شاهہ رُوبرو ويٺو هُجي. ڏاڏا شاهہ کي خيرپور ۾ پنهنجي سئنيما هئي. هڪ دفعي هن کي تاريخي قصي مومل راڻي تي فلم ٺاهڻ جو شوق جاڳيو. ڏاڏا شاهہ جي فرمائش تي، تنوير عباسيءَ فلم جي ڪهاڻي ۽ گانا لکيا. فلم جا گانا ٻين فنڪارن کان سواءِ نُورجهان ۽ مهدي حسن جي آواز ۾ بہ رڪارڊ ٿيا، جيڪي گهڻو مقبول ٿيا ۽ اڃاتائين ريڊيو تان نشر ٿيندا رهن ٿا.

تنوير عباسي لکي ٿو تہ:

”ڏاڏا شاهہ کي، فلم جي ڪهاڻي، ڊائلاگ ۽ گيتَ زباني ياد ٿي ويا هئا. فلم جي لاءِ ڪيترائي ڊائريڪٽر آيا. فلم جي ڪهاڻي پڙهي، ڪجهہ هدايتون ڏئي، ايڊوانس وٺي غائب ٿي ويندا هئا، ۽ پوءِ ڏاڏا شاهہ وري ڪنهن ٻئي ڊائريڪٽر جي ڳولا ۾ رهندو هو. اهڙيءَ ريت ٽن فلمن جيترو خرچُ ٿي ويو، پر ’مُوملَ راڻو‘ فلم مڪمل نہ ٿي سگهي ۽ ڏاڏا شاهہ جي وفات کان پوءِ اِهو بابُ ئي بند ٿي ويو.“

لعلُ جوڻيجو، لياقت ميڊيڪل ڪاليج جي سانوري نرس ڊڏڙي، عمر بورچي، مست الڻ شاهہ، سج ورني ۽ ڪينٽين جو مئنيجر، اِهي سڀُ اهڙا ڪردار آهن، جن جي ڪجهہ خُوبين کان متاثر ٿي تنوير اُنهن جا خاڪا تحرير ڪيا. اُنهن خاڪن ۾ ميڊيڪل ڪاليج وارن ڏينهن جون يادون ۽ شرارتون بہ محفوظ آهن. ڪينٽين جي مئنيجر سان پوڳُ ڪندا تہ هُو سندس سالگره ملهائيندا ۽ پوءِ سالگره جي موقعي تي مئنيجر جو ئي چورايل ڪيڪ ڪاٽين ٿا. ڪينٽين تي اوڌر تي کاڌو کائڻ ۽ پوءِ مئنيجر کي ستائڻ، سورج ورنيءَ جي عشق ۾ شفيق کي مار کارائڻ، الڻ شاهہ مست سان پوڳ چرچا ڪرڻ ۽ کيس مدهوش ڪري، سندس پئسا چورائڻ. الڻ شاهہ مست واري خاڪي ۾ تنوير لکي ٿو:

”اسين سَڀُ پنهنجي سموري زندگي، الڻَ شاهہ جي فقط هڪ ڏينهن وانگرُ گذاريندا آهيون. خالي هٿين روئندا ايندا آهيون ۽ مرڻ تائين مالُ ميڙيندا آهيون ۽ جڏهن حياتيءَ جي شامَ ٿيندي آهي تہ سڀڪجهہ کسجي ويندو آهي. جڏهن زندگي اسان سان پوڳُ ڪندي آهي تہ اسان ۾ الڻ شاهہ جيترو بہ حوصلو ناهي هوندو، جو اسان زندگيءَ جي سِتم ظريفيءَ تي کلي سگهون.“

عمرُ بورچي هڪ معمولي ڪردار آهي، پر هُو ڪيترين ئي خوبين جو مالڪ آهي، سنگيت ۽ سُرتال جي باري ۾ ڄاڻي ٿو.

تنوير عباسي لکي ٿو تہ:

”مون کي سُرن سان واقفيت ميوزڪ ڊائريڪٽر غلام نبي ۽ عُمر بورچيءَ ڪرائي- عمَر ”راڻي“ ۽ ”سورٺ“ جا اهڙا آلاپَ ٻُڌايا، جو جڏهن مون اُهي آلاپَ عابده پروين کي 1979ع ۾ ٻُڌايا تہ هُن کي بہ پسند آيا ۽ اڄا تائين اُهيئي آلاپَ ڪندي پئي اچي.“

مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي شخصيت بابت لکيل پنهنجي اڻ ڇپيل خاڪي ۾ تنوير عباسيءَ عقيدت جو اظهار ڪندي، کيس تمام وڏو روشن خيال عالم ۽ مذهبي رهنما مڃيو آهي. قاسمي صاحب جي باري ۾ تنوير ڪيترين ئي ڳالهيون لکيون آهن ۽ ڪجهہ واقعا بہ بيان ڪيا آهن، جن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هو ڪيترو نہ وڏو انسان هو. هڪ واقعي جو ذڪر ڪندي، تنوير عباسي اِن خاڪي ۾ لکي ٿو تہ: ”هڪ ڀيري علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جن، الطاف عباسيءَ جي تعزيت لاءِ وٽ خيرپور آيا. چوڻ لڳا تہ سکر وڃي مولائي شيدائيءَ جي بہ تعزيت ڪرڻ کپي. مولائيءَ اُنهن ئي ڏينهن ۾ وفات ڪري ويو هو. اُتان ٿي، اسان رشيد

پٽيءَ وٽ وياسي، جنهن فتاح ملڪ کي فون ڪري سڏائي ورتو. فتاح ملڪ پاڻ سان گڏ بوتل به کنيو آيو ۽ ان کي کوليندي چوڻ لڳو:

”مولانا صاحب! معاف ڪجو اسان ڪجهه گستاخي ڪنداسي.“

ته مولانا قاسمي صاحب مُسڪرائيندي نهايت فراخدليءَ سان فرمايو ته:

”ادا معاف ته اوهان مون کي ڪريو. جو مان اوهان جو ساٿ نٿو ڏيان.“

انهيءَ جملي مان علامه صاحب جي زنده دلي ۽ روشن خيالي ظاهر ٿئي ٿي.

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ تي لکيل نامڪمل خاڪي جي شروعات، تنوير عباسي هنن لفظن سان ڪري ٿو:

”ماڪيءَ جو مٺاڻُ، مکڻ جي نرمي، ماڪ جي تازگي ۽ مکڙيءَ جي مُسڪراهٽ، انهن سڀني کي ملائبو ته مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جي شخصيت اُڀري سامهون ايندي.“

اِنهن لفظن مان ظاهر ٿئي ٿو ته تنوير عباسي خود ڪيترو نه فراخدل انسان هو. ان دؤر ۾ سنڌي غزل جي جيڪا صورتحال هئي، ان بابت هُو لکي ٿو ته:

”شاهه لطيف جي وائي ڪڏهن ڪڏهن ريڊيو تان ٻُڌڻ ۾ ايندي هئي، نه ته سنڌي غزل ئي نشر ٿيندا هئا. اُهي غزل، اڪثر قوالَ ڳائيندا هئا. هڪ ڀيري اناؤنسر چيو: مخدوم طالب المولیٰ جو غزل، صالح محمد قوالَ ۽ سندس ساٿين جي آواز ۾ ٻڌندا.“

اَڄُ دنيا ۾ ناول کان پوءِ آتم ڪهاڻين ۽ سوانح عمرين جا ڪتاب، گهڻي دلچسپي سان خريد ڪيا ۽ پڙهيا وڃن ٿا. خاڪو به سوانح عمري جو هڪ حصو آهي. تنوير عباسيءَ جا خاڪا نهايت دلچسپ ۽ جاڻ ڏيندڙ آهن. سندس ٻولي، سادي ۽ سُهڻي آهي. سندس تحريري انداز موهيندڙ آهي، ڪنهن به دؤر جو پاڙهو جڏهن به تنوير جي خاڪن جو مطالعو ڪندو ته ذڪر ڪيل شخصيتن کي پنهنجي سامهون ٿي ويٺل محسوس ڪندو.

—

اياز گُل

# تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ علامتون ۽ اهُڃاڻ

جوزف ٽي. شپلي لکيو آهي: ”علامت (Symbol) ڪنهن حقيقت جي هڪ سطح کان ٻيءَ سطح تي آيل حقيقت سان لاڳاپي کي چئجي ٿو.“[1]

’اُهڃاڻي يا علامتي شاعريءَ (Symbolic poetry) جي سموري ڳولا اها رهي آهي تہ اظهار جو اهڙو طريقو حاصل ڪيو وڃي، جنهن جي ذريعي بيان کان ٻاهر حقيقتن کي بيان ڪري سگهجي.‘[2]

ڏِنو وڃي تہ علامتون يا اُهڃاڻَ، شاعر جي علمَ، ڏاهپ، تجربن، مشاهدن ۽ تصورن جو ئي روپُ ٿين ٿا. شاعريءَ ۾ انهن جو استعمال، شعر کي وڌيڪ وسيع، گهرو، ڳُوڙهو ۽ سوچڻ لاءِ آماده ڪندڙ بڻائي ٿو. اهو ائين ئي آهي، جيئن راڳَ ۾ مُرڪن، مِينڊُن ۽ آلاپن جي جَڙت، راڳَ کي رَس- ڀريو، وزنائتو ۽ مَن- ڇُهندڙ بڻائي ٿي.

’لفظ اُهڃاڻ يا علامت جي وسيع معنيٰ ۾ سڄي شاعري اَچي وڃي ٿي، ڇو تہ هر ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ ڪنهن احساس، ڪنهن حقيقت، ڪنهن آئيڊيا جو اظهار هوندو آهي ۽ اهو اظهار اَڻ سِڌو هوندو آهي. اهو اَڻ سِڌو اظهار هوندو آهي، ڪن حقيقي شين جي ذريعي، جن کي ان احساسَ، حقيقت يا آئيڊيا سان مشابهت هوندي آهي.‘[3]

ائين اُهڃاڻن جي آڌارَ تي، شاعريءَ ۾ اَڻ سڌي اظهار جي شروعات ٿي، شروعاتي دؤر ۾، مغربي شاعريءَ ۾، سويڊن بورگ (1688ع_1772ع) ۽ سينٽ مارٽن (1743ع_ 1783ع) ۽ اڳتي هلي فرانسيسي شاعريءَ ۾ اسٽيفن مئلارمي ۽ پال ورلائين، 1885ع ۽ 1895ع واري زماني جي وچ ۾، ان سلسلي کي اڳتي وڌايو. جيتوڻيڪ کانئن ڪجهہ سال اڳ فرانس ۾ پاڻ کي پارناسي (Parnasse) سڏائيندڙ شاعرن جو هڪ ٽولو موجود هو، جيڪي پنهنجي ڳالهہ کي سڌوسنئون پيش ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏيندا رهيا هئا ۽ جن اَڻ سڌي علامتي اظهار کي درست نٿي سمجهيو. ’فرانس ۾ مئلارمي ۽ اُن کان پوءِ جي اُهڃاڻي شاعرن، شعوري طور اُهڃاڻي شاعريءَ جي تحريڪ شروع ڪئي ۽ پوءِ اڳتي هلي، ان جو پڌرنامو جاري ڪيو. اڻ شعوري طور مٿي ڏنل حوالي موجب، دنيا جي هر ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾، اُهڃاڻ ذريعي حقيقتن ۽ احساسن جو اَڻ سڌو اظهار موجود آهي. خود مغرب جي صوفي شاعرن توڙي رومانوي شاعرن وٽ اُهڃاڻ جي استعمال جو ڏَس پتو ملي ٿو.

سنڌي شاعري، خاص ڪري ڪلاسيڪي شاعري، اَڻ سڌي اظهار سان ڀري پئي آهي. سنڌيءَ ۾ اُهڃاڻي شاعري، تڏهن کان شروع ٿئي ٿي، جڏهن کان نيم تاريخي داستانن جو ذڪر ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ آيو. اهي ڪردارَ اڻ سڌي اظهار جو هڪ بهترين ۽ مرغوب ترين ذريعو بڻجي پيا.[4]

ائين سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن، قاضي قاضن، شاهہ ڪريم، شاهہ لطف الله قادري ۽ شاهہ عنايت رضويءَ کان اُهي ئي شاعريءَ جون روايتون، شاهہ لطيفَ کي ورثي ۾ مليون ۽ اها تخليقي وراثت کانئس پوءِ ايندڙ ڪيترن اَهم شاعرن کان ٿيندي، شيخ اياز، تنوير عباسي، نياز همايوني، شمشيرالحيدري، امداد حسينيءَ ۽ ٻين تائين پُهتي. انهن شاعرن نہ رڳو پنهنجن پيشروئن جي ورثي ۾ مليل روايتن کي چُمي چشمن چائيو. ڪين قائم رکيو پر اُنهن کي اَڃا بہ، سنواري سينگاري پيش ڪرڻ ۾ اهم ڪردار پڻ ادا ڪيو.

تنوير عباسي، پنهنجي ٽهيءَ جي سگهارن شاعرن واري سٽَ جو هڪ اهم نالو آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ کي، هڪ ئي وقت ڪلاسيڪيت ۽ جديديت سان ڳنڍيل رکيو. سندس شاعريءَ، جتي اساسي ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ جي پُختين پاڙُن سان، وسعت، گهرائيءَ ۽ سدا سائي رهڻ جو سنگ نہ ڇنو، اُتي هُن سڄي عالمي ادب جي، فڪري ۽ فني لاڙن،

روايتن ۾ تخليقي تبديلين سان بہ پنهنجي شاعريءَ جي آبياري پئي ڪئي آهي. پنهنجي شاعريءَ جي ابتدائي دؤر کان وٺي، سنڌي شاعريءَ جي ڪمال جو استعارو بڻجڻ تائين، هُو هڪ صحيح معنيٰ ۾ باشعور، گهڻ- پڙهيو ۽ ڀرپور تخليقي سگهہ رکندڙ شاعر رهيو آهي. وٽس فَن ۽ فڪر جا سڀ رنگ، عڪس ۽ احساسَ، نِت نَون گهاڙيٽن جي قالب ۾، پوپٽَ جي پَرَن جيان نازڪ، نفيس ۽ خوبصورت رُوپَ ۾ موجود رهيا آهن. نيڻن ۽ ذهن جي آڱرين سان ڇُهڻَ تي، جن جا رنگ جيئن جو تيئن اُتي ئي رهجي وڃن ٿا. تنوير جي شاعري سڌي سادي اظهار ۽ علامتي اَڻ سڌي اظهار جو وڻندڙ ۽ دل- ڇُهندڙ سنگم آهي. اُها رڳو چارلس بودليئر جي لفظن ۾، ڪائنات کي 'علامتن جو جهنگل'[5] ثابت نٿي ڪري، پر اُن کان بہ اڳتي، ڪيس پنهنجن لفظن جي جادوءَ سان هڪ خوش رنگ باغَ ۾ لهجي جي نرميءَ سان، چانڊوڪيءَ ۾ وَهندڙ درياهہ بڻائي ٿي ڇڏي.

تنوير عباسيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ علامتن جو غيرضروري استعمال نہ ڪيو آهي، پر سندس انداز ڏاهپ ڀريو مهلائتو ۽ سوچ سمجهہ سان ڀرپور رهيو آهي، هُن پڙهندڙ کي علامتن جي جهنگ ۾ ڀٽڪائڻ بدران، اِدراڪ ۽ فهم ذريعي، وَرن وڪڙن جي آگاهي ڏيندي، مونجهارن مان ٽپائي پار پُهچائڻ لاءِ رهبري ڪئي آهي. شاعريءَ ۾ علامتن جي استعمال جي سلسلي ۾ بہ، هُو هڪ خبردار، باصلاحيت ۽ ڪامياب شاعر رهيو آهي. 'علامت نگاري، شاعريءَ ۾ ڪا نئين شيءِ نہ آهي، بلڪ اظهار جو هڪ اسلوب ۽ جائز اسلوب آهي، پر ان جي ڪاميابيءَ جو انحصار، شاعر جي صلاحيت، موزون استعمال ۽ موقعي توڙي ماحول تي منحصر آهي.'[6] ڊاڪٽر سيد عبدالله جا هي لفظ جڻ تہ سندس ڪاميابيءَ ۽ صلاحيت جي تصديق ٿا ڪن، ڇاڪاڻ تہ تنوير وٽ اڪيچار اُهڃاڻ، پنهنجي مناسب ۽ وقتائتي استعمال سان موجود آهن:

تُنهنجي گيتن کي سڀ ڏيندا، پنهنجي جيءَ ۾ جاءِ،
سيڪو توسان گڏ ڳائيندو، هيڪل آن ڀَلَ لاءِ،
تون ئي اَڪيلو ڳاءِ چارڻَ،
تون ئي اَڪيلو ڳاءِ!
(شعر - صفحو: 68)

مٿين شعر ۾ 'چارڻ' لوڪ ادب ۽ شاعريءَ جي روايتي ڪردار 'چارڻ' کان سواءِ علامتي طور تي هڪ رهبر، اڳواڻ ۽ انقلابيءَ جي رُوپ ۾ موجود آهي، شعر جي ظاهري معنيٰ هڪ فنڪار/ ڳائڪ کي مايوسيءَ جي ڏُبڻ مان ڪڍڻ ۽ ايندڙ وقت ۾ سندس قدر ٿيڻ جي نشاندهي ڪري ٿي، پر علامت طور اها ايندڙ وقت ۾، ايندڙ تبديلين جو پتو ڏئي ٿي تہ 'چارڻ' جي پيغام کي، عوام هِنئين سان هنڊائيندو ۽ تبديلين جي راهہَ تي ساڻس پيرُ، پيرَ ۾ پائي هلندو.

اهو 100 سيڪڙو درست آهي تہ شاعر جيڪڏهن پنهنجي ماحول کي سامهون رکي، شعر ۾ علامتن جو استعمال ڪندو تہ پڙهندڙ سندس نِت نين علامتن کي، آسانيءَ سان پنهنجي ذهن ڪوڙڪيءَ ۾ قابو ڪري سگهندو ۽ گهڻي حدتائين، شاعر جي تصوراتي سطح کي ڇُهي سگهندو.

اُڻويهين صديءَ جي فرانس جي 'پارناسين' وانگر، نظر ايندڙ شين جي تصوير ڪشي ڪرڻ ئي ڪافي نہ آهي، پر نظر ايندڙ حقيقت سان گڏُ، شين جي تَهہَ ۾ لِڪل حقيقتن کي بہ کوٽي ڪڍي، ظاهر ڪرڻ ئي ڪمال آهي. ڏِٺو وڃي تہ علامت نگار شاعرئي، ڪُوزي ۾ سمنڊ کي بند ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا. سنڌي شاعريءَ ۾ ان جو سڀ کان وڏو مثال آهي لطيف سائين- جنهن سنڌ جي نئين کان نئين شاعر تائين، ڪين اهڙو بنياد فراهم ڪيو آهي. تنوير عباسي سندس هڪ سُنو پارکو بہ آهي، تہ پوئلڳ بہ!

مارئي! جنتَ مان اَڄُ، پنهنجي وطن ڏي ڪر نظرَ،
جنهن جي لئہ حيران رهين ٿي، ڪوٽَ ۾ شام و سحر.

هاءِ صد اَرمان سندءِ اَهلِ چمن کي ڇا ٿيو؟
سنڌيُن جي جذبءِ حُبِ وطن کي ڇا ٿيو؟

—

تُنهنجي آڏو خود حڪومتَ جو جُهڪي ويو گردن،
۽ هنن ڪُرسين جي لئہ ايمانُ پيو وڪڻي چڙيو!

—

قيدَ ۾ هوندي بہ توکي، يادِ هئي مارُن جي رِيت،
هي وطنَ ۾ هوندي پيو ڳائن پيا غيرن جا گيت.
(رڳون ٿيون رباب- صفحو: 39)

’مارئي‘ سنڌُ جي هڪ اهم نيم تاريخي قصي جو اٽلِ ڪردار آهي، جنهن وقت جي حاڪم جي، هر قسم جي لالچ ٺُڪرائي ۽ دڙڪي داٻ کي نظرانداز ڪري، پنهنجي مارُن جو مانُ مٿانهون ڪيو. شاهہ جي شاعريءَ ۾ اچي، اهو هڪ عام ٿَري نينگريءَ جو ڪردار، حُب الوطنيءَ جو هڪ لازوال اهڃاڻ بڻجي ويو. تنوير پنهنجي مٿين نظم ’مارئيءَ ڏانهن‘ ۾، علامتي طور تي ’مارئيءَ‘ سان مخاطب ٿيندي، پنهنجي دؤر جي حالتن، سماجي پيچ ڊاهہ، باحيثيت ماڻهن جي بي حسي، ڪردار جي پامالي ۽ وطن تي نانءَ ۽ ناڻي کي اوليت ڏيڻ واري عمل کي نِنديو آهي. سندس شعري مجموعي ’رڳون ٿيون رباب‘ ۾ اهڙن علامتي نظمن جي هڪ پُوري سيريز آهي، ’ٻيجل ڏانهن‘، ’سُهڻيءَ ڏانهن‘، ’سُسئي ڏانهن‘، ’نئين مارئي‘، ’ڀٽائيءَ ڏانهن‘ ۽ ’موهن جو دڙو‘. انهن سڀني نظمن ۾ تنويرَ، نهايت ئي فنائتي نموني، تاريخي ڪردارن ۽ ماڳن کي ٻيهر جيئاريو آهي ۽ اَڻ سڌي اظهار ذريعي، سڌِي ۽ سمجهہ ۾ ايندڙ ڳالهہ ڪئي آهي.

علامتي يا اُهڃاڻي شاعريءَ جو هڪ ڪمال اهو بہ آهي، تہ اُن ۾ پيش ٿيندڙ ڪردار، ماڳَ ۽ ناتا توڙي حدون، بظاهر ڪنهن بہ خاص علائقي، قوم يا ماڻهن سان واسطو رکندڙ هجن، پر شاعرَ ۽ سندن شعرَ پنهنجن حالتن ۽ ڪيفيتن سان ڳنڍيجي، هر علائقي، هر قوم ۽ سندس عوام جي نمائندگي ڪن. ڪين مونجهارن مان نڪرڻ جو ڳَسُ ڏسين ۽ زخمن تي پيار جا ڦها رکن.

’ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي، جو ادب، خاص ڪري شاعريءَ ۾ ڪو لفظ، ڪنهن معنيٰ ۾ ايڏو تہ استعمال ٿيندو آهي، جو اُن لفظ جي معنيٰ ئي اُها ٿي ويندي آهي، جنهن معنيٰ ۾ هڪ شاعر يا ڪن شاعرن بار بار استعمال ڪيو هوندو آهي. ڪو لفظ، ڪنهن معنيٰ ۾ مستعمل ٿي، ڄمي، مروج ٿي، جاري ٿي وڃي تہ، اُهو ٿي پوي ٿو اُهڃاڻ- جيئن چنڊُ ۽ گُلَ، سونهن جو اُهڃاڻ آهن، تيئن چڪور ۽ بلبل عشق جا اُهڃاڻَ آهن، بهار خوشيءَ جو اُهڃاڻ آهي، تہ سرءُ ڏُکَ جو اُهڃاڻ آهي، صبح اُميد جو اُهڃاڻ آهي، تہ شامَ نااُميديءَ جو.‘[7]

پنهنجي راڳن سان رڳَ رڳَ ۾، ڪو ميٺاج ملائين ٿو
ڏکَ ۽ درد جا نانگَ هزارين، پيارَ منجهان پرچائين ٿو
جن کي پنهنجي تَن جي تارُن تي هي ناچُ نچائين ٿو
مُرليءَ جي ميٺاجَ سان تنهن جي، زَهرَ جو زور وڃائين ٿو
اهڙن زهريلن جي دل ۾، جادُو ڪيئن نہ لڳائين ٿو
پنهنجي دشمن تي پي، حاڪم بنجي حُڪم هلائين ٿو.

—

هِن دنيا جي رِڻ ۾ تُنهنجي مُرلي ڄڻ مينهوڳي،
او مُرليءَ وارا جوڳي!
(رڳون ٿيون رباب- صفحو: 58)

هن شعر ۾ ’جوڳي‘ ۽ ’ڏُکَ ۽ درد جا نانگَ‘ علامتون آهن. جوڳيءَ جو ڪردار، نانگن کي پڪڙي، پالي، نپائي، ڪيس پنهنجي مُرليءَ جي ڌُن تي مست ڪري پنهنجي مرضيءَ مطابق لهرا ڏيارڻ ۽ سندس زَهر جو ترياق ڳوليندڙ ماڻهوءَ جو آهي، پر تنوير جي نظم ’جوڳي‘ ۾ اهو هڪ خيالن جو جادو پکيڙيندڙ ۽ مُئل لفظن کي جيئرو ڪندڙ ’شاعر‘ ۽ ’فنڪار‘ جو ڪردار آهي، جيڪو ڏُکين حالتن ۾ بہ، مايوسيءَ ۽ فراريت جو شڪار نٿو ٿئي ۽

روشن آئيندي لاءِ ڏِٺل پنهنجي اکين جا خوابَ. جڳ جي اکين جا خواب ٻڌائي ڇڏي ٿو. سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ قاضي قاضن ۽ شاهه لطف الله قادريءَ وٽ ’جوڳيءَ‘ جي تمثيلَ، روحاني رهبر ۽ راهه ڏسيندڙ جي هئي، اهوئي ’جوڳي‘، تنوير وٽ هڪ نئين رُوپ ۾ ’شاعر‘ ۽ ’فنڪار‘ جي علامت آهي.

هرڪو مَنُ مکڻَ جو چاٽو،
هر چهرو آهي چانڊاڻ،
هرڪو ماڻهو موتيءَ ڏاٽو،
هرڪا دِل هِيرن جي کاڻِ.
(شعر_ صفحو: 11)

هِن شعر ۾ انسان جي عظمتَ کي چٽيو ويو آهي، هر خرابيءَ جو خول لاهي، انسان جي چهري جي خوبصورتيءَ کي پڌرو ڪيو ويو آهي. ’چانڊاڻ‘ علامت آهي، اکين کي وڻندڙ عڪس، سڪون ڏيندڙ احساسَ جي ۽ ’مَنُ_ مکڻَ جو چاٽو‘ انسان جي اندر جي اَڇاڻ، نرم ۽ نازڪ سڀاءَ ۽ نزاڪت کي ظاهر ڪري ٿو. اکين تان بغض ۽ حسد جا ڪوپا لاهي، صاف دِليءَ سان ڏسبو ۽ پرکبو تہ هر ماڻهوءَ جي اهميت ۽ قدر، قيمتي هيرن ۽ موتين جي برابري ڪندو. انسان کي انسان ٿي ڏسبو تہ هُو صحيح معنيٰ ۾ ’اشرف المخلوقات‘ ئي نظر ايندو. تنوير پنهنجن شعرن ۾ نہ رڳو استعمال ٿيندڙ يا مروج علامتن جو استعمال ڪيو آهي، پر مٿين شعر وانگي نين علامتن کي بہ جنم ڏنو آهي، اُهي علامتون، ايتريون عام، ساديون ۽ سمجهہ ۾ ايندڙ آهن، جو اُهي ڪنهن بہ قسم جو ابهام يا مونجهارو پيدا نٿيون ڪن، پر علامت نگاريءَ جي درست وصف مطابق، ڪيل ڳالهہ کي وڌيڪ واضح، سهڻو ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ ڪري پيش ڪن ٿيون. هونئن بہ سچو ۽ ڪامياب شاعر اُهو آهي، جيڪو پنهنجا رستا پاڻ ٺاهي ۽ پراين پيچرن تي هلي، ورجاءَ جي ڏُڌَڙ ۾ لَٿجڻ کان پاڻ کي بچائي وٺي.

ڪن ماڻهن جي سانتِ ستارن وانگي هوندي آهي،

ٻَهڪي ٻهڪي، چمڪي چمڪي، چُپ چُپ ۾ ڳالهائِنِ،
سانتِ سانت ۾، پانتِ پانتِ جا سوين سنيها آڻِنِ،
اهڙن ماڻهن ڏي ڏسندي ئي دِل خوش ٿيندي آهي،
ڪن ماڻهن جي سانت ستارن وانگي هوندي آهي.
(شعر_ صفحو: 19)

هي شعر پڙهبو تہ ’خاموشي‘ هڪ وڏي واڪي جي علامت بڻجي سامهون اچي ويندي، هتي ظاهر ۾ ڏينهن رات ٻَڙ ٻَڙ ۾ گُذاريندڙ بي عمل ماڻهن کي، چُپ چاپ ۾ تاريخن کي بدلائيندڙ عملي انسانن آڏو ننهه ننڍڙو ڪري پيش ڪيو ويو آهي. هي سِٽون چڻ تہ شاهه سائينءَ جي بيتَ، ’سي سُتائي سونهن، ننڊَ عبادت جن جي‘، جو سنواريل ۽ وڏايل رُوپ آهي. ڪنهن بہ عمل کي، منزل تائين رسائڻ لاءِ، پڙهو ڏئي ’ڍم ڍم‘ ڪرڻ غيرضروري آهي، حاصلات ڏيان ڏري، مَنَ ۾ محبت پائي، وهم گُمان وساري، هڪ الله ڪري، ڪم ڪرڻ سان ئي ملي ٿي. پنهنجي ذات ۽ ڪارڪردگيءَ جي اجائي تشهير ۽ ’واهه واهه!‘ کان سواءِ ئي ڪيل ڪم بہ، هزارين ”هوءِ هوءِ“ ڪندڙن جي ڪم تي پاري ٿي سگهي ٿو. اهوئي تاريخي سچُ آهي ۽ نظرانداز نہ ڪري سگهجندڙ حقيقت آهي:

اوهان بہ پارس ناهيو سپرين!، اسين بہ پارس ناهيون،
پيارُ ڇُهي ويو پاڻَ ٻنهي کي، سونا ٿي پيا آهيون.
(شعر_ صفحو: 33)

’پارس‘ لوڪ قصن جو اُهو ڏند_ ڪٿائي پٿر آهي، جنهن سان گسجڻ سان لوهہُ، سونُ ٿي وڃي ٿو. مٿئين شعر ۾ ’پيار‘ کي علامت طور ’پارس‘ ڪري آندو ويو آهي، جنهن جي ڇُهڻ سان، بہ نينهن جي ناتي ۾ ڳنڍيل جيوَ سونا ٿي ويا آهن. عام حالت ۾ پٿر هڪ بي وقعت ۽ بيڪار شيءِ آهي، پر جڏهن ڪيس ’پارس‘ جي حيثيت ملي ٿي، تہ نہ رڳو سندس اهميت ۽ قدر و منزلت ۾ واڌارو ٿي وڃي ٿو، پر اُن سان نسبت رکندڙ شيون بہ قيمتي ٿي وڃن ٿيون. هتي پيار کي اهڙي ئي انمول شيءِ ڪري پيش ڪيو ويو آهي.

ڪنهن لفظ کي علامتي معنيٰ ۾ رائج ڪرڻ، ڏُکيو ڪم آهي، پر هتي تنوير اهو ڪمال آسانيءَ سان ڪري ڏيکاريو آهي.

هَٿن پيرن ۾ ڪَڙيون، روشن آهي ضمير،
فڪر نہ ڄاڻي قيدَ ڪي، عشق نہ ٿئي اَسير،
ذهن جا زنجير، ڪنهن نہ گهڙيا آهن اَڃا.

(شعر- صفحو: 116)

تنويرَ جو چوٿين مارچ جي تاريخي ڏهاڙي واري پَس- منظر ۾ لکيل هي بيت، هڪ پُوري دؤر جي علامت آهي، ون يونٽ واري ڦهري دؤر ۾، سنڌ جيڪي ڪجهہ سَٺو اُهو دنيا جي ڏاڍ جي تاريخ جو حصو آهي، تنوير ان تحريڪ جو نہ رڳو اکين ڏٺو شاهد هو، پر سنڌي ادبي سنگت سان وابستگيءَ ۽ هڪ باضمير ۽ وطن دوست شاعر جي حيثيت ۾ سڌيءَ طرح ان جو حصو بہ رهيو ۽ اُهو ڪجهہ ڀوڳيو، جيڪو سڄي سنڌ اِن دؤر ۾ ڀوڳيندي رهي، بظاهر هي بيتُ هڪ واقعي کان متاثر ٿي لکيو ويو آهي، پر پنهنجي وسيع معنيٰ ۾، هي بيت آفاقي، لازوال ۽ فيلسوفيانہ خيال جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ ڏاهپ کي زنجيرن ۾ جڪڙڻ واري هر دؤر ۽ هر سرڪار جي رستي- روڪ ڪري ٿو. قيد ۽ بند ۾ هجڻ جي باوجود، ڏاڍ سان مُهاڏو اٽڪائڻ واري حوصلي جي بلندي، پنهنجي قومي ذميدارين جو احساس، ۽ ڏاڍ ڪندڙن جي، فڪر کي قيد ڪرڻ ۽ ذهنن تي زنجير وجهڻ واري بيوقوفيءَ تي، شاعراڻي چٽر، هِن بيت ۾ ماهراڻي نموني پيش ڪئي وئي آهي. هي بيتُ ڪن بہ ڏُکين سياسي حالتن ۽ عشق جي راهہَ ۾ ايندڙ نازڪ مرحلن تي ٿهڪائي سگهجي ٿو.

باهہِ نہ ساڙِ علمَ کي، علمُ تہ خودئي آڳِ،
وڏندي رهندي سنڌڙي، هر پل پنهنجي ماڳ،
تن لئہ آهي نياڳ، جيڪي روڙا راهہَ جا.

(سڄُ ٽِريءَ هيٺان- صفحو: 31)

هي بيتُ بہ، هڪ مخصوص واقعي جي عڪاسي ڪري ٿو، جڏهن سنڌ جي علمي مرڪز، سنڌالاجيءَ کي ڪن مُنهن ۾ ڌوڙ پاتل ڪَرَن، باهہ ڏني هئي ۽ ان ۾ موجود سڄو علمي ۽ ادبي ذخيرو سڙي رَکَ ٿي ويو هو. ڪنهن خاص وقت تي ٿيل، ان المناڪ واقعي جي حدَ رڳو ايستائين ناهي، پر هي بيت صديون اڳ ارغونن ۾ پناڻن هٿان ٿيل اهڙي ئي سخت لفظن ۾ ننڌڻ جوڳي عمل جي يادِ پڻ تازي ڪري ٿو. مٿين بيت ۾ علم کي ’نہ ختم ٿيندڙ روشنيءَ‘ سان ڀيٽيندي، ويرين جي وارَ کي ورائي سندن مُنهن ۾ هنيو ويو آهي، ان صورتحال ايندڙ وقت لاءِ خبردار ٿيڻ جي پيغام کي بہ پاڻ ۾ سموهي رکيو آهي.

مان تنوير بہ آهيان، سائين! مان تنوير بہ ناهيان،
پنهنجي پياري کي پُهچڻ لئہ، ڇا ڇا ٿيندو آهيان.

(سڄُ ٽِريءَ هيٺان- صفحو: 39)

’آهيان‘ ۽ ’ناهيان‘ جو هي تڪرار، سنڌُ ۾ صدين کان موجود صوفيت جي علامت آهي، جنهن مطابق پنهنجي وجود جو انڪار ٿي ئي، پرينءَ کي پَسڻ ۽ پائڻ کي ممڪن بڻائي سگهجي ٿو. هونئن تہ رُوپ مٽائڻ ساراهہ جوڳو عمل نہ آهي، پر پرينءَ لاءِ اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ تعريف لائق عمل بڻجي وڃي ٿو. اهو عمل، عارضي حيثيت وڃائي، دائمي حيثيت ماڻڻ جي علامت آهي. ائين ئي سندس هيٺ ڏنل مختصر نظم ۾، ”انسان جي پاڻ سُڃاڻڻ واري عظمت‘ جو پرچار ڪيل آهي، جنهن ۾ پڻ انسان جي ’سڀ ڪجهہ هئڻ‘ واري صوفياڻي خيال کي هٿي ملي ٿي، هي نظم دَردن ۾ دٻيل، هيٺن، بي حوصلي، لاچار ۽ بي حيثيت انسانن لاءِ، بي اَنت حوصلي ۽ حيثيت جو اُهڃاڻ آهي:

نہ ڏِسُ آسمان ڏي،
نہ ڏِسُ آسمان ڏي،
ملائڪَ نہ لهندا،
نبي ڪونہ ايندو،

هي ڏکَ جو اسان تي،
آ نازل ٿيو اُن جو،
ڪو عيسيٰ اچي ۽ مسيحا نہ ٿيندو،
اسان پاڻَ پنهنجا مسيحا،
اسان پاڻ پنهنجا پيغمبر،
اسان پاڻ ئي قافلو پاڻ سرواڻَ آهيون،
اسان پاڻَ ئي پنهنجا نرواڻَ آهيون،
اسان پاڻَ آهيون، پِرهہَ جا پيغمبر،
اسان پاڻَ رهبرَ
اسان پاڻَ رهبرَ.

(سجُ تِريءَ هيٺان_ صفحو: 44)

دردُ ئي آهي مسيحا،
’قُم باذني‘ چئي اُٿاري،
ٿو ڪيئي مُردا جيئاري،
دردُ پيغمبر_ اُنهيءَ جو معجزو آهي سُجاڳي!

(هيءَ ڌرتي_ صحو: 30)

مٿيون نظم مڪمل طور تي علامتي نظم آهي، جنهن ۾ ’درد‘ کي تڪليف، پِيڙا، ۽ سُورَ واري ڪيفيت ۽ احساس واري معنيٰ کان هٽي، سجاڳي آڻيندڙ عمل جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. جنهن جي پسمنظر ۾ ’ڏُک سُکن جي سونهن‘ وارو شاهہ سائينءَ جو لافاني خيال موجود آهي. اهو درد ئي آهي، جنهن جي شدت، غفلت، ڪاهلي ۽ غيرذميدارين جي احساسَ مان ڇڪي ٻاهر ڪڍي اچي ٿي ۽ ماڻهو بهتريءَ جي تبديليءَ لاءِ، سوچي، سمجهي پاڻ پتوڙي ٿو. اهو ائين آهي، جيئن چيو ويندو آهي تہ ماڻهو ايستائين ماٺِ هوندو آهي، جيستائين ٻُڇيءَ ۾ هٿ نہ پوندا اٿس. دردُ ئي آهي، جيڪو پنهنجي شدت جي مرڪزيت تي آڻي، ماڻهوءَ ۾ خالي هٿين وڙهڻ جو حوصلو پيدا ڪندو آهي. جڏهن تہ آرام ۽ سُڪون بخشيندڙ ننڊَ کي، علامتي طرح هتي ’موت‘ سان ڀيٽيو ويو آهي، جنهن سان ناتو ڳنڍي، ماڻهو (خاص طور تي اُسرندڙ ملڪن جا ماڻهو) غفلت، ڪاهليءَ، نشي ۽ هڏ حراميءَ جو شڪار ٿي وڃن ٿا ۽ ”سلطاني_ سهاڳ“ ماڻڻ جي سگهہ وڃائي ويهن ٿا. هن نظم ۾ سڀ تصورَ (concepts) علامتي هوندي بہ، سوچڻ تي مجبور ڪندڙ ۽ ڪاميابيءَ جي ماڳَ ڏي وٺي ويندڙ آهن.

ائين ڪيترائي نظم، جهڙوڪ: ’هوا‘، ’هي لنوائيندڙ گهڙيون‘، ’سينواريل تلاءُ‘، ’اناالحق‘، ’هيءَ ڌرتي‘ ۽ تنوير غزل توڙي گيت، سندس شعري مجموعي ’هيءَ ڌرتيءَ‘ ۾ اُهڃاڻن ۽ علامتن جي تِڪن سان جڙيل موجود آهن. اهڙائي ڪيترا علامتي نظم، غزل ۽ هائيڪا، تنوير جي آخري شعري مجموعي ’ساجن سونهن سُرت‘ ۾ پريا پيا آهن. صحيح معنيٰ ۾ هي ڪتاب، سندس علامتي (sambolic) شاعريءَ جو پڙڏار آهي:

سِجُ اڪيلو هوندو آهي،
سِجُ اڪيلو ٿيندو آهي،
چندُ اڪيلو هوندو آهي،
چندُ اڪيلو ٿيندو آهي.

(ساجن سونهن سُرت_ صفحو: 79)

وڏو ٿيڻ سان رُڳو اهميت پلئہ نٿي پوي، پر وڏو ٿي، معزز ۽ معتبر ٿي، منفرد ٿي، ماڻهو، پنهنجي سڄي ماحول کان ڪٽجي وڃي ٿو ۽ اَڪيلو ٿي وڃي ٿو. هِن علامتي نظم ۾، اهڙي وڏائپ کان ڪٽجي، عام سان عام ٿي، پنهنجي وجود کي قائم رکڻ جي ڳالهہ کي بيان ڪيو ويو آهي:

مان بہ اوهان جيان آهيان نماڻو، مان تہ اوهان جو ساٿي پُراڻو،
مان تہ اوهان جو آهيان يارو!، اوهان جيان ئي هڪڙو تارو،
تاري لاءِ ڪروڙين اَربين ساٿي، سِجَ جي لاءِ نہ ڪوئي ساٿي.

هتي انفراديت ۽ اجتماعت جي سوچ، عمل ۽ نتيجن کي پڻ علامتي انداز ۾ واضح ڪيو ويو آهي. نظم ’حضرت عيسيٰ‘ ۾، ساڳئي انداز ۾، موتمار هٿيارن خلاف نفرت جو اظهار ڪندي، انسان جو آئيندو، پُرامن،

سُکيو ستابو ۽ جنگين کان آجو هئڻ جي تمنا ڪئي وئي آهي، هن نظم ۾ شاعر جو شاعراڻو تخيل اُتم موجود آهي. نظم ’آڏرياءَ‘ ۾ ٻالپڻ، جوانيءَ ۽ ٻُڍاپي جي ازلي سچَ کي چِٽيو ويو آهي:

پوئين پهرَ جو ڏيئو آهان،
آءُ وِهائو تاري جو،
آڏرياءُ ڪريان ٿوا!

پوياڙيءَ جو پاڇو آهيان،
اِن لئہ پِرهہَ ڦُٽيءَ جو،
آڏرياءُ ڪريان ٿوا!

مان آهيان ڪو چِٽندڙ پَنُ،
چيٽَ جي ڦوٽهڙي جو،
آڏرياءُ ڪريان ٿوا!

(ساجن سونهن سُرت_ صفحو: 99)

هن نظم ۾ شاعر جي داخلي ڪيفيت، ايندڙ وقت ۽ نين جنم وٺندر شين جي آڏار تي، علامتي نموني بيانُ ڪيل آهي. ’پوئين پهر جو ڏِيئو‘، ’پوياڙيءَ جو پاڇو‘ ۽ ’چِٽندڙ پَنَ‘ ويندڙ وقت ۽ ’وهائو تارو‘، ’پرههَ ڦُٽي‘ ۽ ’چيٽ جو ڦوٽهڙو‘ ايندڙ وقت جا اُهڃاڻ آهن. پُراڻين شين کي، نين شين لاءِ جاءِ خالي ڪرڻي آهي، پراڻي وقت کي، پنهنجي مٿي جو تاجُ لاهي، نئين وقت جي سِرَ تي رکڻو آهي، اهوئي ارتقا جو اصول ۽ زندگيءَ جو فلسفو آهي. اها ڳالهہ سياويڪ آهي تہ، اها تبديلي، پِيريءَ جي ذهني دٻاءَ ۾ رهندي، مجبور ٿي قبول ڪرڻ بدران کُليل دل سان، ان تبديليءَ جي آجيان ڪرڻ جو ساهس تنوير جهڙو باشعور، باهمت ۽ سچَ کي سمجهندڙ شاعر ئي ڪري سگهيو آهي. سندس حوصلي منديءَ، انسان دوستيءَ ۽ سڄي عالمَ جي آباديءَ جو پيغام پاڻ ۾ سمائيندڙ هڪ ٻيو نظم آهي: ”نئين ٿهيءَ ڏانهن“ جيڪو هُن پنهنجي پُٽ سرمد کي آڏو رکي، پنهنجي سڄي نئين نسل لاءِ لکيو آهي، اهو نظم قومي هوندي بہ، بين الاقوامي آهي ۽ علامتي هوندي بہ، حقيقت جو سڌو اظهار آهي:

شل جيئين شل جيئين،
گُلَ گُلابيءَ جيان،
تون سدائين ٽِڙين.

آءُ آهيان جَڏو،
تون آن مون کان وڏو،
بارُ ڏرتيءَ جي گولي،
جو ٿُنهنجي مٿان،
۽ تون ان کي کڻي اڳِيَرو،
اڄ کان
شالَ روشن سُياڻي،
تي پُهچي سگهين،
شل جيئين شل جيئين.

ائٽمي دؤر آ،
نفرتن زور آ،
جنگِ جهيڙو گهڻو،
سپ ڪَٽو ۽ ڪٽو،
شل ڪَٽن کي گڏي،
ڪيچَ تن مان ڪرين،
شلَ جيئين، شل جيئين.

بُکَ، بيماري آ،
هِن صديءَ جي سُڃاڻَ،
تون سياڻو مِٺا!
تون تہ آهين سُڃاڻ،

شال چيٽُن کي
ٺهڪِن ۾ بدلي سگهين،
شل جيئين، شل جيئين.
تون جئين جي تہ،
هيءَ سنڌُ توسان جِيئي،
تون مَرين شلَ!
انهيءَ کان اڳي مان مَران،
سنڌُ جي نئين ٿهيءَ لاءِ،
قُربان ٿيان،
تون وڏين مان نَران،
تون وڏين مان نَران.

(ساجن سُونهن سُرت_ صفحو: 103)

اَرسطو، پنهنجي جڳَ مشهور تصنيف 'بُوطيقا' ۾، شاعرن بابت بحث ۾ لکي ٿو:

"شاعر کي پنهنجي ورتاءَ ۾، چئن شين جو خاص خيال رکڻ گهرجي، سڀ کان پهرين ۽ ضروري ڳالهہ آهي تہ، هُو پنهنجي روين ۽ سيرت ۾ سُٺو هئڻ گهرجي."(8)

تنوير، سنڌُ جو انتهائي نفيس، نَرم سياءَ وارو منڙو ۽ محبتي ماڻهو هو سنڌي ادب، ٻوليءَ، ثقافت ۽ فَن ۽ نئين ٿهيءَ جي شاعرن، اديبن لاءِ ڇَپر ڇانوَ ٻڌيل هي آدرشي انسانُ، پنهنجي وجود ۾ سچُ تہ، سنڌُ جي علامت هو.

**حوالاٖ مددي ڪتاب:**


1_ شپلي، جوزف ٽي: "دي ڊڪشنري آف ورلڊ لِٽريري ٽَرمس"، جارج ايلن اينڊ انون لميٽيڊ، لنڊن، 1970ع، صفحو: 322.
2_ اسٽيفن اسپنڊرڊ ۽ ڊونالڊ هال: "دي ڪنسائيز اينسائيڪلوپيڊيا آف انگلش ائنڊ امريڪن پوئٽري"، نيويارڪ، 1963ع، صفحو: 323.
3_ اينسائيڪلوپيڊيا برطانيڪا، 1973ع.
4_ عباسي، تنوير: "شاھ لطيف جي شاعري"، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، آگسٽ 1989ع، صفحو: 141.
5_ چارلس بودليئر: "فلاورس آف ايول"، لنڊن، 1922ع، صفحو: 25.
6_ جالب، افتخار: "نئين شاعري"، نئي مطبوعات، لاهور، 1966ع، صفحو: 307.
7_ عباسي، تنوير: "شاھ لطيف جي شاعري"، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، آگسٽ، 1989ع، صفحو: 65.
8_ ارسطو: "بُطيقا" (فنِ شاعري)، ترجمو: عزيز احمد، انجمن ترقي اردو (هند)، نئي دهلي، 1989ع، صفحو: 65.

- سڏايو، غلام نبي ڊاڪٽر: "شاھ جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري"، شاھ عبداللطيف ڀٽائي ثقافتي مرڪز ڀٽ شاھ، آگسٽ، 1992ع.
- عباسي، تنوير: 'رڳون ٿيون رباب'، سنڌي ڪتاب گهر، حيدرآباد، سنڌ، مارچ 1958ع.
- عباسي، تنوير: 'شعر'، سنڌو ڪتاب گهر، سکر، سنڌ، اپريل، 1970ع.
- عباسي، تنوير: 'سِجُ ترِيءَ هيٺان'، نذر نسز (لميٽيڊ) حيدرآباد، سنڌ، 1977ع.
- عباسي، تنوير: 'هيءَ ڌرتي'، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، مارچ، 1985ع.

- عباسي، تنوير: ’تنوير چئي‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو ڊسمبر، 1989ع.
- عباسي، تنوير: ’ساجن سونهن سُرت‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ، 1996ع.


—

امداد حسيني

# شمشير: هڪ دور جو نالو آهي

اڄ جڏهن، هن وقت، اسين شمشيرالحيدريءَ سان، کيس خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هال، سنڌي ٻولي اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ ۾ ڪٺا آهيون، تڏهن مون کي شمشيرالحيدريءَ جي غزل جو هيءُ شعر هانءَ تي هُري آيو آهي:

ارادن کي ملندو عمل جو سهارو،
چڱيون ٿينديون گڏجي گذارڻ جون ڳالهيون!

اِنهن ٻن سٽن ۾ ٻارهن لفظن ۾ شمشيرَ هڪ اهڙي سچائي بيان ڪري ڇڏي آهي، جيڪا اڄ بہ اسان جو ڌيان لهڻي. انهن ۾ ٽي مکيہ لفظ آهن، جيڪي استعارا بڻجي ويا آهن: ’ارادو_ عمل_ ۽ گڏجڻ‘. ۽ اها سچائي تغزل جي رڱ ۾ رڱيل پڻ آهي. هو ”گڏجي گذارڻ“ جي ڳالهين کي ”چڱيون“ ٿو چئي؛ ڇاڪاڻ تہ ”اُو ڪو ٻيو فهم“ آهي، جنهن سان پسجي پرينءَ ڪي. ۽ اُهو ’پرينءَ جو پسڻ‘ _ مقصد جو ماڻڻ_ ان لاءِ ضروري آهي، ڪنهن پرينءَ جو هجڻ_ ڪنهن مقصد_ جو هئڻ! ۽ اهڙو اظهار شمشير نہ رڳو سندس، پر سنڌي شاعريءَ جي هڪ اهم نظم ”ڪاڪ محل“ جي پهرين ٻن سٽن ۾ هيئن ڪيو آهي:

زندگي ڪاڪ محل آهہ ڪو رنگارنگي،
جنهن ۾ مقصد ٿو سدا ناز ڪري مومل جان.

هتي ’مقصد‘ مان منهنجي مراد ترقي پسند نظريي واري ”مقصديت“ ۽ ”افاديت“ نہ آهي؛ ڇاڪاڻ تہ مقصديت ۽ افاديت تہ هر دور جي شاعريءَ ۾ رهي آهي. شمشير واري دور جو اديبن، شاعرن ۽ ڪهاڻيڪارن ۽ عالمن آڏو سڀ کان وڏو مقصد ”سنڌي ٻوليءَ جي حقن جي

بحالي“ هو. ان ڏس ۾ پهريون قدم ’سنڌي ادبي سنگت‘ کنيو. ان تحريڪ ۾ شمشير هڪ مُک ڪردار ادا ڪيو. اهو هن جو مزاحمتي ڪردار هو- شاعريءَ ۾ بہ، تہ عملي طور بہ.

شمشير بنيادي طور هڪ شاعر آهي. هڪ اهم شاعر. هو منفرد لهجي جي ڪري پنهنجي ساٿارين ۾ هڪ نمايان حيثيت رکي ٿو. هن جي نظم جو ڪئنواس وسيع آهي. ان ڏس ۾ ”ڪاڪ محل“، ”مشورا“، ”اي همسفرو“، ”پراڻا حربا“، ”ملحد“، ”انقلاب جي سرحد“ جا نالا ڳڻائي سگهجن ٿا. شمشير جي غزل ۾ تغزل بہ آهي ۽ گهرائي بہ. شمشير ڪي ڪي دوست غزل جو شاعر نہ ٿا مڃين. جنهن جو آڌار ذاتي پسند ناپسند آهي. جڏهن تہ شمشير جي غزل جي حوالي کان سواءِ غزل جو ڪو حوالو معتبر بہ نہ آهي. غزل ۾ هيئتي لحاظ کان تجربي جي گنجائش يا تہ آهي ڪانہ، يا تہ گهٽ آهي، پر سڀ کان پهرين شمشير ئي اهڙو تجربو ڪيو:

اسين حال هيڻا، اوهان جي خدائي، وڏي ڳالهہ آهي،
هلي پئي اجا زندگيءَ جي لڙائي، وڏي ڳالهہ آهي،
نگاهون ڪٺي داد جي لاءِ مرڪي نهارڻ جي ڪهڙي ضرورت،
اوهين آهيو سهڻا، اوهان جي اهائي، وڏي ڳالهہ آهي.

ان ريت مقدار کي معيار تي ترجيح ڏئي، اسين اهو چئون تہ شمشير وائيءَ جو شاعر نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ هن ”وائي“ گهٽ لکي آهي تہ پوءِ جديد وائيءَ جي ڪابہ مڪمل صورت اسان جي آڏو نہ اچي سگهندي، جيڪڏهن اُن ۾ شمشير جي هيءَ وائي نہ هوندي:

مستن تي نہ ميار سائين، مستن تي نہ ميار!
ڪڏهين ايڪو ايڪ اڪيلا، ڪڏهين بہ ڏون چار.
مستن تي نہ ميار!

شمشير اجتماعي شعور جو شاعر آهي ۽ هو سڀ کان پهرين ذهن کي متاثر ڪري ٿو. هو geniune ۽ genius شاعر آهي. هو گهُٽ نہ ٿو هٽي. گوهي نہ ٿو ڏئي. گوٺ ناٿ نہ ٿو ڪري. لفاظيءَ ۾ نہ پاڻ ڦاسي ٿو، نہ اسان کي ٿو ڦاسائي. قطعو هجي يا غزل، نظم هجي يا آزاد نظم، هن جي سٽن ۾ اَجهل رواني آهي:

چوي ڪير ٿو
تہ تون ڪجهہ نہ ڪر!
ڀلا ڪير ٿو توکي روڪي
تہ تون پنهنجي جوڀن جياريل، بهارن جي بخشيل سُريلي
۽ شفاف نرمل ۽ نازڪ گلابي بدن تي سدا صاف ريشم
۽ مخمل جي زرتار پوشاڪ پهرڻ ڇڏي ڏي!
نہ ڪر سينڌ سرمو،
۽ پنهنجي خيالن کي دل جي ئي ويران خانن ۾ جڪڙي،
تبسم جي چپڙن تي سرخي لڳائڻ ڇڏي ڏي!
زماني کي قائل بنائڻ ڇڏي ڏي!
چوي ڪير ٿو،
تہ تون ڪجهہ نہ ڪر!

هن قطعا گهٽ لکيا آهن، پر اُهي اسان کي برزبان ياد آهن:

دل جي پرشوق دلاسن تي هليا آياسين،
سونهن وارن جي سلامن تي هليا آياسين،
ڪنهن شهنشاهہ جو فرمان اسان تي نہ هليو،
نينهن وارن جي نياپن تي هليا آياسين.

نظم جي ڳالهہ زبان سان ڪجي تہ ڪيئن ڪجي،
اهائي ڳالهہ جهان سان ڪجي تہ ڪيئن ڪجي!
هي ظلم آهہ اسان سان اوهان جي محفل ۾،
اوهان جي ڳالهہ اوهان سان ڪجي تہ ڪيئن ڪجي!

سدا ظلم جي مات چوندا رهياسين،

سر عام هر بات چوندا رهياسين،
اوهان ڪيترو ئي دٻايو ڏِتاريو
اسين رات کي رات چوندا رهياسين.

شمشير گهٽ لکيو آهي. شمشير تي به گهٽ لکيو ويو آهي. منهنجي لاءِ اُن جو ڪارڻ اهو آهي ته شمشير تي لکڻ ايڏو سولو به نه آهي. آءٌ هن جي غزل تي لکڻ لڳان ٿو ته هن جا نظم ڌيان ۾ اچيو وڃن. نظمن تي لکڻ لڳان ٿو ته آزاد نظم منهنجي آڏو اچيو وڃن. سڀ ڪان وڌيڪ اُهي يادگار پل، جيڪي شمشير سان گذريا. انهن يادن جا ريشمي تاڪيا ڪلندا ويندا آهن، کُلندا ويندا آهن...! ۽ مون کي شمشير جو هي شعر ياد اچي ويندو آهي:

متان ياد ۾ ئي نه گم ٿي وڃين تون،
اُهي ئي ته آهن وسارڻ جون ڳالهيون.

انهيءَ غزل جي مقطع ڏئي، ڳالهه کي اڳتي وڌائيندايس:

ڪٿي آهه شمشير، جو چنگ چوري،
زمانو ته پلجي ويو چارڻ جون ڳالهيون.

اصل ۾ مون شمشير جي غزل تي لکڻ پئي گهريو. ان ڪري نه ته ڪو هن کي غزل جو شاعر نه ٿو مڃيو وڃي، جنهن جو هن جي يا هن جي غزل جي صحت کي ڪوبه اثر نه ٿو پئي، البت هڪ سطح ضرور واڪئي ٿئي ٿي.

شمشير جي غزل جي شروعات به روايتي رنگ سان ٿي ۽ اُن روايتي غزل کي سندس مختصر شعر جي مجموعي "لاٽ" ۾ الڳ سان ڏنو ويو آهي، ۽ اُن غزل ۾ دستِ حنائي، اثرِ دردِ جدائي، شرابِ زيست، خرم و شادان، يادِ عشرتِ ماضي، شريڪِ فتنهائي آسمان- جهڙيون ترڪيبون موجود آهن:

هم نشين پڇ نه حديثِ غمِ دوران مون کان،
زندگي آهه بهرحال گريزان مون کان.

اسان جي شاعرن- اياز، تنوير، شمشير- روايتي غزل کي ڦاڙي ڦِٽو نه ڪيو پر قائم رکيو. ائين انهن جي غزل جي ارتقائي مرحلن سمجهڻ بابت سَهنجائي ٿئي ٿي. شمشير کان زندگي گريزان رهي، پر هُو زندگيءَ کان بهرحال ڪڏهن به گريزان نه رهيو. پاڻ اُن کي وڌيڪ ويجهو ٿيو. وقت ۽ حالتن، سنڌ جي منظرنامي ۾، جيڪي تبديليون آنديون، انهن کي شمشير وارن پرينديءَ ئي پروڙيو. ساڳئي وقت دنيا ۾ جيڪي ڪجهه وهي واپري ٿو اُن کان به اسين اڪيون نه ٽا ٻُوتي سگهون. جڏهن يُوري گاگرين چنڊ ڏانهن اڏاڻو تڏهن هن ان يادگار واقعي کي منظوم ڪيو ۽ اُهو به هڪ غزل جي مطلع ۾. ۽ اها مطلع اڄ به انساني عظمتن جي حوالي سان هڪ دائمي دليل طور موجود آهي:

لٽا عرش تي زندگيءَ جا سفينا،
بدلجي ويا بندگيءَ جا قرينا.

شمشير انساني عظمتن جو شاعر آهي. هو انسان جي جسماني، ذهني ۽ روحاني آزاديءَ جو زبردست حامي آهي:

اسان عشق وارن جا ارواح آزاد آهن ازل کان،
ابد تائين آهي اسان جي رسائي، وڏي ڳالهه آهي.

شمشير ٽيڪنڪ کي مڃي ٿو پر پاڻ کي شاعر نه ٿو مڃي. شمشير شايد دنيا جو واحد شاعر آهي، جيڪو پاڻ کي شاعر نه ٿو مڃي. جڏهن ته ڪي نقاد ٽيڪنڪ کي ئي شاعري مڃين ٿا. ٽيڪنڪ جي، فن جي شاعريءَ ۾ ثانوي نه، پر اُهائي بنيادي حيثيت آهي، جيڪا خيال (thought) جي آهي. ۽ شمشير جي شاعريءَ ۾ بيئي ٽيڪنڪ ۽ خيال- هڪ- ڪري ماترا ۾ هڪيا آهن:

خالي به ڪريو جلدي انصاف جي مَسندَ کي،
مظلوم اچي پهتا، حَقدار هجن شايد!

هر ساهي اَساهي وجود ۽ وَٿ کي هڪ هيئت آهي. صرف "خيال" ئي آهي، جنهن کي هيئت نه آهي. پر جڏهن خيال "شاعريءَ" ۾ لفظن جي روپ ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو ته اُهو ڪنهن نه ڪنهن هيئت ۾ ئي پنڌي تي پلٽجي ٿو ۽ شمشير جا هيئتي تجربا غزل توڙي نظم ۾ هڪ الڳ موضوع آهن:

تنهنجي نيڻن ۾ جو نهاري ويو،
جڻ ته سنڌو جي ڀئي ڪناري ويو!
تنهنجي وارن جو واس جنهن ورتو،
وقت جي سينڌ کي سنواري ويو!

شمشير هڪ گُني، گهرو ۽ ڳنڀير اعليٰ پائي جو شاعر آهي. شمشير هڪ پوري دور جو نالو آهي. هو پاڪستان کان 15 سال وڏو آهي ۽ اڌ صديءَ کان مٿي سنڌي ادب ۾ ٿيندڙ تبديلين، تحريڪن جو اکين ڏٺو شاهد آهي. انهن شاهدين کي لکت ۾ آڻڻ انتهائي ضروري آهي. اَڄُ ان ڏس ۾ ڪانئس سدائين پڇندو رهندو آهيان ۽ هُو سدائين "مولا تي ننگ آهي" چئي ڳالهه ٽاري ڇڏيندو آهي. اَڄُ ڄاڻان ٿو ته اهو هڪ وڏو ڪم آهي، جنهن لاءِ ٻيا سمورا ڏنڌا ڏاڙي ڇڏڻا پوندا، جيڪو ممڪن نه آهي. نه ئي ڪنهن اداري پاران هن وٽ اهڙي ڪا Assignment آهي! ويجهڙائيءَ ۾ هن ٻڌايو ته هو ان بابت 200 صفحا لکي چڪو آهي. هاڻي ته هو نيڻن جو نُور به نچوئي چڪو آهي:

اِيئن ڪوتا ته جُڙندي ڪانه پيارا،
اسان اُن تي نچوبو نُور آهي!

پر هن جي مختصر شعري مجموعي "لاٽ"، جيڪو اڻلڀ آهي، جو ٻيو ڇاپو به نه اچي سگهيو آهي! نه ئي "لاٽ" کان پوءِ جو ڪلام ڪتابي صورت ۾ ڇپيو آهي! مون کي ته اها به سُڌ نه آهي ته ڪو هن پنهنجو ڪلام سهيڙيو به آهي يا نه! هُن ڪڏهن به پذيرائي نه چاهي آهي. نه ئي ڪڏهن هو جذبات سان کيڏي ٿو ان ڪري هُو اسان کي روهه ۾ رولي پويان پيير نه ٿو ڪري. اهو اسان جي اتهاس جو الميو آهي ته ظالم جي خلاف، مظلوم جي حق ۾ وڙهندڙ شاعر پاڻ مظلوم بڻجي وڃي:

هي ظلم آهه اسان سان اوهان جي محفل ۾،
اوهان جي ڳالهه اوهان سان ڪجي ته ڪيئن ڪجي!

شمشير وارن جو دور هڪ انتهائي اهم دور آهي، جنهن ۾ اعليٰ پائي جو- نثر توڙي نظم ۾- ادب وجود ۾ آيو. پر اُن کان پوءِ ڇا ٿيو؟ ان سوال جي جواب لهڻ لاءِ اسان کي سنجيدو ٿيڻو پوندو. عقل ۽ عزم کان ڪم وٺڻو پوندو:

ها مگر مينڌرا منزل کي رَسي ئي رهندا،
جادونگريءَ جا طلسمات ٽُٽي ئي رهندا،
عقل ۽ عزم جا راڻا ويا اڳتي ڏوڪي،
پنهنجي حالات جي مومل کي پَسي ئي رهندا.

شمشير جهڙا شاعر ڪنهن به پذيرائيءَ، اوارڊ، ريوارڊ ۽ مڃتا کان مٿاهان هوندا آهن، ائين ڪري دراصل اسين پنهنجو پاڻ کي مڃتا ڏيندا آهيون.

هر شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ خواب اُڻندو آهي، اُنهن خوابن جو تعبير اُن کي ڪرڻو پوندو آهي. شمشير به اهڙي خواب لاءِ سوال ڪيو آهي، پر هُن "انقلاب جي سرحد" نظم جي آخري بند جي پهرين ٽن سِٽن ۾ "آفتاب جسم، خواب ۽ ڪتاب" جي سرحد بابت سوال ڪيا آهن:

ڏسي ٿو ڪير ڀلا آفتاب جي سرحد،
ٻڌائي ڪير سگهيو آهه خواب جي سرحد،
ڪروڙين ذهن فقط هڪ ڪتاب جي سرحد،
وسيع آهه اجا انقلاب جي سرحد!

اُهو ڪتاب ڪهڙو هوندو، جيڪو ڪروڙن ذهنن جي سرحد هوندو؟ اُهو ڪتاب پڪ سان شاعريءَ جو ئي ڪتاب هوندو!

# شمشيرالحيدريءَ بابت ٻہ لفظ

شمشير تي ڪجھ ڳالهائڻ لاءِ دوستن جو حڪم ٿيو آهي. پر دوستو! ان مهمير بابت ڇا ڳالهائجي، جيڪو ڳالهائڻ ۾ سيني کان اڳرو ۽ اڳيرو هوندو آهي. چڱا ڀلا معتبر مقرر ۽ فصاحت بلاغت جا ماهر بہ شمشير اڳيان خاموش رهڻ ۾ پنهنجي عافيت سمجهندا آهن. سو منهنجي عافيت بہ ان ۾ آهي تہ جيڪر ڪجھ بہ نہ ڳالهايان. پر جن دوستن ڳالهائڻ جو فرمان جاري ڪيو آهي، جي نہ ڳالهائيندس تہ اُهي شايد ناراض ٿي ويندا. تنهنڪري عافيت جوڳا ٻہ چار لفظ ڳالهائي پنهنجي جڳھ تي ويهندس.

شمشير سان منهنجي ڄاڻ سڃاڻ 68_1969ع ۾ ٿي، جڏهن هو ’نئين زندگيءَ‘ جو ايڊيٽر هوندو هو. ڄاڻ سڃاڻ پوءِ جلدي ئي دوستيءَ ۾ بدلجي وئي. توڙي جو منهنجو رستو پنهنجو ۽ شمشير جا پنڌ ۽ پيچرا الڳ هوندا هئا، پر تڏهن بہ دوستيءَ جا رشتا ۽ لڳ لاڳاپا گهٽجڻ بجاءِ وڌيڪ وڌندا ۽ وڌيڪ پختا ٿيندا رهيا. هيءَ اُنهن ڏينهن جي ڳالھ آهي، جڏهن منهنجي ڀاءُ هدايت، جيڪو پوءِ ۽ اڄ تائين شمشير جو مون کان بہ وڌيڪ گهاٽو دوست ٿي ويو آهي، ان تڏهن ڪراچي ڏٺي بہ ڪانہ هئي ۽ خيرپور ۾ رهندو هو. ڇا تہ ’نئين زندگيءَ‘ جو معيار هوندو هو جنهن جو اندازو هن ڳالھ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ نئين زندگيءَ جو ڪو بہ صفحو پڙهڻ کان رهجي نہ سگهندو هو. سائين عبدالواحد سنڌي هجي يا شمشير، ٻئي مانائتا ۽ معياري ماڻهو. تنهنڪري هنن نئين زندگيءَ کي سچ پچ تہ هڪ نئين زندگي بخشي ڇڏي هئي.

البت شمشير ريڊيو پاڪستان وارن سان نہ رهايو. هو مون سميت سيني کي حيران پريشان ڪري ڇڏيندو هو. ٻارهن لڳي پندرهن منٽن تي پروگرام سڏو سنئون آن ايئر وڃڻو آهي يا لائيو براڊڪاسٽ ٿيڻو آهي، پر شمشير پوڻين ٻارهين ۽ حد اها جو ٻارهين وڳي تائين بہ ظاهر نہ ٿيو آهي. اسان جو ائڊوانس ۾ ڪم ڪندڙ پروڊيوسر ممتاز اعوان، شمشير جي اچڻ ۽ ڪنهن ڪُنڊ مان ظاهر ٿيڻ جون واٽون ائين واجهائي رهيو آهي، جيئن روزيدار عيد جي چنڊ کي تِڪ ٻڌي پيا نهاريندا آهن. ٺيڪ ٻارهين لڳي ڏهن منٽن تي شمشير سَهڪندو سهڪندو اسٽوڊيو ۾ داخل ٿيو آهي ۽ ٻارهن لڳي پندرهن منٽن تي اسڪرپٽ پڙهڻ شروع ڪيو اٿائين. پر بنا ريهرسل جي بہ مجال آهي، جو هو ڪٿي اٽڪيو. هٻڪيو يا گهٻرايو هجي. اسڪرپٽ کي پڙهندي دستوري پازز ۽ اسٽريسس (Pauses & stresses) ڏيڻ کان بہ هرگز غافل نہ رهيو آهي ۽ هڪ ڪامياب براڊ ڪاسٽر جيان پروگرام ختم ڪري منهنجي ڪمري ۾ چانهن پيئڻ آيو آهي. چوانس ٿو ’چانهن ڪونہ پياريندس توکي، جو اسان سيني جو ٻنھ ساھُ سُڪائي ۽ پگهر ڪيڍي ڇڏيا اٿئي.‘

’ڀلا پروگرام ڪيئن ٿيو. عنايت صاحب جو پروگرام جي ڪوالٽي جي باري ۾ ڇا ارشاد آهي؟‘ ڪجھ نٽائڻ، ڪجھ حجت واري انداز ۽ رازداريءَ جي لهجي ۾ شمشير مون کان پڇي ٿو.

مرڪندي ڪيس وراڻيان ٿو: ”پروگرام تمام بهتر ٿيو پر...“، ”پر..... پر، ڪجھ بہ نہ. بس هاڻي گرما گرم چاءِ پيار!“

هي قصو چاليهن سالن کان بہ ڪجھ اڳ جو آهي، پر سچ پچ تہ براڊڪاسٽنگ جي مشاعرن جي محفلن جو ۽ ڪچهرين جو اُهو رَس ڀريو دَور ياد ٿو اچي تہ ٿڌو ساھ ڀريندي هڪ اجائي آسَ ڪر موڙي ٿي جاڳي تہ ڇا اُهو سهڻو سمو وري موٽي ايندو؟

لطيف ياد ٿو اچي:

نہ سي ووَنڻ وڻن ۾، نہ سي ڪاتاريون،

پسي بازاريون، هينئرڙو مون لوڻ ٽئي.

انسان چنڊ تي وڃي پهتو ماڻهن سخت اچرج ۽ حيرت جو اظهار ڪيو پر حقيقتن ۾ ارد گرد جو عڪاس شاعر شمشير، چنڊ طرفان انساني قدمن چُمڻ جي حقيقت کي هن طرح بيان ٿو ڪري:

لٽا عرش تي زندگي جا سفينا،
بدلجي ويا بندگي جا قرينا.
نہ ڇيڙيو اسان عاشقن کي نہ ڇيڙيو
لٽاڙي ڇڏياسين، ستارن جا سينا.

ڏاڍيون خوبصورت سِٽون ۽ سهڻا شعر آهن، جن کي تخليق ڪرڻ شايد فقط شمشير جوئي ڪم آهي.

شمشير کي سڏ ڪريو شمشير ڪٿي آهي
محفل کي مچائيندو ان جو ئي سخن شايد

ٿورڙي ئي دير ۾ شمشير کي سڏ ٿيڻ وارو آهي. يقين اٿم تہ شمشير جو سخن، دستور موجب، اڄ بہ محفل کي مچائيندو.

―

هدايت بلوچ

# مولا تي ننگ

طبعي طور تي نبل، معاشي طور تي مفلس، دماغ ڌُهرو، آواز ڪڙڪيدار، خاموش طبيعت، پر ڳالهائي تہ وٺ ڪونہ ڏئي- جر ٿر تک تنوار، وانگر، سندس قلم، تخليقي نثر ۽ شاعريءَ سان گڏ ٽيليويزن جي ڊرامن لکڻ لاءِ، سندس گذر سفر جو ذريعو بہ رهيو.

شاعر، ڪالم نويس، نقاد، سندس شاعري توڙي نثر جو انوکو رنگ، ڪنهن جي گلا غيبت ۾ نہ. ڪنهن کي گارگند ڪرڻ وارو نہ!

هلال پاڪستان کان مهراڻ تائين- سندس لکڻيون، اداريا بي ڊپا- ڪامريڊ آهي، پر ڪامريڊ هئڻ جي لاڦ نہ هڻندو آهي. خاموشيءَ سان ڪم ڪندو آهي. ويچاري غيرمعياري 'مهراڻ' اخبار جو ايڊيٽر ٿيڻ کان اڳ، ان اخبار جي مالڪ حضرت پيرسائين پاڳاري سان سندس تفصيلي ملاقات ٿي هئي. پيرسائين سگار پي رهيو هو. شمشير کي بہ سگار آفر ڪيو هئائين، پر شمشير ڪيس چيو هو- 'نہ سائين، منهنجو پنهنجو برانڊ آهي.' پوءِ شمشير وِلس سگريٽ جو پاڪيٽ ڪڍيو ۽ پنهنجا سگريٽ پيئندو رهيو. پير سائين جو آڇيل سگار نہ پيئڻ بہ تہ هڪ مزاحمت جو نمونو ئي آهي. بريڪنگ نيوز، شمشير سگريٽ پيئڻ ڇڏي ڏنو آهي. ڳالهہ ٻولهہ شروع ٿي. شمشير پيرسائينءَ کي چيو 'سائين! توهان جي اخبار ۾ مان توهان جي ذات يا حُرن جون خبرون نہ هلائيندس. اهو ڪونہ لکندس تہ حضرت پيرسائين هيڏي آيو، هوڏي ويو يا حُرن ڪهڙا ڪمال ڪيا.' پنهنجي منطق کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پيرسائينءَ کي چيائين: 'سائين! انگريزي اخبار ڊان، هارون فيمليءَ جي اخبار آهي، انگريزيءَ جي سڀ کان وڏي اخبار آهي، ان ۾ توهان ڪڏهن هارون فيمليءَ جي اٿ ويهہ، اچڻ وڃڻ ۽ سندن سرگرمين جي

ڪا خبر نہ پڙهي هوندي. جنگ اخبار مير خليل الرحمان جي آهي. اردوءَ جي سڀ کان وڏي اخبار آهي، پر ان ۾ ڪڏهن مير خليل الرحمان يا سندس ڪٽنب جي سرگرمين جا ڪا خبر نہ ملندي. اهڙيءَ ئي طرح مان توهان جي اخبار کي هڪ معياري اخبار بنائڻ چاهيان ٿو جيڪا مريدن کان سواءِ عالم، دانشور ۽ ٻيا ماڻهو بہ پڙهي سگهن.' سندس منطقي ڳالهيون پير سائينءَ کي پسند آيون. ۽ کيس اخبار هلائڻ جا ڪُل اختيار ملي ويا. پوءِ توهان ڏٺو تہ جيڪا اخبار پيرسائين جي مريدن لاءِ ڇپبي هُئي، ان کي شمشير جي قلم ڪٽان جو ڪٽي پهچائي ڇڏيو. اتفاق سان اُهو ايم. آر. ڊيءَ جو دور هو. شمشير جي موجودگي ۾ سندس اداريا اهڙا پرپور ايندا رهيا، جو جڻ انهن ۾ بجليءَ وارو ڪو ڪرنٽ هجي. اخبار ڪيئي هزارن تي وڃي پهتي. اخبار ڪپي ويندي هُئي تہ ڏهوڻي قيمت تي وري پئي وڪرو ٿيندي هئي. يا چئجي تہ بليڪ تي وڪڻبي هئي. پيرسائينءَ جي مُريدن ۾ حُرن جي ميڄالي ۾ اخبار جون نئون انداز نہ وڻيو. پيرسائينءَ جي گادي مُريد ۽ حُر ئي سنڀاليندا آهن. هُنن پيرسائينءَ کي منٿون ڪري شمشير کي فارغ ڪرائي ڇڏيو.

منهنجو يار آهي، دوست آهي، چاليهن سالن جو ياراڻو آهي. يار بہ آهيون، پاڙيسري بہ آهيون. ادبي دنيا ۾ اسان جو ٽياڪڙ مشهور هو. شمشيرالحيدري، تاجل بيوس ۽ مان. تاجل بيوس جي شڪل بہ شمشير سان گهڻي ملندڙ هُئي. شمشير نظر جو چشمو پائيندو هو ان جهڙو ڏسڻ ۾ اچڻ لاءِ تاجل زيرو جو اڇو چشمو پائيندو هو. اسان ٽئي پاڪستان ڪواٽرن ۾ رهندا هئاسون. مان ۽ شمشير تہ اڃا بہ اتي ٽڪيل آهيون، پر پوءِ تاجل، پاڪستان ڪواٽرس ڇڏي ويجهوئي گارڊن ۾ آفيسرس ڪالونيءَ ۾ هليو ويو ۽ بعد ۾ اتان بہ هليو ويو، ڪنهن پري واري علائقي ۾. پر پوءِ بہ اڪثر اسان جون شامون گڏ گذرنديون هيون. ماڻهو سَحر جا سِڪائتا ۽ سوالي هوندا آهن. اسان ٽئي شامُن جا شيدائي رهياسون.

توڙي جو جوش مليح آبادي ۽ ساحر لڌيانوي بہ اسان جي ڪيمپ جا ماڻهو هئا، پر الائي ڇو جوش لکيو هو:

هم ایسے بادہ کشوں کو قبول حق کے لئے
اگر رسول نہ آتے تو صبح کافی تھی!

يعني جوش کي صبح جو سمو ايڏو پسند هو. ساحر لکيو:

نئی صبح پہ نظر ہے، مگر آہ یہ بھی ڈر ہے
یہ سحر بھی رفتہ رفتہ کہیں شام تک نہ پہنچے۔

مگر اسان ٽئي سحر کي شام تائين پهچائڻ لاءِ وڏا وس ڪندا هئاسون، ڇوتہ:

”مڌ پيئندي مون ساجن صحيح سڃاتو“ واري ڳالهہ کي اسان سچو ثابت ڪرڻ لاءِ وڏا وس ڪندا رهيا آهيون.

ڳالهہ شايد اها پئي هلي تہ. پوءِ تاجل اسان کان ڏور وڃي گهر ورتو پر دل کان ڪڏهن بہ ڏُور نہ ٿيو. بقول ڀٽائي:

’ڪي اوڏا بہ ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين.‘

اوڏا بہ ڏور جو مثال تہ منهنجي گهر جي سامهون رهندڙ ملان بہ آهي، جيڪو پنج وقت نماز پڙهندو آهي ۽ مسيت ۾ آذان بہ ڏيندو آهي. ڏور بہ اوڏا سپرين جو مثال تاجل سائين هو جيڪو اسان کان طبعي طور پري رهندي بہ دل کان دور نہ ٿيو. بس عزرائيل هُن کي اسان کان ڏور ڪري ڇڏيو آهي، پر هو اسان جي دل جي ڌڙڪنن ۾ سمايل آهي.

شمشير الله کي مڃيندو آهي، ۽ پڪو اثنا عشري آهي. محرم جي مهيني ۾ سندس گهر وارا ڪارا ڪپڙا اوڍي مجلسون ٻڌڻ ويندا آهن. هي شام جو مون وٽ مجلس ٻُڌڻ ايندو آهي. ڪارا ڪپڙا تہ ڪونہ پائيندو آهي، پر سندس قميص جو آڳو جڳهہ جڳهہ تان سگريٽن جي ڦلن سان سڙيل هوندو آهي. ڪڏهن منهنجي وِيني ئي سگريٽ جي ڪا چڻنگ سندن دامن تي ڪري پوندي آهي ۽ سندس دامن بہ اهليبتن جي ڏک ۾ پيو ڌُکندو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن پڇندو آهيانس تہ شمشير تنهنجي قميص جي دامن ۾ هيڏا ٹُنگ آهن، تہ جواب ڏيندو آهي ها اُن جو اهو فائدو آهي تہ منهنجي قيميص ڪٽيءَ ڪان مٿجي نہ سگهندي آهي.

اڄ نصير مرزا ڪاوش ۾ شمشير بابت تمام سٺو ڪالم لکيو آهي، جنهن ۾ هُن مهرباني ڪري منهنجو بہ حوالو ڏنو آهي. ان ڪالم ۾ نصير اهو بہ ٻڌايو آهي تہ شمشير ماڻهن جا نالا ڪيئن مٽائيندو آهي. ان ۾ تاج بلوچ، ذوالفقار نقوي، مقبول پٽي، ممتاز مرزا، منظور قريشي، بيدل بدوي وغيره جا نالا اچي ويا آهن. هڪ نالو ٻيو بہ آهي، جيڪو نصير کان يا تہ رهجي ويو آهي يا کيس خبر ناهي. اسان جو دوست آهي. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جو سرگرم شخص آهي، ڪتاب ڇاپيندو آهي، سندس نالو آهي ڪرم الاهي چنا، تنهن کي شمشير ’گرم الاهي چڻا‘ چوندو آهي. پنهنجو بہ نالو رکيو اٿس. پاڻ کي ’شمشيرالهيڏڙي‘ چوندو آهي. تنوير عباسي کيس ’ڪفگير الديگڙي‘ سڏيندو هو.

شمشير جي علمي حيثيت يا شاعريءَ تي ڳالهائڻ لاءِ تہ ٻيا ڳالهائيندا، ڇوتہ مان اڃا ايڏو نہ ٿي سگهيو آهيان، جو سندس شاعريءَ جي ڪمال تي ڳالهايان. سندس شعر ۽ قطعا اڪثر دوستن کي زباني ياد آهن.

کيس عمر جي آخري حصي ۾ ملٽن جو مقابلو ڪرڻ جو شوق جاڳيو آهي. هُو نابين ٿي پيو آهي. ملٽن 44 سالن جي عمر ۾ نابين ٿيو هو. شمشير 82 سالن جي عمر ۾ هُن کي چيلنج ڪيو آهي. شايد کيس ڪو سنڌي نابين شاعر ڪونہ وڻيو، جو هو ملٽن سان مقابلي ۾ لٿو آهي.

پر دوستو! اها تہ سراسر ڏانڌلي آهي. ملٽن سان مقابلو ٿهي ڪونہ ٿو. هو جوانيءَ ۾ نابين ٿيو هو. هي 82 سالن جي عمر ۾ کيس چئلينج ٿو ڪري. اسان ان مقابلي کي نہ ٿا مڃون. دوست همدرديءَ لاءِ ايندا اٿس. پڇندا اٿس. اکيون ڪيئن اٿوَ؟

جواب ڏيندو آهي ”اکيون رب رکيون“ ٿي ويون آهن. اڃا بہ دوست همدرديءَ جي موڊ ۾ هوندا آهن، تہ شمشير پنهنجي مخصوص اسٽائيل ۾ چوندو آهي. هِن وقت تائين ڏسي ڪم هلايو اٿئون. هاڻي ٻُڌي ڪم هلائبو.

دوستو شمشير جي پارٽ اٿوَ.

ڇوتہ سندس مولا تي ننگ آهي.

—

# شب و روز شمشير ۾ گرندو وجين

شيخ اياز لکيو آهي، هڪ دفعي مون کي ڪارونجهر جبل جي ماڪي تحفي ۾ ملي هئي ۽ مون ان کي يڪدم ئي پنهنجي شاعريءَ ۾ اوتي ڇڏيو هو ۽ آءُ ٻانئيان، ته هيڏانهن شمشير، جيڪو مڌرا جو بيپناهه مشتاق آهي، اهو هن اندر ۾ نه، جڻ پنهنجي شعر ۾ اوتي ڇڏيو آهي ۽ جي اعتبار نه اچيوَ ته سندس هنن ٽڙندڙ ٽاٻڙجندڙ سٽن جي پيرن مان ئي اندازو لڳائي وٺو:

چا مسجد ۾، چا مندر ۾،
چو وقت وڄائين وندر ۾،
ٿي پنهنجو پاڻ امام،
صبح ۽ شام، گهٽي ۽ گام،
پري پي جام، محبت وارو!

۽ جيئن مون ڇيهه سالن کان شمشير جي اڄ اڃا به اجهامڻ جو نالو ئي نه پئي وٺي ۽ ڦِري گهِري ۽ وري وري اجهو اهوئي پيئي چوندي نظر اچي ته:

پيئڻ جا ٻهانا، پيارڻ جون ڳالهيون،
جيئن شال! ڪر ڪي جيارڻ جون ڳالهيون!

۽ پلا شمشير جي نالي سان، منهنجي پهرين شناسائي ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿي هئي ۽ اِها ڳالهه به آءُ هتي لکان ٿو پر پهرين مون کان پڇو ته مون اول اول هن کي ڏٺو ته ڏٺو ڪٿي!؟ جواب آهي تصويرن ۾! جيڪي ان (ستر واري) دؤر ۾ ڪن رسالن ۾ شايع ٿينديون هيون. پوءِ حيدرآباد جي ادبي محفلن ۾، ڦوهه جوانيءَ ۾ جڏهن مان اٿڻ ويهڻ لڳس، ته هن کي گهڻو ٽڙو تنوير عباسي صاحب سان ئي ڏٺم ۽ ڄاتم ته پڪ سان پاڻ ۾ گهاٽا گهرا دوست آهن ۽ ڪيئي اهڙيون محفلون به ياد پيون اَچنم، جن ۾ ٻڌم ۽ ڏٺم ته جي شمشير پري ڪٿي ويٺو هوندو هو، ته تنويرصاحب حُب مان، هُن ڏانهن وڌندي، سدائين ايئن پيو چوندو هو:

شمشير ڪي سڏ ڪريو شمشير ڪٿي آهي،
محفل ڪي مچائيندو، ان جو ئي سخن شايد!

۽ شمشير جي نالي سان به هيءَ ڪا عجب جهڙي ئي ٽرئجڊي آهي، جو هيڏانهن جي آءُ نصير، هن کي سدائين زير سان شمشِير 'شَمشِير' ڪري پيو سمجهندو ۽ مخاطب ٿيندو هوس ۽ هوڏانهن، تنوير عباسي صاحب وري ڪيس هميشه زبر سان پيو سڏيندو هو: شَمشَير 'شَمشَير'.

ٻانيان ٿو 1981ع وارو ساهت سال هو ۽ اسين سنڌ مدرسي ڪراچيءَ جي وسيع ميدان ۾ ڪُل سنڌي مشاعري ڏانهن وڃڻ لاءِ اتي موجود هئاسين، جو حسبِ دستور، شمشير کي تنوير سان گڏ ويٺل ڏٺم، تڏهن وڏي سندس پر ۾ وڃي آءُ ويٺو هوس ۽ بس الائي ڇو؟ تنوير کان پڇي ويٺو هوس. توهان ٻنهي همعصرن ۾، ڄمار ۾، وڏو ڀلا ڪير؟ ۽ ننڍو ڪير!؟ تڏهن تنوير ئي چپ چوريا: آءُ 1934ع جي پيدائش ۽ شمشير 1931ع جي، سو لامحاله، شمشير ئي عمر ۾ مون کان وڏو آهي.

يڪدم شمشير، جهڙوڪر غم ۽ غصي سان ڇٽي ويٺو. 'ها سائين! تون منهنجو معشوق' رهيو آهين ۽ آءُ تنهنجو 'عاشق!' ۽ بس انهن ئي پيرن تي ڪِلندي چيائين: "اڙي بابا، هڪڙي ئي سال جو ته فرق آهي، پنهنجي عمرين ۾، سو جي چئين ها، ته هڪ جيڏا آهيون، ته ڇاٽي پوَنئي ها!"

۽ اسان جو هي شمشيرالحيدري، خوش دل، سدا بهار، هر حالت ۾ مولا تي ٻاڙيندڙ انسان ته آهي ئي، پر هڪڙو اهڙو شاعر به آهي، جيڪو جيڪا به سٽ لکي ٿو اُها ڄڻ پر هٽي اُڏامڻ ٿي لڳي. مثال طور شمشير جون هي سٽون ته هر محفل ۾ زبان زَد عام پيون ٻڌبيون آهن:

'دل جي پر شوق دلاسن تي'...
'نظر جي ڳالهه زبان سان ڪجي ته ڪيئن ڪجي.'
'اوهين ته وسرڻ جا ڪين آهيو...'
اوهين وساري ڇڏيو ته وهوا!
'ڪڏهن ماهتاب جي مرڪ ۾، ڪڏهن گل گلاب جي سرڪ ۾.'

’چوي ڪير ٿو تہ تون ڪجھہ نہ ڪر....‘

”اوهين آهيو سهڻا، اوهان جي اهائي وڏي ڳالھہ آهي“

”جهانِ عشق جو سردار آخري آهيان.“

– ۽ اتفاق سان جنهن محفل ۾ شمشير، صدارتي ڪرسيءَ تي موجود هوندو آهي ۽ آءٌ اتي اسٽيج سيڪريٽري تہ ان محفل جي پهرئين سيشن جي پڄاڻيءَ ۽ ٻئي سيشن جي شروع ٿيڻ کان اڳ ڪيس مخاطب ٿي، سندس ئي هي شعر ماحول ۾ خوشگواريت پيدا ڪرڻ جي لاءِ پڙهڻ لڳندو آهيان.

خالي بہ ڪريو جلدي، انصاف جي مسند ڪي،
مظلوم اچي پهتا، حقدار هجن شايد!

– ۽ هي اسان جو شمشير، جنهن بابت اڄ سڀ ئي ڄاڻي چڪا آهن تہ ابتدا ۾ ڪتابن ۽ پوءِ پرائيويٽ نموني سان تعليم حاصل ڪندڙ هڪ پورهيت شاعر ۽ دانشور آهي، پر ڪتابن ۾ پڙهيل ڪيترن ئي ڪتل ڪتابين جي ڀيٽ ۾ اسان جي هن شمشير وٽ، جيترو پنهنجي ٻولي، تاريخ، ثقافت ۽ سياست جو شعور آهي، ۽ پنهنجي شعر ۾ هن جئن. ان ڪي اظهاريو آهي، ان جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪو ٻيو مثال ملڻ، مشڪل آهي. شاهہ لطيف، مولوي احمد ملاح ۽ لاڙ جي لهجي ڪي هن پنهنجي شاعريءَ ۾ جيئن سمويو آهي، اهو تہ سچ پنهنجو مٽ ئي پاڻ آهي. – ۽ ان ڏس ۾ منهنجو هي بہ خيال آهي تہ:

نارائڻ شيام کان پوءِ حسن جي حسناڪين ۽ نازڪين ڪي بيشڪ تہ تنوير عباسيءَ صاحب بہ واهہ جو بيان ڪيو آهي، پر ان ڏس ۾ مثال طور شمشير جي هنن اعليٰ تخليقي سٽن جي بہ ڪيا بات آهي: جن ڪي پڙهي ۽ ٻڌي، لونءَ لونءَ ڪانڊارجو ٿا وڃن: مثال طور:

تون ياد وري آئين!

چيڙن جي ڪنارن تي، جڻ باهہ ٻري آئي،
انگ انگ ۾ اُٿيا اڌما، لونءَ لون ۾ ورهہ وائي،
رڳ رڳ ۾ هلي هوريان، احساس جي ڪتڪائي!

– ۽ ان ڏس ۾، شمشير جي لکيل هڪڙي مشهور لوڪ گيت جو ٿورو هي بند بہ ڏسو:

سنهڙو سنهڙو چولڙو مانجو،
هيڪلي هنڌ ۾، سيءَ مران جو،
تون ئي اڃهو اوڇڻ مانجو.
ٿو هر ڪهڙو ٿُڙ،
جبل مٿي جُهڙ!

– ۽ هاڻي سنڌڙي، يعني پنهنجي ماتر ڀوميءَ جندڙيءَ ڪي ڀيٽا ڀريو شمشير جو هي الوهيت ۽ بيخوديءَ سان ڀرپور لهجو بہ ملاحظہ فرمايو:

تون ڪٿي؟ موٽ جي اڄ سين لڳائي آهي.

خير هاڻي تہ شمشير، سدائين لاءِ وڃي ڪراچيءَ ۾ پاڪستان ڪوارٽرز ڪي وسايو آهي، پر جنهن وقت سٺ واري ڏهاڪي ۾ هن ننڍي شهر، ضلعي بدين مان ڪوچ ڪيو هو تہ پهرين ڦليليءَ جي ڪناري سان ٽنڊي آغا حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر قمر جهان مرزا وارن جي مسواڙي گهر ۾ اچي لڏو لاٿو هو. هي ڪاروانِ ڪربلا ڪتاب جو مصنف اثنا عشري شيعو ۽ شديد ماتامي ۽ مولائي شمشيرالحيدري هو. جنهن وٽ، ان وقت، غمِ روزگار لاءِ صرف حڪيم نذير حسين حيدريءَ جا ٻڌايل ڪي ناياب حڪمت جا نسخا ڀيٽ ۾ هئا. قمر جهان مرزا (جنهن ڪي پيار ۾ اسين ادي گيگي سڏيندا آهيون) ان جي والده ٻڌايو تہ، اهي نسخا سٽڻ ڪٽڻ لاءِ شمشير، هن خاندان کان پٽل جو هڪ حمام دستو اُڌارو ورتو هو. ۽ بقول قمر آپا جي اهو حمام دستو شمشير ڪي پوءِ ايترو گهڻو پسند آيو هو، جو والده قمر جهان هن ڪي اهو پوءِ اِن دعا سان ڏيئي ئي ڇڏيو تہ، ابا! ڏٺي ڪندو جو تون هڪ ڏينهن، سنڌ جو حڪيم اجمل ثابت ٿيندين ۽ تنهنجي پُڙين مان سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن ڪي انشاءَ الله وڏي شفا بہ پلئہ پوندي! بقول قمر آپا جي... بعد واري زماني ۾ پوءِ جڏهن امان ٻڌو تہ شمشير، حڪمت ڇڏي وڃي شعر و شاعريءَ جي ميدان ۾ پير پاتو آهي تہ مرحومہ مرندي وقت تائين چوندي رهي تہ اَبا

ڪو آهي، جيڪو شمشيرڻ کي وڃي چوي تہ هو جڏهن سفوف ٺاهڻ ۾
حڪمت جوڳ پڙيون ٻڌڻ جو ڪم ڇڏي چڪو آهي، تڏهن پلائي ڪري،
منهنجو اهو خانداني حمام دستو تہ مون کي ورائي موڪلي، جيڪو شاديءَ ۾
مون کي ماءُ وٽان ڏاج طور مليو هو.

اُن کان پوءِ هيءُ شايد اسيءَ جو ڏهاڪو هو ۽ گاڏي کاتي ۾ سائين
نثار حسينيءَ واري آگم پبلشنگ ايجنسيءَ جو پليٽ فارم هڪ اهم اداري
طور ابري سامهون اچي چڪو هو. اسين ان اداري جي آفيس ۾ هڪ شام جو
خوشگپين ۾ مصروف هئاسين تہ ڪنهن اچي اطلاع ڏنو. شمشير سيپ
ڪجھ ڪراچيءَ ۾ ڇڏي بدين واپس پهچي چڪو آهي ۽ جيڪي وٽس
زمين جا چار چونڪ اتي آهن، هو انهن ۾ سونف پوکرائي، هارين کان جهار
وينو پيو هڪلرائي. ۽ ان ڳالھ کي اڃا ٿورو ئي وقت مس گذريو هوندو تہ
هي افسوسناڪ اطلاع پهتو: تہ سونفن جي پوک تي ماڪڙ جو حملو ۽ تباھ
حال شمشير، واپس پاڪستان ڪوارٽرز پهچي ويو.

– ۽ هي بہ اهڙا ئي ڪي ڏينهن هئا، جڏهن شمشير، بيدل مسرور
جي ادبي پروگرام مخزن ۾ مخدوم طالب المولي جي ڪتاب ”سنڌي
مخففات“ تي تبصري لاءِ آيل هو ڪئميرا آن ٿي ۽ شمشير ڳالهائڻ جو
شروع ڪيو تہ لفظ ’مخففات‘ جي تلفظ تي اٽڪي بيهي رهيو. ڪنهن وقت
سندس زبان مان مخففات ٿي نڪري ويو تہ ڪنهن وقت وري مخفف، ففات
يا ’مخففففات‘. بهرحال پوءِ جيئن تيئن قسطن ۾ ئي سهي ’مخففات‘ هو چئي
تہ ويو پر ڪاوڙ ۾ پوءِ ڪتاب کي اُتي ئي ڇڏي، پاڻ الائي ڪيڏانهن هليو
ويو.

شمشير ڦهر جو جملي باز بہ آهي. هڪڙي پيري ٽي ويءَ تي محفلِ
مسالمہ جي رڪارڊنگ ۾ سيٽ تي اچي ويٺاسين تہ پروانو ڀٽي صاحب
يڪدم ڪيسي مان وڏي تسبيح ڪڍي، مڻڪا تيزيءَ سان ڦيرائڻ ۾ مشغول
ٿي ويو، سندس پرسان موجود شمشير، جو اهو لقاءُ ڏٺو تہ سندس مزاح جي
رڳ ڦڙڪي اٿي. چيائين: ”پروانا! اهو ڏنڊو وري ڪڏهن کان شروع ڪيو
اٿئي؟“ تڏهن پرواني صاحب بہ گهٽ نہ ڪئي، تڙي ڪڙي وراڻيائينس: ’تو جو
اهو ڏنڊو ڇڏيو تہ اسان شروع ڪري ڏنو. آخر تو واري ان ڪاروبار کي جاري
تہ رهڻ ئي گهرجي نہ!‘

پانئيان ٿو اهڙن جملن جي ڏي وٺ اڃا بہ جاري رهي ها، پر اوچتو
پينل تان پروڊيوسر سميع بلوچ جو آواز اڀريو.... ڪِيپ ’سائلنٽ ۽ ڪِيُو
آفٽر فائيو سيڪنڊس!‘

هتي هي بيو اوقعو بہ ياد اچي ويم، شايد 1993ع وارو سال هو ۽
مهينو جنوري، ۽ اسين اديب شاعر، اختر مرزا جي سرواٽيءَ ۾ هڪ
ايئرڪنڊيشنڊ ڪمپارٽمنٽ ۾ سوار ٿي، ڀٽي صاحب جي سالگرھ واري
تقريب لاءِ لاڙڪاڻي اچي پهتا هئاسين، هڪ کان هڪ اديب، شاعر، دانشور
ريل جي اُن گاڏيءَ ۾ سوار هئا. آغا سليم، عنايت بلوچ، شبنم گل، شمشير
الحيدري، مراد علي مرزا ۽ بيا بہ الائي ڪير ڪير. خبر پئي تہ سفر ۾
شمشير تپجي پيو آهي ۽ آغا صاحب جي سيٽ تي سُمهي پيو آهي-

صبح جو مُنهن تي چنڊبو هٽي. ٽري پيس پائي شمشير مٿان برٿ
تان هيٺ جو لٿو تہ ڏٺم، صفا اُلڙيو پيو هو. هجت مان چيومانس: شمشير
سائين! اڄ تہ صفا پروفيسر اڪرم علي انصاريءَ جون سڪون پيا لاهيو ۽
منهنجي انهيءَ جملي تي هاٽي، آغا سليم صاحب، هن ڏانهن نگاھ ڪئين ۽
خوش دليءَ سان ٺهہ پهہ چوڻ لڳو: اڙي مَنَا! اڪرم انصاري وري ڪاٽي؟ اڄ
تہ اسان جو شمشير صفا ايئن پيو لڳي، جهڙو ڊاڪٽر هوتچند مولچند
گربخشاڻي هجي.

شمشير پنهنجي گفتار ۾ ڪيترو witty آهي ۽ ڪيترا تيز ترار
جُملا ڳالهائي سگهي ٿو اُن جو هڪڙو تجربو تہ مون کي بہ واھ جو ٿيو ۽ اهو
بدين ۾ لاڙ ثقافتي ميلي جو موقعو هو. ماحول ۾ شديد گرميءَ ۽ گهُٽ هئي ۽
سڄو پنڊال ماڻهن سان ’ٽائيٽ پيڪ‘ لڳو پيو هو. اوچتو مون کي شايد اڄ
اچي سگهُن تي جو ڪنيو تہ، ڪنهن ٻڌايم اسٽيج پرسان ڪنڊ ۾ شمشير
ليڊي ڪمپيئر لاءِ تازه بہ تازه ڪمپئرنگ لکندو هن کي ڏيندو پيو وڃي.

اتي ئي هن وٽ پرسان ٿڌي پاڻيءَ جو ڪولر بہ رکيو آهي، وچ.... ۽ وچي وٺائنس پاڻي پي اچ اجهائي اچ! آءٌ ٻوڙي وٺس پهتس ۽ اتاولائيءَ مان چيومانس: ”ٻڌو اٿم اوهان وٽ ٺنڊاٺار پاڻيءَ جو ڪولر آهي. ڪي چار ڍڪ پاڻيءَ جا تہ ڏيو! شمشير جنهن تيزيءَ سان پني تي ڪجھ لکيو ويٺي، يڪدم ئي مُنهن مٿي ڪري، مون ڏانهن ڏٺائين ۽ گلاس هٿ ۾ ڏيندي هڪڙو اشارو ڪندي، کِلندي چيائين: هان ’نصير....! ڪولر جي ٽونٽي اجهو هِن پاسي اٿئي.‘

شمشير، مست آهي، ملنگ آهي، پوڳائي آهي. ٽڙنگ آهي، ٽوٽڻائي آهي، تمام ذهين ۽ وڏو شاعر ۽ لکاري آهي ۽ تمام تر اهڙي اميريءَ ۽ شهنشاهيءَ جي شمشير اقتصادي طرح سان پاڻيرو تہ مون کي ڪڏهن بہ نظر ڪونہ آيو آهي. توڙي جو ننڍي شهر ڪيڙ مان هجرت ڪري حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ پاڪستان ڪوارٽرز ۾ وڃي مستقل خيما کوڙڻ جي عرصي دوران، هن معرڪا بہ وڏا وڏا سر ڪيا. ڪڏهن تہ ماهي ’مهراڻ‘ جو اسسٽنٽ ايڊيٽر ٿيو تہ ڪڏهن ’نئين زندگي‘ رسالي جو سمپادڪ. ڪڏهن روزانہ ’مهراڻ‘، اخبار جو مائل اسٽون ايڊيٽر. تہ ڪڏهن ’يوٿ افيئرز‘ واري منسٽريءَ ۾ اعليٰ منصب دار. ڪڏهن سنڌي ادبي سنگت جو سرواڻ تہ ڪڏهن ادبي بورڊ جو ڪل مختار سيڪريٽري. ۽ باوجود ايترن اعليٰ عهدن ۽ منصبن جي هر دؤر ۾ شمشير جي رام ڪهاڻي، بس اها ئي رهي تہ... ’مولا تي ننگ آهي.‘

پانئيان ٿو اِهو اسيءَ وارو ڏهاڪو هو. ٿي ويءَ تي ڪنهن ادبي بحث مباحثي واري پروگرام لاءِ، ممتاز مرزا صاحب جي آفيس ۾ ويٺا هئاسين، خبر پئي تہ حيدرآباد ۽ خيرپور وارا اديب شاعر تہ ڪفن سِر سان ٻڌي ٽي ويءَ تي پهچي چڪا هئا، ۽ نہ پهتو هو تہ، ڪراچيءَ جي پاڪستان ڪوارٽرز مان شمشيرالحيدري! شايد تاجل بيوس، مشورو ڏنو يارا پوءِ ڪٽي پلا، فون ڪريوس نہ تہ، تڪڙو اچي. تڏهن ممتاز صاحب جي آفيس ۾ ٺهڪڙو مچي ويو هو. اڙي هان، اهو ڇا جي لاءِ؟ ممتاز صاحب چيو. اڙي يار! غريب وٽ فون گهر ۾ آهي ئي ڪونہ. اُن لاءِ هن کي پاڙي واري ڏوبيءَ جي دُڪان تي فون ڪرڻو پوندو آهي ۽ جيستائين هولڊ ٿيل فونَ دوران هن کي ڪو گهران سڏڻ ويندو آهي، تيستائين فون جو بل وڃي سوين روپين تائين پهچندو آهي.

خير.... هتي ڳالھ مون هيءَ بہ ڪرڻ پئي چاهي تہ شمشير بدين جي هڪ ننڍڙي علائقي ننڍي شهر ۾ جنم ورتو هو ۽ سندس وڏڙا، اثنا عشري خواجہ هئا ۽ سندس ناناڻن مان هڪڙو مامو، حڪيم نذير حسين حيدري ۽ ٻيو مامو، غلام حسين ملنگي، پنهنجي تڙ جا، ناميارا ۽ هاڪارا انسان تصور ڪيا ويندا هئا ۽ انهن مشهور ماڻهن جي پاڻيجي يعني هن شمشيرالحيدريءَ بابت، مون جڏهن کان ادب ۾ اک پٽي آهي، اهوئي پئي ٻڌو آهي تہ هو پاڪستان ڪوارٽرز ۾ رهندو آهي. اهوئي پاڪستان ڪوارٽرز جي پڳل جهريل ۽ غريباڻي ڪوارٽر ۾ رهيو پيو آهي. ۽ مون کي ياد آهي، شمشير اڃا نئون نئون آزاد نظم جي دنيا ۾ پير پاتو هو تہ مستانہ وار هن چيو پئي: ’هلندا تہ هلو اي همسفرو‘ ۽ گڏوگڏ اها بہ صدا بلند ڪندو پئي آيو تہ: ’حياتي نہ بيٺي، ڪڏهن قافلا زندگيءَ جا نہ بيٺا‘.... ۽ مسلسل ڪار زارِ حيات ۾ آءٌ پانئيان تہ شمشير ائين چوندو ايترو تہ هلندو رهيو، جو سمجهان ٿو تہ ڪجھ گهٽ ئي اڳتي نڪري ويو ۽ جي ائين نہ هجي ها تہ قافلي ۾ گڏ هلندڙن مان پويان کان ڪنهن جي پڪار تي هو هيئن قطعي نہ چوي ها:

مان تہ منزل کان گهڻو اڳتي هليو ويو آهيان،
تو ۾ شاھ پٺائي آهي، تو ۾ شاھ درازي،
تو ۾ دودو دولھ دريا، هوشوءَ جهڙا غازي،
لعل قلندر جهڙا تو ۾، جڳ کي جوت ڏين،
سنڌ سنهاڻي، ساھ سيباڻي، تنهنجا ڳوٺ وسن!

– ۽ ڏنو وڃي تہ شمشير جي شاعريءَ ۾ ٻيو بہ تہ گهڻو ئي ڪجھ آهي، هجر و وصال، حسن و جمال. دنيا جي ٻي قيل مقال ۽ جي ڪجھ ناهي تہ اها آهي مايوسي ۽ نااميدي– ۽ اُها ان ڪري بہ جو آفٽر آل شمشير صرف

مستقبل پسند ۽ هر حالت ۾ هڪڙو آدرشي شاعر آهي. سندس هي هيٺيون سٽون ان ڳالهہ جي ئي گواهي ڏين پيون:

يقين آهي تہ ايندا پنيان اچڻ وارا،
اچي هتي ئي ڪندا پنهنجي وقت جي منزل،
انهيءَ جي لاءِ پيلا ڪا تہ روشني گهرجي،
مچائيندا جي وڏي اڳتي عزم جي محفل.

– ۽ اسان جو اهوئي آئيندي ۾ ويساهہ رکندڙ ۽ پُراميد شاعر، شمشيرالحيدري، هاڻي قريبن اسي ورهين جو ٿي چڪو آهي ۽ ان ڄمار ۾ هاڻي جڏهن هن کي، رڳو ئي رڳو، صحت افزا غذائون واپرائڻ گهرجن، پر انهن جي پيٽ ۾، هن اڄ بہ جان جگر جلائيندڙ ۽ بدن ڳاريندڙ انگور جي رس کي بلڪل ترڪ ناهي ڪيو. ۽ انهيءَ بي احتياطي سبب، شمشير کي ڏينهن بہ ڏينهن ڪمزور ٿيندي ڏسي، هاڻي آءٌ سندس ئي هي شعر اڪثر هن جي سامهون پڙهڻ شروع ڪري ڏيندو آهيان:

شب و روز شمشير ڳرندو وڃين،
لڳي وئي زماني جي توکي نظر.

– ۽ هاڻي آخر ۾ دعا ٿو گهران تہ منهنجو ۽ شمشير جو مولا، شال هن کي هميشہ پنهنجي حفظ ۽ امان ۾ رکي، سهڻي صحت ۽ وڏي حياتي بخشي، پر هو جيڪو چئبو آهي: دنيا دم گذر ڙي بابا ۽ گڏوگڏ ٿڏو شوڪارو پري هي بہ پيو چئبو آهي تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن هن، دارالفانيءَ مان دارالبقاءَ ڏانهن هلڻو هر ڪنهن کي ئي آهي.

– ۽ دارالبقاء ڏانهن ويندڙ اهڙين شخصيتن مان اتفاق سان جي ڪا شخصيت وڏي ڪنهن اديب، شاعر يا سياست ڪار جي هوندي آهي تہ اخبار ۾ سرخي سجائڻ جي لاءِ ان مرحوم جي مناسبت سان، ڪنهن نهڪندڙ سٽ يا شعر جي ڳولا ۾، اخباري دفترن اندر، دفترن جا دفتر کلي ويندا آهن ۽ وٺ وٺ ٿي ويندي آهي، پر خوشا نصيب! ان ڏس ۾ بہ اسان جي هن شمشيرالحيدري، ريڊيو، ٽي وي ۽ اخبار وارن لاءِ اڳواٽ ئي هڪ شعر لکي، کين وڏي تڪليف کان جهڙوڪر بچائي ئي ورتو آهي. هونئن تہ هت منهنجي دعا آهي تہ اهڙو دکدائڪ ڏينهن، خدا ڪري تہ ڪڏهن بہ نہ اچي، پر جي قضاءِ الاهيءَ سان اچي ٿو وڃي ۽ شمشير موڪلائي ٿو وڃي تہ ڏسجو وينا، ريڊيو تان اهڙو اعلان ٿئي يا ٽي ويءَ تان... ڪنهن ڪالم جو عنوان مقصود هجي يا اُن ڏينهن واري اخبار جي هن مين هيڊنگ جي لاءِ ڪو شعر! اوهان کي هر هنڌ، هن جو هيءُ شعر ئي لکيل نظر ايندو:

هڪڙو شمشير هو زماني ۾،
سو بہ دنيا مان اڄ گذاري ويو!

–

## Editorial Board

Muhammad Ibrahim Joyo
Dr. Ghulam Ali Allana
Noorul Huda Shah



ISSN: 968_8194_01_0

**SINDHI BOLI**
Research Journal

**Chief Editor**: Dr. Fahmida Hussain
**Editor**: Taj Joyo
**Asst. Editor:** Khalid Azad
**Composing:** Hussain Ahmed Memon
**Graphics:** Assadullah Bhutto
**Vol**: 5th
**Issue**: 1st 2012
Year: January- March 2012
**Quantity**: 1000
**Price**: Rs. 70/=
**Published by**: Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh 71000, Pakistan.
**Tel**: 022-9240050-53
**Fax**: 022-9240051
**E-mail**: sindhila@yahoo.com
**Website**: www.sindhila.org
**Printed by**: Pakiza Printers, Hyderabad, Sindh


# SINDHI BOLI

## *Research Journal*


***Vol: 5, issue 1st , Jan-March 2012***


Chief Editor
**Dr. Fahmida Hussain**

Editor
**Taj Joyo**

Sindhi Language Authority,
Hyderabad, Sindh